ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
69 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (95)   اربع 09 سيپٽمبر 2026ع 26 ربيع الاول 1448ھ صفحا 6 - ملھ 30 روپيه   شمارو (25)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com
Wednesday 9th September 2026

سنڌ اسيمبلي ۾ پيٽروليم ليوي ۽ وڌندڙ مهانگائي خلاف گڏيل ٺهراءُ منظور، ايم ڪيو ايم جو احتجاج

اجلاس ۾ جماعت اسلامي پارليماني ليڊر محمد فاروق طرفان پيش ڪيل قرارداد ۾ وفاقي حڪومت کان پيٽروليم ليوي فوري طور ختم ڪري عوام کي مهانگائي مان رليف ڏيڻ جو مطالبو

پيٽروليم ليوي وفاقي حڪومت جو معاملو آهي، تنهن هوندي به معاملو عوامي اهميت جو آهي، ان ڪري سنڌ حڪومت قرارداد جي مخالفت نٿي ڪري سگهي: صوبائي وزير ضياءُ الحسن لنجار

ايوان ۾ ڊپٽي اسپيڪر انٿوني نويد طرفان لڳ ڀڳ ڏيڍ سئو سالن کان پوءِ ڪرسچن فيملي لا بل 2026ع پيش ڪيو ويو. مخالف ڌر کي بل جي منظوري لاءِ ساٿ ڏيڻ جي اپيل

اسپيڪر اويس قادر شاهه بل کي وڌيڪ غور ۽ سفارش لاءِ لاڳاپيل اسٽينڊنگ ڪميٽي حوالي ڪري ڇڏيو. هي هڪ تاريخي بل آهي ۽ اسان ان جي حمايت ڪريون ٿا: جماعت اسلامي جا ميمبر

اجلاس دوران دوران ايم ڪيو ايم جي ميمبرن طرفان گوڙ ۽ سخت هُل هنگامو ڪيو ويو "سنڌو ديش نامنظور"، "اسپيڪر گردي نامنظور" ۽ "لاٺي گولي جي سرڪار نه هلندي" جا نعرا

ڪراچي (رپورٽ: راهب گاهو) سنڌ اسيمبلي ۾ اڱاري ڏينهن پرائيويٽ ميمبرز ڊي جي موقعي تي ايم ڪيو ايم پاڪستان جي ميمبرن طرفان شور شرابو ۽ نعريبازي جاري رهي، جڏهن ته پيٽروليم ليوي ۽ وڌندڙ مهانگائي خلاف جماعت اسلامي جي پارلياماني ليڊر محمد فاروق طرفان پيش ڪيل قرارداد متفق طور منظور ڪئي وئي قرارداد ۾ وفاقي حڪومت کان مطالبو ڪيو ويو ته پيٽروليم ليوي فوري طور ختم ڪري عوام کي وڌندڙ مهانگائي مان رليف فراهم ڪيو وڃي پارلياماني معاملن واري صوبائي وزير ضياءُ الحسن لنجار چيو ته پيٽروليم ليوي وفاقي حڪومت جو معاملو آهي سنڌ حڪومت ان سلسلي ۾ ڪجهه نٿي ڪري
بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: سنڌ اسيمبلي جي اجلاس دوران ايم ڪيو ايم پاڪستان جا ميمبر احتجاج ڪري رهيا آهن

جانبداري وارو رويو ختم نه ٿيو ته اسان به اجلاس هلڻ نه ڏينداسين: علي خورشيدي

اسان سمجهنداهئاسين ته اسپيڪر غيرجانبدار آهن، ان ڪري سنڌس حمايت ڪندا رهيا آهيون

مخالف ڌر جي ميمبرن جو اسيمبلي بزنس جاڻي واڻي گهٽايو يا ختم ڪيو وڃي ٿو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايم ڪيو ايم
بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

لاهور ۾ ايف آءِ اي هٿان حوالا هنڊي ۽ غيرقانوني ڪرنسي ايڪسچينج ۾ ملوث جوابدار گرفتار

لاهور (اي پي پي) ايف آءِ اي ڪمرشل بينڪنگ لاهور ڪارروائي ڪندي حوالا هنڊي ۽ غيرقانوني ڪرنسي ايڪسچينج
بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: مالديپ ۾ پاڪستان جو هاءِ ڪمشنر فهد هارون سان هٿ ملائيندي

گڏيل عرب امارتن جي صدر نيتن ياهو کي حماس جي حملي بابت اڳواٽ خبردار ڪيو هو

صدر شيخ محمد بن زايد ذاتي طور تي اسرائيلي وزيراعظم کي آگاهه ڪري ڇڏيو هو: هارٽز

اسرائيلي وزيراعظم ان مبينا وارننگ بابت اسرائيلي سيڪيورٽي اختيارين کي آگاهه نه ڪيو

تل ابيب (م ڊ) اسرائيلي اخبار هارٽز دعويٰ
بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

سعودي عرب تي حوثي باغين جو وڏو حملو، ڊرون ۽ ميزائل فائر، 73 زخمي، هر ڏکي گهڙي ۾ سعودي سان گڏ آهيون: شهباز شريف

گذريل ٽن ڏينهن دوران يمن تي سعودي عرب جي 120 کان وڌيڪ حملن جي جواب ۾ سعودي عرب جي اقتصادي ۽ فوجي هدفن تي درجنين ڊرون ۽ ميزائل فائر ڪيا آهن: باغين جي دعويٰ

يمن جي حوثي جماعت انصارالله سعودي شهرن ابها، خميس مشيط، نجران ۽ جازان ۾ حملا ڪيا جن دوران شهري ۽ اقتصادي تنصيبات کي نشانو بڻايو ويو. حملن ۾ عورتن ۽ ٻارن سميت 73 ڄڻا زخمي ٿيا

يمني هٿياربند فوج ترجمان يحيٰ سريع، فاصلي تائين مار ڪندڙ وڏي پئماني جي فوجي ڪارروائي ڪئي، حملن ۾ سعودي عرب جي مختلف اقتصادي ۽ فوجي هدفن کي نشانو بڻايو ويو: ترجمان

حوثين طرفان ابها، خميس مشيط، جازان ۽ نجران شهرن ۾ شهري ۽ اقتصادي انفراسٽرڪچر تي حملن جي نتيجي ۾ عورتن ۽ ٻارن سميت 73 سعودي شهري زخمي ٿيا آهن: سعودي اختياريون

سعودي اختيارين طرفان حوثين جي نشوائن تي ڪو سرڪاري ردعمل سامهون نه آيو. بيگناهه شهرين ۽ شهري آبادي کي نشانو بڻائڻ واري ڪارروائين جا سنگين نتيجا نڪري سگهن ٿا: پرڏيهي وزارت

اسان سعودي عرب سان هر ڏکئي وقت ۾ گڏ بيٺل آهي پاڪستان سعودي عرب جي خودمختياري، سلامتي ۽ علائقائي سالميت لاءِ پنهنجي مستقل حمايت جو عزم ورجائي ٿو: وزيراعظم

رياض/ اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) يمن جي حوثي باغين دعويٰ ڪئي آهي ته هنن گذريل ٽن ڏينهن دوران يمن تي سعودي عرب جي 120 کان وڌيڪ حملن جي جواب ۾ سعودي عرب جي اقتصادي ۽ فوجي هدفن تي درجنين ڊرون ۽ ميزائل فائر ڪيا آهن. حوثي فوج جي ترجمان يحيٰ سريع چيو آهي ته يمني هٿياربند فوج ڊگهي فاصلي تائين مار ڪندڙ وڏي پئماني جي
بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت ۾ اجلاس ٿي رهيو آهي

حڪومت مشڪل حالتن جي باوجود ملڪي معيشت کي بهتر بڻائڻ لاءِ موثر قدم کڻي رهي آهي: وزيراعظم

ملڪ جي واپاري برادري جي مدد سان نمايان قدم کنيا ويا ۽ ڪيترا سڌارا متعارف ڪرايا ويا

انفورسمنٽ جي ذريعي هڪ سال ۾ 800 ارب رپيا ريڪور ڪيا ويا، ڪو نئون ٽيڪس نه لڳايو ويو

پاڪستان جي تاريخ ۾ ماضي ۾ ائين نه ٿيو جهڙي طرح بهتري آندي وئي آهي: وفد سان ڳالهيون

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو آهي ته مشڪل حالتن
بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

سنڌ هڪ آهي، هڪ ئي رهندي "سنڌ اسيمبلي جو ٺهراءُ ايوان صدر ۽ وفاقي ادارن ڏانهن موڪليو ويو

سنڌ اسيمبلي سيڪريٽريٽ طرفان مسودو صدر ۽ وزيراعظم جي پرنسپل سيڪريٽرين ڏانهن اماڻيو ويو

قانوني ۽ آئيني قاعدن موجب سنڌ اسيمبلي جي منظور ڪيل قرارداد تي عملدرآمد ڪرڻ ضروري آهي: موقف

لاڳاپيل اختيارين 30 ڏينهن اندر ٺهراءُ تي عملدرآمد نه ڪيو ته تحريڪ استحقاق پيش ڪري سگهجي ٿي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ اسيمبلي طرفان منظور ڪيل تاريخي ٺهراءُ "سنڌ هڪ آهي" جو مسودو ايوان صدر، وزيراعظم سيڪريٽريٽ، سينيٽ ۽ قومي اسيمبلي ڏانهن رسمي طور موڪليو ويو آهي. سنڌ
بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

سينيٽ موبائيل ايپلي ڪيشن سان ڪارڪردگي ۾ بهتري ۽ وڌيڪ شفافيت ايندي: گيلاني

پارلياماني نظام ۽ سينيٽ جي سفر ۾ ڊجيٽل تبديلي جي هڪ نئين دور جي شروعات آهي

ماضي ۾ پارلياماني ۽ حڪومتي معاملا وڏي حد تائين روايتي نظام تحت سرانجام ڏيندا ويندا هئا

اسلام آباد (اي پي پي) وقتي صدر ۽ سينيٽ چيئرمين سيد يوسف رضا گيلاني سينيٽ موبائيل ايپلي ڪيشن جو افتتاح
بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

ملڪ جي اڪثر ميداني علائقن ۾ موسم گرم ۽ گهميل رهندي: موسميات کاتو

اسلام آباد (اي پي پي) موسميات کاتي اڳڪٿي ڪئي آهي ته ايندڙ 24 ڪلاڪن
بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

معياري تعليم تائين برابر پهچ هر ٻار جو بنيادي حق آهي: سردار اياز صادق

خواندگي جي شرح ۾ اضافو خوشحال ۽ ترقي يافته معاشري لاءِ ضروري آهي

آئين تحت 16 سال تائين جي ٻارن کي مفت تعليم جي فراهمي رياست جي ذميواري آهي

اسلام آباد (اي پي پي) قومي اسيمبلي جي اسپيڪر سردار اياز صادق چيو آهي ته خواندگي قومي ترقي ۽ خوشحال معاشري جو بنياد آهي. خواندگي جي شرح ۾ اضافو خوشحال ۽ ترقي يافته معاشري لاءِ ضروري
بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

سمورا ادارا هائيڊرولاجيڪل خطري کي منهن ڏيڻ لاءِ آپريشنل تياري برقرار رکن: احسن اقبال

وفاقي، صوبائي ۽ ضلعي سطح تي موثر رابطا ۽ ڪوآرڊينيشن برقرار رکيو وڃي

ملڪ جي مختلف علائقن ۾ ايندڙ ڏينهن دوران گرمي پد ۾ اضافي جو امڪان آهي

اسلام آباد (اي پي پي) رٿابندي، ترقي ۽ سڌارن واري وفاقي وزير پروفيسر احسن اقبال چيو آهي ته سمورا لاڳاپيل ادارا ڪنهن به
بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

ايران تي آمريڪي ۽ اسرائيلي حملن خلاف اسلامي ملڪن کي ذميوارانو ردعمل ڏيڻ گهرجي: عباس عراقچي

طاقت جي استعمال ۽ جارحاڻن قدمن کي منهن ڏيڻ لاءِ اثرائتا قدم کڻڻ ضروري آهن

ايراني پرڏيهي وزير او آءِ سي جو سيڪريٽري جنرل مقرر ٿيڻ تي حسين ابراهيم طه کي مبارڪباد ڏني

اميد نئون سيڪريٽري جنرل او آءِ سي جي صلاحيتن کي اثرائتي نموني استعمال ڪندو

تهران (م ڊ) ايراني پرڏيهي وزير عباس عراقچي اسلامي سهڪار تنظيم (او آءِ سي) جي نئين سيڪريٽري جنرل سان ٽيليفون تي ڳالهائيندي چيو آهي ته اسلامي ملڪن کي ايران جي خودمختياري ۽ علائقائي
بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: قائم مقام صدر يوسف رضا گيلاني پارليامينٽ هائوس ۾ تقريب کي خطاب ڪندي

عالمي مارڪيٽ ۾ ڪچي تيل جي قيمتن ۾ اضافي جو رجحان برقرار

اسلام آباد (اي پي پي) عالمي مارڪيٽ
بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد ۾ ايف آءِ اي جي ڪارروائي، جعلي مصنوعات وڪرو ڪندڙ 2 جوابدار گرفتار

اسلام آباد (اي پي پي) ايف آءِ اي ڪارپوريٽ ڪرائم سرڪل مختلف علائقن
بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

پاڪ بحريه سامونڊي حدن جي دفاع لاءِ بيمثال مهارت جو مظاهرو ڪيو آهي: طارق فضل چوڌري

1965ع جي جنگ ۾ آپريشن دوارڪا اسان جي عسڪري تاريخ جو فخر جوڳو باب آهي

اسلام آباد (اي پي پي) پارلياماني معاملن واري وفاقي وزير ڊاڪٽر طارق فضل چوڌري چيو آهي ته پاڪ بحريه جي بهادر سپوتن
بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

وطن جي دفاع لاءِ شاهينن جو ڪردار تاريخ جو روشن باب آهي: عبدالعليم خان

اسلام آباد (اي پي پي) مواصلات واري وفاقي وزير ۽ استحڪام پاڪستان پارٽي جي صدر عبدالعليم خان پاڪ فضائيه جي
بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي محتسب جي انسپيڪشن ٽيم جا ميمبر مسافرن جون شڪايتون ٻڌندي

ڪنهن ملازم جي استعيفيٰ کي رٽائرمينٽ ۾ تبديل ڪري پينشن جا فائدا نٿا ڏئي سگهجن: سپريم ڪورٽ

سروس ٽربيونل واضح قانوني اختيار کانسواءِ ڪنهن ملازم جي استعيفيٰ کي رٽائرمينٽ تبديل نٿو ڪري سگهي

صرف گهربل ملازمت جو مدو مڪمل ڪري وٺڻ ڪنهن ملازم کي پاڻمرادو رٽائر قرار ڏيڻ لاءِ ڪافي ناهي

اسلام آباد (اي پي پي) سپريم ڪورٽ قرار ڏنو آهي ته استعيفيٰ ۽ رٽائرمينٽ ملازمت ختم ڪرڻ جا 2 ڌار قانوني طريقا آهن سروس ٽربيونل واضح قانوني اختيار کانسواءِ ڪنهن ملازم جي استعيفيٰ کي رٽائرمينٽ ۾ تبديل ڪري پينشن جا فائدا نٿو ڏئي سگهي. جسٽس شڪيل احمد ۽ جسٽس
بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

سنڌ جي داخلي ۽ خارجي رستن، واپاري مرڪزن ۽ حساس هنڌن جي نگراني اثرائتي بڻائي وڃي: گهرو وزير

اجلاس ۾ صوبي ۾ امن ۽ امان جي گڏيل صورتحال، ڌوهارين خلاف پوليس ڪاروائين جو جائزو ورتو ويو

شهرين جي جان ۽ مال جي تحفظ لاءِ ڌوهاري عنصرن خلاف ڪاروائين ۾ وڌيڪ تيزي آندي وڃي: هدايت

ڪراچي (رپورٽ: راهب گاهو) سنڌ جي گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار جي صدارت ۾ سينٽرل پوليس آفيس ۾ امن ۽ امان بابت اعليٰ سطح جو اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ پوري صوبي ۾ امن ۽ امان جي
بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي وزير اسحاق ڊار اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

اسلام آباد گرين انڪليو ون 18 مهينن ۾ مڪمل ڪرڻ ۽ حدڌخلين خلاف ڪارروائي تيز ڪرڻ جو حڪم

اسلام آباد (اي پي پي) سينيٽ جي هائوسنگ اينڊ ورڪس بابت اسٽينڊنگ ڪميٽي گرين انڪليو ون هائوسنگ اسڪيم کي ايندڙ 18 مهينن ۾ مڪمل
بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

پاڪستان طرفان شارڪ جي تحفظ ۽ بهتر انتظام لاءِ پهرين 10 سالا قومي منصوبي جو اعلان

هي قومي منصوبو 2025ع کان 2035ع تائين ٽن مرحلن ۾ لاڳو ڪيو ويندو: جنيد انور چوڌري

منصوبي تحت حادثاتي طور تي پڪڙيل شارڪ جي مارجڻ کي گهٽ ڪرڻ جا قدم کنيا ويندا

ڏهن سالن واري منصوبي ۾ شارڪ جو محفوظ علائقو قائم ڪرڻ، مينگروز بحال ڪرڻ شامل آهي

اسلام آباد (اي پي پي) سامونڊي معاملن واري وفاقي وزير محمد جنيد انور چوڌري شارڪ جي تحفظ ۽ بهتر انتظام لاءِ پاڪستان جي پهرين 10 سالا قومي منصوبي جو اعلان ڪري ڇڏيو جنهن جو مقصد شارڪ جي گهٽ ٿيندڙ آبادي بحالي ۽ ماهيگيري جو پائيدار انتظام يقيني بڻائڻ آهي جنيد انور چوڌري مطابق
بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

نوان صوبا ٺاهڻ جي خلاف نه آهيون پر وقت ۽ حالتون به ڏسڻ گهرجن: مولانا فضل الرحمان

صوبن ۽ انتظامي يونٽن تي هڪ طرفو ڪو فيصلو مڙهيو نه وڃي، ان تي بحث ٿيڻ گهرجي

سمورن صوبن ۾ معدني ذخيرا موجود آهن ۽ 18هين ترميم تحت صوبا انهن جا مالڪ آهن

نوآبادياتي نظام ختم ٿي چڪو آهي، پر عالمي ادارا اڄ اسان جي ملڪ جا فيصلا ڪن ٿا

لاهور (م ڊ) جمعيت علماءِ اسلام (جي يو آءِ) جي سربراهه مولانا فضل الرحمان چيو آهي ته اسان صوبن ٺاهڻ جي خلاف ناهيون پر وقت ۽ حالتن کي به ڏسڻ گهرجي، هڪ طرفو ڪو فيصلو مڙهڻ بدران ان تي بحث ٿيڻ گهرجي. لاهور جي وحدت روڊ ڪرڪيٽ گرائونڊ ۾ ختم نبوت ڪانفرنس کي خطاب ڪندي مولانا فضل الرحمان چيو ته 6
بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

صحت جي شعبي کي "هيلٿ ڪيئر" ڏانهن وٺي وڃڻو پوندو: مصطفيٰ ڪمال

پاڪستان ۾ هر سال اٽڪل 11 هزار عورتون حمل ۽ ويم دوران زندگي وڃائي ويهنديون آهن

هر سال هڪ کان پنج سال جي عمر جا اٽڪل 4 لک ٻار موت جو شڪار ٿي ويندا آهن

اسلام آباد (اي پي پي) قومي صحت واري وفاقي وزير سيد مصطفيٰ ڪمال چيو آهي ته صحت جي شعبي کي "سڪ ڪيئر" مان ڪڍي "هيلٿ ڪيئر" ڏانهن وٺي وڃڻو پوندو، صحت جي نظام کي صرف اسپتال
بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: گهرو وزير ضيا النجار جي صدارت ۾ اجلاس ٿي رهيو آهي

ٺٽي ويجهو لابارو ڪنڊڙ ڪٽنب سان خوفناڪ حادثو، ٽريڪٽر ٽرالي بجلي جي تارن ٽڪرائجڻ سبب 6 ڄڻا فوت، 12 زخمي

پير جو ڳوٺ لڳ پراڻ سان پريل ٽريڪٽر ٽرالي بجلي جي تارن سان ٽڪرائجي وئي، ٻن عورتن سميت 6 ڄڻا ڪرنٽ لڳڻ سبب موقعي تي فوت

فوتين ۾ الهڏنو ميربحر سنڌس پٽ عيني ميربحر، مختيار ميربحر، سڪندر ميربحر، فريده ميربحر ۽ شبيران ميربحر شامل

سارنگين جو لابارو ڪري ڳوٺ موٽندڙ پورهيت خاندان حادثي جو شڪار، ايمبولينس نه پهچڻ تي ڳوٺاڻن زخمين ۽ لاشن کي گاڏين ذريعي اسپتال پهچايو

ضلعي چيئرمين عبدالحميد پنهور پاران سول اسپتال پهچي وارثن سان تعزيت، واقعي جي جاچ ۽ متاثر خاندان جي هر ممڪن سهائتا جو اعلان

ٺٽو (ر ڊ) ٺٽي ويجهو پير جو ڳوٺ وٽ لابارو ڪنڊڙ ڪٽنب سان خوفناڪ حادثو پراڻ سان پريل ٽريڪٽر ٽرالي لنڪيل بجلي جي تارن سان ٽڪرائجڻ سبب ٽرالي ۾ سوار ٻن عورت سميت 6 ڄڻا فوت 10 کان مٿي زخمي، ٺٽي ويجهو پير جو ڳوٺ لڳ لنڪ روڊ تان گذرندڙ پراڻ سان پريل ٽريڪٽر ٽرالي
بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

ويٽنام ۾ ٽرڪ ۽ موٽرسائيڪل ۾ ٽڪر سبب 2 ٻارن سميت 3 ڄڻا فوت، هڪ زخمي

هنوئي (اي پي پي) ويٽنام جي ڏکڻ شهر ڊونگ نائي ۾ ٽرڪ ۽ موٽر سائيڪل ۾
بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

ٺٽو: خوفناڪ حادثي سبب فوت ٿيلن جي لاش کي اسپتال منتقل ڪيو پيو وڃي

ملڪي درياهن ۽ آبي ذخيرن ۾ پاڻي جي آمد ۽ ڇوڙ جا انگ اکر جاري

اسلام آباد (اي پي پي) واپڊا ملڪي درياهن ۽ آبي ذخيرن ۾ پاڻي جي آمد ۽
بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

آمريڪا جي امڪاني فوجي ڇڪتاڻ جو ڀرپور جواب ڏينداسين: اتر ڪوريا

ڪنهن نئين فوجي ڇڪتاڻ جي ڪوشش ڪئي ته اسان به مضبوط جوابي قدم کڻنداسين

آمريڪا، جاپان ۽ ڏکڻ ڪوريا ان وقت بيهر اشتعال انگيز گڏيل فوجي مشقون ڪري رهيا آهن

پيانگ يانگ (اي پي پي) اتر ڪوريا چيو آهي ته جيڪڏهن آمريڪا ۽ ان جي اتحادين اتر ڪوريا سان ڪنهن نئين فوجي
بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

وفاقي وزير وزيراعظم محمد کي اسلام آباد "ڪيپيٽل پيٽرول" جي آءِ وي جو ماڊل پيش ڪندي

برطانيا پاران اولهه ڪناري تي اسرائيلي والار غيرقانوني قرار، آبادڪارن خلاف سخت پابنديون لاڳو

اسرائيلي آبادين مان ايندڙ شين جي درآمد تي پابندي سميت ڪيترن ئي قدمن جو اعلان

هڪ گڏيل پابندين وارو نظام قائم ڪيو ويندو جنهن ۾ مناسب مذهبي جوٽ"پڻ شامل هوندا: پرڏيهي وزير

برطانوي حڪومت جي نظر ۾ اولهه ڪناري تي اسرائيلي والار "غيرقانوني" آهي: ايٽ ملي بينڊ

لنڊن (م ڊ) برطانيا جي پرڏيهي وزير ايٽ ملي بينڊ غيرقانوني طور والاريل اولهه ڪناري ۾ قائم اسرائيلي آبادين مان ايندڙ شين جي درآمد تي پابندي سميت ڪيترن ئي قدمن جو اعلان ڪيو آهي. اڱاري ڏينهن
بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

سامونڊي خوراڪ جو روانگي واپار رڪارڊ 568 ملين ڊالر سطح تائين پهچي چڪو آهي: خرم شهزاد

گذريل ٻن سالن ۾ سامونڊي خوراڪ جي روانگي واپار ۾ اٽڪل 40 سيڪڙو اضافو ٿيو آهي

اسلام آباد (اي پي پي) ناڻي واري وفاقي وزير جي صلاحڪار خرم شهزاد چيو آهي ته سامونڊي خوراڪ جو روانگي واپار 568 ملين
بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

سعودي عرب ۾ ٿيندڙ عالمي واپاري نمائش ۾ شرڪت لاءِ 20 سيپٽمبر تائين درخواستون طلب

اسلام آباد (اي پي پي) ٽريڊ ڊوليپمينٽ اٿارٽي آف پاڪستان (ٽي ڊي اي پي) چيو آهي ته سعودي عرب ۾ 19 کان 22
بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

پاڪ بحريه جي بهادر سپوتن کي سلام پيش ڪريون ٿا: محسن نقوي

8سيپٽمبر انهن جي عظيم قربانين، بهادري ۽ بيمثال ڪاميابين جي ياد ڏياري ٿو

جانبازن جي پيشيوراڻين صلاحيتون، بهادري ۽ قربانيون قوم لاءِ فخر جو سبب آهن

اسلام آباد (اي پي پي) وفاقي گهرو وزير
بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: ايئرپورٽ جا عملدار وفاقي محتسب جي انسپيڪشن ٽيم جي ميمبرن کي اسلام آباد انٽرنيشنل ايئرپورٽ جي دوري دوران ايئرپورٽ آپريشن بابت بريفنگ ڏيندي

منگوليا ۾ ٽرڪ ۽ مني وين ۾ ٽڪر سبب 5 ڄڻا فوت

بيجنگ (اي پي پي) چين جي خودمختيار خطي منگوليا ۾ ٽرڪ ۽ مني وين ۾ ٽڪر سبب 5 ڄڻا فوت ٿي ويا. پرڏيهي ميڊيا
بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

ويٽنام ۾ سليپر بس کي باهه لڳڻ سبب 19 سالن جو نوجوان فوت

هنوئي (اي پي پي) ويٽنام جي مرڪزي صوبي خان هوا ۾ ايڪسپريس وي تي سليپر بس ۾ باهه لڳڻ سبب 19 سالن جو
بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 2

پاڪستان عالمي امن ۽ سلامتي لاءِ عالمي تعاون کي مضبوط بڻائڻ تي يقين رکي ٿو: ممتاز زهرا

پاڙيسري ملڪن سان پرامن ۽ گڏيل احترام تي ٻڌل لاڳاپن جو خواهشمند آهيون

پيرس (اي پي پي) فرانس ۾ مقرر
بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 2

واپار واري وفاقي وزير جام ڪمال خان 8 کان 11 سيپٽمبر تي هانگ ڪانگ جو دورو ڪندو

اسلام آباد (اي پي پي) واپار واري وفاقي وزير جام ڪمال خان 8 کان 11 سيپٽمبر تائين هانگ ڪانگ جو دورو ڪندو وزارت
بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 2

ڊونلڊ ٽرمپ توسيع ٿيل آمريڪي علائقي جي عڪاسي ڪندڙ نقشو شيئر ڪري ڇڏيو

ڪينيڊا، ميڪسيڪو، ڪيوبا ۽ خطي جي ٻين علائقن کي توسيع ٿيل آمريڪا جو حصو ڏيکاريو ويو

واشنگٽن (اي پي پي) آمريڪي صدر ڊونلڊ
بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 2

پاڪستان جي گورننس انڊيڪيٽرز ۾ ڪارڪردگي بهتر بڻائڻ لاءِ ذيلي ڪميٽي قائم

قانون ۽ انصاف واري وفاقي وزير طرفان هڪ هفتي ۾ سفارشون ۽ جامع روڊ ميپ پيش ڪرڻ جي هدايت

موجوده سڌارا ۽ بهتري جا مڪمل اثر عالمي ريٽنگز ۾ دير سان ظاهر ٿيندا: اعظم نذير تارڙ

اسلام آباد (اي پي پي) قانون ۽ انصاف واري وفاقي وزير سينيٽر اعظم نذير تارڙ گورننس انڊيڪيٽرز ۾ پاڪستان جي
بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

اڙان پاڪستان قدمن تحت هڪ لک 60 هزار نوجوانن جي تربيت ڏني وئي

تعليم ۽ هنرمندي جي موقعن تحت هڪ لک 14 هزار 300 اسڪولن کان ٻاهر ٻارن جي داخلا ٿي

پروگرام ذني ۽ پيشيوراڻي تعليم ۽ تربيت کي هٿي ڏيڻ جي ترجيح سان هم آهنگ آهي

اسلام آباد (اي پي پي) اڙان پاڪستان سان ڳنڍيل قدمن تحت مختلف پروگرامن ۾ اٽڪل هڪ لک 60 هزار نوجوانن کي
بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

اسرائيل پاران بيت المقدس ۾ برطانوي قونصل خانو بند ڪرڻ جو اعلان

اولهه ڪناري ۾ اسرائيلي آبادين تي پابندين کانپوءِ جوابي قدمن جو اعلان ڪيو ويو

چونڊيل برطانوي نمائندن ۽ ٻين 12 شهرين جي اسرائيل ۾ داخلا تي پابندي لڳائي ويندي

بيت المقدس (م ڊ) برطانيا طرفان اولهه ڪناري ۾ اسرائيلي آبادين تي پابندين جي اعلان کانپوءِ اسرائيل جوابي قدمن جو اعلان
بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

پي ٽي آءِ جي احتجاج جو سخت نوٽيس، چئني صوبن جا آءِ جيز ۽ ايڊووڪيٽ جنرلز طلب

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ 27 سيپٽمبر واري احتجاج کي آئيني بحران سان تشبيهه ڏئي ڇڏي

اسلام آباد (م ڊ) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ
بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

ملتان: هڪ آرٽسٽ ديوار تي پينٽنگ ڪري رهيو آهي

سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جو ايڊيشنل ڪنٽرولر امتحان معطل، بدانتظامي جي معاملن جي جاچ شروع

18هين گريڊ جي آفيسر امتياز احمد جاگيراڻي کي بدانتظامي جي الزام هيٺ فوري طور معطل ڪيو ويو

معطلي واري عرصي دوران سنڌس هيڊڪوارٽر ايس پي ايس سي جي هيڊ آفيس حيدرآباد هوندي

ضابطن موجب پگهار ۽ الائونسز ملندا رهندا، بدانتظامي معاملن جي جاچ ايس پي ايس سي ميمبر وڪرم سنگهه ڪندو

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن (ايس پي ايس سي) جي ايڊيشنل ڪنٽرولر امتحان امتياز احمد جاگيراڻي کي
بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: معطل ڪيل ايڊيشنل ڪنٽرولر امتياز احمد جاگيراڻي

پاڪستاني هاڪي ٽيم مينز جونيئر ايشيا ڪپ 2026ع جي سيمي فائنل ۾ پهچي وئي

قومي ٽيم ملائيشيا کي 2 جي بدلي ۾ 5 گولن سان شڪست ڏئي سيمي فائنل لاءِ ڪواليفائي ڪيو

پي ايڇ ايف جي صدر طرفان شاندار فتح تي جونيئر ٽيم ۽ مئنيجمينٽ کي مبارڪون پيش

لاهور (اي پي پي) پاڪستان هاڪي ٽيم مينز جونيئر ايشيا ڪپ 2026ع جي پول بي جي اهم ميچ ۾ شاندار ڪارڪردگي جو
بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

آئس لينڊ ڊونلڊ ٽرمپ جي آمريڪي جهنڊي جي نقشي واري پوسٽ تي آمريڪي سفير کي طلب ڪري ورتو

ڪوپن هيگن (اي پي پي) يورپي ملڪ
بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد ۾ پوليس جي جديد ڪمانڊ، ڪنٽرول سينٽر جو افتتاح ڪيو ويو

آءِ جي اسلام آباد شهر ۾ امن امان جي صورتحال کي سڌي ريت مانيٽر ۽ ڪمانڊ ڪري سگهندو

اسلام آباد (اي پي پي) وفاقي گهرو وزير
بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

قطر جي قومي خودمختياري، آزادي جي تحفظ لاءِ حمايت جاري رکنداسين: چيني پرڏيهي وزير

بيجنگ (اي پي پي) چين جي پرڏيهي وزير
بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: ڊاڪٽر خالد مقبول صديقي علامه اقبال اوپن يونيورسٽي ۾ BOTO موبائل ايپ لانچ ڪندي

ڪراچي جي ميئر خلاف بي اعتمادي رٿ لاءِ پي ٽي آءِ ۽ جماعت اسلامي وچ ۾ رابطو

ٻن صوبن جي حمايتين طرفان پيپلزپارٽي تي سياسي دٻاءُ وڌائڻ جو فيصلو ڪيو آهي: ذريعا

پي ٽي آءِ جي سٽي ڪائونسل ميمبرن جماعت اسلامي جي مقامي قيادت سان اهم ملاقات ڪئي

بي اعتمادي رٿ پيش ڪرڻ لاءِ ٻين سياسي ڌرين سان صلاح مشورو ڪرڻ تي اتفاق ڪيو ويو

ڪراچي (م ڊ) پاڪستان تحريڪ انصاف (پي ٽي آءِ) ۽ جماعت اسلامي وچ ۾
بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

بقايا | 1 | روزاني عبرت

فوجي ڪارروائي ڪئي، جنهن ۾ ڊرجنين بيلسٽڪ ميزائل ۽ ڊرون استعمال ڪيا ويا. هن دعويٰ ڪئي ته حملن ۾ سعودي عرب جي مختلف اقتصادي ۽ فوجي هدفن کي نشانو بڻايو ويو ۽ حملن جو مقصد تازن سعودي حملن جو جواب ڏيڻ هو. يمن جي حوثي جماعت انصارالله سعودي شهرن ابها، خميس مشيط، نجران ۽ جازان ۾ حملا ڪيا، جن دوران شهري ۽ اقتصادي ٺاڪن کي نشانو بڻايو ويو. حملن ۾ عورتن ۽ ٻارن سميت 73 ڄڻا زخمي ٿيا. سعودي اختيارين طرفان حوثين باغين انهن دعوائن تي فوري طور ڪو باضابطا ردعمل سامهون ناهي آيو. ٻئي پاسي سعودي پرڏيهي وزارت چيو آهي ته حوثين طرفان ابها، خميس مشيط، جازان ۽ نجران شهرن ۾ شهري ۽ اقتصادي انفرا اسٽرڪچر تي حملن جي نتيجي ۾ عورتن ۽ ٻارن سميت 73 سعودي شهري زخمي ٿيا آهن. سعودي پرڏيهي وزارت ايڪس تي جاري بيان ۾ خبردار ڪيو ته بيگناهه شهرين ۽ شهري آبادي کي نشانو بڻائڻ واري حوثين جي ڪارروائين جا سنگين نتيجا نڪري سگهن ٿا. ان کان اڳ حوثي باغين دعويٰ ڪئي هئي ته سعودي عرب يمن جي صوبي الجوف جي شهر الحزم ۾ هڪ جيل تي هوائي حملو ڪيو جنهن جي نتيجي ۾ ڪيترائي ماڻهو مارجي ويا ۽ زخمي ٿيا.

بقايا | 2 | روزاني عبرت

اشتياق ابراهيم تي ٻڌل سپريم ڪورٽ جي ٻه رڪني بينچ خيبرپختونخوا حڪومت طرفان داخل سول پٽيشن نمبر P/2022-50 تي تفصيلي فيصلو ٻڌائيندي خيبرپختونخوا سروس ٽربيونل پشاور جو 7 ڊسمبر 2021ع جو فيصلو جزوي طور تي ڪالعدم قرار ڏئي ڇڏيو. عدالت قرار ڏنو ته ڪنهن ملازم جي استعيفيٰ ان وقت تائين موثر نٿي سمجهي سگهجي جيستائين اهو ثابت نه ٿي سگهي ته استعيفيٰ رضاڪاراڻي طور ڏني وئي آهي. ملازم لکيل ميڪ قانوني نتيجن کان آگاهه هو ۽ استعيفيٰ ڪنهن دٻاءُ، دوکي يا غلط بياني جي نتيجي ۾ نه ڏني وئي. سپريم ڪورٽ چيو ته جيڪڏهن استعيفيٰ قانوني طور تي باطل قرار ڏني وڃي.

بقايا | 3 | روزاني عبرت

ڪرڻ جي هدايت ڪندي ايف جي ايچ اي جي هائوسنگ اسڪيمن مان سمورين حد دخلين ختم ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي. سينيٽر ناصر محمود جي صدارت هيٺ اسٽينڊنگ ڪميٽي جي اجلاس ۾ گرين انڪليو ون جي ڊگهي عرصي کان التوا هيٺ تعميراتي اسڪيم جي جوائنٽ وينچر پارٽنر طرفان معاهدي جي تڪميل، اسڪاءِ گارڊنز ۾ گڏيل زمين ۽ ٻيلن جي ايراضي سان لاڳاپيل معاملن، ايف جي اي ايچ اي جي هائوسنگ اسڪيمن ۾ حد دخلين خلاف آپريشن ۽ نيب جي جاچ تي بريفنگ ڏني وئي.

بقايا | 4 | روزاني عبرت

شارڪ جي تحفظ ۽ انتظام جو قومي منصوبو 2025ع کان 2035ع تائين ڪن مرحلن ۾ لاڳو ڪيو ويندو. ميرين فشريز ڊپارٽمينٽ ان تي عملدرآمد ڪندو جڏهن ته لاڳاپيل ادارن تي ٻڌل قومي مشاورتي ڪميٽي نگراني ڪندي. هن ٻڌايو ته منصوبي جي پهرين پنجن سالن لاءِ اٽڪل 38 لک کان 50 لک ڊالر گهربل هوندا، جن کي حاصل ڪرڻ لاءِ سرڪاري بجيٽ، عالمي عطيو ڏيندڙن ۽ نجي شعبي کان سهڪار ورتو ويندو. منصوبي تحت شارڪ جي آبادي ۽ ذخيري جي نگراني، مڇي لاهڻ جي جڳهن جي جاچ، بيڙين جي نگراني جو نظام نصب ڪرڻ ۽ ماهيگيري دوران حادثاتي طور تي پڪڙيل شارڪ جي مارجڻ کي گهٽ ڪرڻ جا قدم کنيا ويندا. منصوبي جي اڳڀرائي جو ساليانو جائزو جڏهن ته هر ڪن سالن بعد جامع جائزو به ورتو ويندو. قومي منصوبي ۾ شارڪ جا غيرقانوني پر کٽڻ جو عمل روڪڻ، اهم ساموندي علائقن جي تحفظ، شارڪ بابت تحقيق ۽ ڄاڻ جو نظام بهتر بڻائڻ ۽ ماهيگيري جي قانونن تي عملدرآمد موثر بڻائڻ تي ڌيان ڏنو ويندو.

بقايا | 5 | روزاني عبرت

چڪتاڻ جي ڪوشش ڪئي ته اسان ۾ مضبوط جوابي قدم کڻداسين. پرڏيهي ميڊيا مطابق آها ڳالهه اترڪوريا جي دفاع واري وزير ڪم سونگ گڏيل ڏينهن بيان ۾ چئي. هن چيو ته آمريڪا، جاپان ۽ ڏکڻ ڪوريا ان وقت بيحد اشتعال انگيز فريڊم ايج گڏيل فوجي مشقون ڪري رهيا آهن ۽ آمريڪا، جاپان ۽ آسٽريليا 8 کان 24 سيپٽمبر تائين اڳ کان وڌيڪ وڏي پيماني جي ايسٽرن شيلڊ گڏيل مشقن جي ڪوشش ۾ آهن. هن ان ڳالهه جي نشاندهي ڪئي ته آمريڪا، جاپان ۽ ڏکڻ ڪوريا جي ٽه ڌري عسڪري تعاون جو نظام بتدريج هڪ جارحاڻي قوت ۾ تبديل ٿي رهيو آهي. آمريڪا جي قيادت ۾ جنگ جون مشقون مسلسل جاري آهن. هن چيو ته جيڪڏهن ضروري هوندو ته اترڪوريا دشمن جي اشتعال انگيزي جو جواب وڌيڪ مضبوط ۽ وڌيڪ پرعزم قدمن ذريعي ڏيندو.

بقايا | 6 | روزاني عبرت

ڇوڙ جا انگ اکر جاري ڪيا آهن. اڳاري جاري ڪيل انگن اکرن مطابق سنڌو درياهه ۾ تربيلا وٽ پاڻي جو معاملهون وهڪرو 1 لک 25 هزار 600 ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو 1 لک 25 هزار 600 ڪيوسڪ رهيو. ڪابل درياهه ۾ نوشهره وٽ پاڻي جو معاملهون وهڪرو 23 هزار 300 ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو 23 هزار 300 ڪيوسڪ، خيرآباد پل تي پاڻي جو معاملهون وهڪرو 1 لک 37 هزار 400 ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو 1 لک 37 هزار 400 ڪيوسڪ، جهلم درياهه ۾ منگلا وٽ پاڻي جو معاملهون وهڪرو 12 هزار 700 ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو 9 هزار ڪيوسڪ ۽ چناب درياهه ۾ مرالا وٽ پاڻي جو معاملهون وهڪرو 42 هزار 100 ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو 16 هزار 100 ڪيوسڪ رڪارڊ ڪيو ويو. گڊو بئراج ۾ پاڻي جي آمد 2 لک 65 هزار 400 ڪيوسڪ، ڇوڙ 2 لک 34 هزار 500 ڪيوسڪ. سکر بئراج ۾ پاڻي جي آمد 2 لک 3 هزار 200 ڪيوسڪ ۽ ڇوڙ هڪ لک 50 هزار 500 ڪيوسڪ، ڪوٽڙي بئراج ۾ پاڻي جي آمد 87 هزار 200 ڪيوسڪ ۽ ڇوڙ هڪ لک 44 هزار 700 ڪيوسڪ رڪارڊ ڪيو ويو. آبي ذخيرن ۾ تربيلا ڊيم ۾ گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 1402 فٽ، ڊيم ۾ پاڻي جي موجوده سطح 1550 فوٽ، ڊيم ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 1550 فوٽ ۽ استعمال جوڳي پاڻي جو ذخيرو 5.580 ملين ايڪڙ فوٽ، منگلا ڊيم جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 1050 فوٽ، ڊيم ۾ پاڻي جي موجوده سطح 1222.35 فوٽ، ڊيم ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 1242 فوٽ ۽ استعمال جوڳي پاڻي جو ذخيرو 5.755 ملين ايڪڙ فوٽ ۽ چشمه بئراج جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 638.15 فوٽ، بئراج ۾ پاڻي جي موجوده سطح 648.30 فوٽ، بئراج ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 649 فٽ ۽ استعمال جوڳي پاڻي جو ذخيرو 0.274 ملين ايڪڙ فٽ رڪارڊ ڪيو ويو.

بقايا | 7 | روزاني عبرت

قيام جي حمايت ڪندڙ وزيرن ۽ طاقتور ڌرين پاڪستان پيپلزپارٽي تي سياسي دٻاءُ وڌائڻ جو فيصلو ڪيو آهي. ان ڏس ۾ پي ٽي آءِ جي سٽي ڪائونسل ميمبرن اداري نور حق ۽ جماعت اسلامي جي مقامي قيادت سان اهم ملاقاتون ڪيون جنهن دوران ڪراچي جي ميئر مرتضيٰ وهاب خلاف بي اعتمادي جي تحريڪ آڻڻ جي تفصيلي خيالن جي ڏي وٽ ڪئي وئي. ذريعن موجب، ٻنهي جماعتن وچ ۾ ميئر ڪراچي خلاف بي اعتمادي جي تحريڪ پيش ڪرڻ لاءِ ٻين سياسي ڌرين سان صلاح مشورو ڪرڻ تي اتفاق ڪيو ويو آهي.

بقايا | 8 | روزاني عبرت

جي چيف جسٽس جسٽس سرفراز ڊوگر پاڪستان تحريڪ انصاف (پي ٽي آءِ) جي 27 سيپٽمبر واري احتجاج کي آئيني بحران سان تشبيهه ڏئي ڇڏي. پي ٽي آءِ جي احتجاج بابت درخواست تي اهم اڳڀرائي ٿي آهي. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ڪيس جي ٻڌڻي لاءِ لارجر بينچ جوڙڻ جو فيصلو ڪيو آهي. چيف جسٽس معاملي جي حساسيت کي نظر ۾ رکندي اٽارني جنرل کي نوٽيس جاري ڪري ڇڏيو جڏهن ته چئني صوبن جي آءِ جيز ۽ ايڊووڪيٽ جنرلز کي پڻ نوٽيس جاري ڪندي ذاتي حيثيت ۾ طلب ڪيو ويو آهي. عدالت اسلام آباد جي چيف ڪمشنر ڊپٽي ڪمشنر ۽ آءِ جي کي به ذاتي حيثيت ۾ طلب ڪري ورتو آهي. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ڪيس جي وڌيڪ ٻڌڻي 10 سيپٽمبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا | 9 | روزاني عبرت

ڪندي چيو آهي ته يروشلم ۾ قائم برطانوي قونصل خانو به بند ڪيو ويندو آڳاري ڏينهن پريس ڪانفرنس ڪندي اسرائيلي پرڏيهي وزير گيديون ساعر چيو ته اسرائيل يروشلم ۾ برطانيا جو قونصل خانو بند ڪري ڇڏيندو. برطانوي حڪومت موجب، يروشلم ۾ برطانيا جو قونصل جنرل يروشلم اولهه ڪناري ۽ غزا ۾ برطانوي حڪومت جي نمائندگي ڪري ٿو ۽ برطانيا ۽ فلسطين وچ ۾ سياسي، واپاري، سيڪيورٽي ۽ اقتصادي مفادن بابت ڪم ڪري ٿو. اسرائيلي پرڏيهي وزير برطانوي حڪومت طرفان اعلانيل پابندين جي جواب ۾ اسرائيلي جوابي قدمن جي هڪ سلسلي جو اعلان ڪيو.

بقايا | 10 | روزاني عبرت

تربيت ڏني وئي آهي جڏهن ته تعليم ۽ هنرمندي جي موقعن تائين پهچ وڌائڻ جي ڪوششن تحت اٽڪل هڪ لک 14 هزار 300 اسڪولن کان ٻاهر ٻارن کي تعليمي ادارن ۾ داخل ڪيو ويو آهي. ويلٿ پاڪستان کي دستياب دستاويزن موجب وزيراعظم يوٿ اسڪل ڊوليمينٽ پروگرام ذريعي مختلف پروگرامن تحت اٽڪل هڪ لک 60 هزار نوجوانن کي تربيت ڏني وئي آهي. هي پروگرام فني ۽ پيشيوراڻي تعليم ۽ تربيت کي هٿي ڏيڻ جي ترجيح سان هم آهنگ آهي. تعليم تائين پهچ وڌائڻ ۾ به اڳڀرائي ٿي آهي. اسلام آباد ڪيپيٽل ٽيريٽري ۾ اسڪول کان ٻاهر ٻارن جي داخلا تعليمي سلسلي کي برقرار رکڻ ۽ اڳين ڪلاسن ۾ منتقلي جي قدمن تحت اٽڪل هڪ لک 14 هزار 300 اسڪولن کان ٻاهر ٻارن کي داخل ڪيو ويو آهي. انهن قدمن ۾ اسلام آباد ڪيپيٽل ٽيريٽري ۽ آزاد جمون ڪشمير بلوچستان، خيبرپختونخوا گلگت بلتستان ۽ سنڌ جي پلتي پيل ضلعن ۾ دانش اسڪولن جو قيام به شامل آهي. دستاويزن موجب اسلام آباد ڪيپيٽل ٽيريٽري ۾ دانش اسڪول جو تعليمي سيشن شروع ٿي چڪو آهي. جتي 180 چوڪرن ۽ 180 چوڪرين کي داخل ڪيو ويو آهي. اسلام آباد ڪيپيٽل ٽيريٽري جي تعليمي ادارن ۾ بنيادي يا غير موجود تعليمي سهولتن جي فراهمي تحت 152 ادارن جو رنگ روغن ۽ مرمت ڪئي پئي وڃي.

بقايا | 11 | روزاني عبرت

ڪارڪردگي بهتر بڻائڻ لاءِ ماهرن تي ٻڌل ڊيلي ڪميٽي قائم ڪندي هڪ هفتي ۾ سفارشون ۽ جامع روڊ ميپ پيش ڪرڻ جي هدايت ڪئي. ڇڏي قانون ۽ انصاف واري وزارت جي ترجمان موجب گورننس انڊيڪيٽرز ڪميٽي جو اجلاس وفاقي وزير سينيٽر اعظم نذير تارڙ جي صدارت ۾ ٿيو. اجلاس ۾ پاڪستان جي گورننس انڊيڪيٽرز ۾ ڪارڪردگي بهتر بڻائڻ لاءِ جامع روڊ ميپ تي غور ڪيو ويو. اجلاس کي معاشي استحڪام، ڪريڊٽ ريٽنگز ۽ گورننس انڊيڪيٽرز جي گڏيل تعلق تي بريفنگ ڏني وئي. بريفنگ ۾ ٻڌايو ويو ته ميڪرو اڪنامڪ استحڪام سبب ٻه کان اڍائي سالن جي عرصي ۾ پاڪستان جي ڪريڊٽ ريٽنگ ۾ بهتري آئي آهي. جڏهن ته ڪريڊٽ ريٽنگز جي جائزن ۾ استعمال ٿيندڙ ڊيٽا عام طور تي ٻه سال پراڻي هوندي آهي. جنهن سبب موجوده سڌارا ۽ بهتري جا مڪمل اثر عالمي ريٽنگز ۾ دير سان ظاهر ٿيندا آهن.

بقايا | 12 | روزاني عبرت

ڪر سبب 2 ٻارن سميت ٽي ڄڻا فوت ۽ هڪ ٻار زخمي ٿي پيو. پرڏيهي ميڊيا مطابق حادثو آڳاري ڏينهن صبح اٽڪل 8 لڳي 30 منٽن تي فوڪ ٽان وارڊ جي هڪ اسٽاپ تي پيش آيو جتي ٽرڪ هڪ موٽر سائيڪل کي ٽڪر هنيو. موٽر سائيڪل تي هڪ عورت ۽ 3 ٻار سوار هئا. حادثي ۾ عورت ۽ ٻه ٻار موقعي تي ئي فوت ٿي ويا جڏهن ته هڪ ٻار کي هنگامي طبي امداد لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو. مقامي عملدار حادثي جي سبب معلوم ڪرڻ لاءِ جاچ ڪري رهيا آهن.

بقايا | 13 | روزاني عبرت

بجلي جي لٽڪيل تارن سان ٽڪرائجي وئي جنهن جي ڪري معان سوار ميربحر برادري جي ٻن عورتن سميت 6 ڄڻا برقوت فوت ٿي ويا. فوتين ۾ الهڏنو ميربحر سنڌس نوجوان پٽ عيني ميربحر مختيار ميربحر سڪندر ميربحر فريده ميربحر ۽ شبيران ميربحر شامل. خوفناڪ حادثي ۾ زخمي ٿيلن ۾ زبيده فرزان نازي ٻلاول ريشمان سماني سلمان سميت 12 ڄڻا شامل. خوفناڪ حادثي جو شڪار ٿيل پورهيت طبقي سان تعلق رکندڙ آهن جيڪي سارين جو لابارو ڪري پنهنجو ان ۽ پراڻ ٽريڪٽر ٽرالي ۾ ڪٽائي گوٺ موٽي رهيا هئا ته بجلي جي لٽڪيل تارن سان سندن ٽريڪٽر ٽرالي ٽڪرائجي وئي. افسوسناڪ واقعي بعد ايمبولينس سروسز نه پهچڻ سبب فوتين جا لاش ٽوڙي زخمين کي مقامي ڳوٺاڻن سوزوڪين ۽ ڪارن ۾ ريسڪيو ڪري سول اسپتال ٺٽو پهچائيندا رهيا. واقعي جي اطلاع تي ضلعي چيئرمين عبدالحميد پنهور سول اسپتال ٺٽو پهچي وارثن سان همدردي جو اظهار ڪندي چيو ته افسوسناڪ واقعو پيش آيو آهي متاثر خاندان جي هر ممڪن سهائتا ڪرائي ويندي ۽ سنڌ حڪومت کي ٻه سندن مدد جي سفارش ڪئي ويندي. ضلعي چيئرمين اهو به اعلان ڪيو ته معاملي جي جاچ ڪرائي ويندي. ڇاڪاڻ جو بجلي جون تارون هيٺ لٽڪيل هجڻ ڪري افسوسناڪ واقعو پيش آيو. فوت ٿيل ٻن عورتن سميت 6 ڄڻن جا لاش سول اسپتال ٺٽو مان ضروري ڪارروائي بعد وارث گوٺ حاجي عيسو پنهور ڪٽائي ويا جڏهن ته زخمين کي سول اسپتال ٺٽو جي ايمرجنسي شعبي ۾ داخل ڪيو ويو.

بقايا | 14 | روزاني عبرت

جانبازن کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو آهي ته فضائي سرحدن محافظن جي جرئت ۽ پيشيوراڻي صلاحيتن کي پوري قوم سلام پيش ڪري ٿي. پنهنجي خاص بيان ۾ وفاقي وزير چيو ته ملڪي دفاع لاءِ پاڪ فضائيه جون خدمتون نه وسارڻ جوڳيون آهن ۽ اسان جي شاهينن جي لازوال بهادري جي ڪري پاڪستان جون سرحدون مڪمل طور تي محفوظ آهن. ملڪ جي دفاع لاءِ جان جو نذرانو پيش ڪندڙ پاڪ فضائيه جي عظيم شهيدن کي خراج عقيدت پيش ڪندي چيو ته وطن جي شهيدن جون عظيم قربانيون قوم جي دلين ۾ هميشه زنده رهنديون ۽ دشمن جي ڪنهن به ناپاڪ ارادي کي مٽيءَ ۾ ملائڻ لاءِ اسان جا شاهين هميشه تيار آهن.

بقايا | 15 | روزاني عبرت

جي جرئت، قرباني ۽ پيشيوراڻين صلاحيتن کي خراج تحسين پيش ڪيون ٿا آڳاري ڏينهن "ايڪس" تي يوم بحريه جي موقعي تي هڪ پيغام ۾ هن چيو ته پاڪ بحريه وطن جي ساموندي حدن جي دفاع لاءِ هميشه هر محاذ تي پنهنجي هر ممڪن پيشيوراڻي مهارت جو مظاهرو ڪيو آهي 1965ع جي جنگ ۾ آپريشن دوارڪا اسان جي عسڪري تاريخ جو فخر جوڳو باب آهي جنهن دشمن خلاف پاڪستان جي ساموندي قوت، حڪمت عملي ۽ پيشيوراڻي مهارت کي مڃرايو هن جو چوڻ هو ته پاڪستان جي ساموندي سرحدن جي محافظن شهيدن ۽ غازين کي سلام پيش ڪيون ٿا. پاڪ بحريه اسان جي قومي سلامتي ۽ خودمختياري جي مضبوط محافظ آهي هن چيو ته قوم وطن جي ساموندي حدن جي دفاع لاءِ پاڪ بحريه جي خدمتن ۽ قربانين کي خراج تحسين پيش ڪري ٿي.

بقايا | 16 | روزاني عبرت

امڪاني موسمي يا هائيڊروليڪل خطري کي منهن ڏيڻ لاءِ آپريشنل تياري برقرار رکڻ. اڳاري ڏينهن اين ڊي ايم اي مان جاري بيان موجب وزيراعظم جي هدايت تي نيشنل ڊزاسٽرمينيجمينٽ اٿارٽي ۾ ايمرجنسي ريسپانس ڪميٽي جو 18 هون اجلاس وفاقي وزير پروفيسر احسن اقبال جي صدارت هيٺ اين ڊي ايم اي هيڊڪوارٽر ۾ منعقد ٿيو اجلاس ۾ اين ڊي ايم اي جو چيئرمين ليفٽيننٽ جنرل انعام حيدر ملڪ، پي ڊي ايم ايز، موسميات کاتي ۽ لاڳاپيل وفاقي ۽ صوبائي ادارن جي نمائندن شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ ملڪ جي موجوده موسمي صورتحال گرمي پد ۾ اضافي دريائن جي وهڪري جي صورتحال ۽ ايندڙ ڏينهن ۾ متوقع موسمي صورتحال جو جائزو ورتو ويو. اين ڊي ايم اي طرفان ايمرجنسي ريسپانس ڪميٽي کي موجوده موسمي صورتحال تي بريفنگ ڏني وئي. اين ڊي ايم اي ٻڌايو ته پاڪستان ۾ هن وقت سانوڻي جو ڪو فعال نظام موجود ناهي. ملڪ جي مختلف علائقن ۾ ايندڙ ڏينهن دوران گرمي پد ۾ اضافي جو امڪان آهي. وڌيڪ گرمي پد وارن علائقن ۾ وڌندڙ گرمي پد جي نتيجي ۾ امڪاني اثرن کي نظر ۾ رکندي لاڳاپيل ادارا الرٽ رهن. اين ڊي ايم اي جي نيشنل ايمرجنسيز آپريشن سينٽر (اين اي او سي) طرفان ملڪ جي موسمي ۽ هائيڊرو لوجيڪل صورتحال جي مسلسل نگراني جاري آهي. ڪميٽي موسمي صورتحال ۾ ڪنهن به امڪاني تبديلي بابت وقت سر اطلاع ۽ ايڊوائيزري جاري ڪرڻ جي يقيني بڻائڻ تي زور ڀريو. وفاقي، صوبائي ۽ ضلعي سطح تي لاڳاپيل ادارن وچ ۾ موثر رابطا ۽ ڪوآرڊينيشن برقرار رکڻ جي به هدايت ڪئي. وفاقي وزير احسن اقبال چيو ته سمورا لاڳاپيل ادارا ڪنهن به امڪاني موسمي يا هائيڊرولوجيڪل خطري کي منهن ڏيڻ لاءِ آپريشنل تياري برقرار رکن. اين ڊي ايم اي، اين اي او سي جي ذريعي ملڪ جي موسمي ۽ هائيڊرولوجيڪل صورتحال جي مسلسل نگراني جاري رکندو. اين ڊي ايم اي چيو ته عوام ۽ لاڳاپيل ادارن کي امڪاني خطرن کان وقت سر آگاهه ڪرڻ لاءِ موسمي صورتحال موجب ايڊوائيزريز جاري ڪيون وينديون.

بقايا | 17 | روزاني عبرت

جو بنياد آهي خواندگي جي شرح ۾ اضافو خوشحال ۽ ترقي يافته معاشري لاءِ ضروري آهي. اهڙن خيالن جو اظهار هن خواندگي جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي هڪ پيغام ۾ ڪيو هن چيو ته اڄ خواندگي رڳو پڙهڻ لکڻ جي صلاحيت جو نالو ناهي، پر هي اشراڪي فيصلا سازي ۽ معاشري ۾ فعال ڪردار ادا ڪرڻ جو اعتماد فراهم ڪري ٿي معياري تعليم تائين برابر پهچ هر ٻار جو بنيادي حق آهي هن جو چوڻ هو ته نوجوانن کي تعليم هنر ۽ جديد ڪمپيوٽر سان هم آهنگ ڪرڻ ضروري آهي. پاڪستان جي آئين تحت 5 کان 16 سال تائين جي عمر جي ٻارن کي مفت تعليم جي فراهمي رياست جي ذميواري آهي سردار اياز صادق چيو ته عورتن ۾ خواندگي کي هٿي ڏيڻ تعليم يافته ۽ مضبوط معاشري لاءِ وڏي اهميت رکي ٿي وزيراعظم محمد شهباز شريف پاران تعليمي ايمرجنسي جو اعلان هر ٻار کي تعليم جي دائري ۾ آڻڻ جي عزم جو اظهار آهي هن چيو ته اسڪول کان ٻاهر ٻارن کي تعليمي نظام ۾ شامل ڪرڻ لاءِ وفاق ۽ صوبن وچ ۾ تعاون ضروري آهي ٻارن جي تعليم جي حقن بابت پارليامينٽ ڪاڪس جي رپورٽ ۾ اسڪولن کان ٻاهر ٻارن کي اسڪول آڻڻ لاءِ عمل جوڳيون تجويزون مرتب ڪيون ويون آهن. وفاقي ۽ صوبائي پارلياماني ڪاڪسز جي حمايت سان مرتب ڪيل رپورٽ ۾ اسڪولن کان ٻاهر ٻارن جي مسئلي جي زميني حقيقتن تي ٻڌل حل پيش ڪيو ويو آهي. جيڪو تحسين جوڳو آهي هن چيو ته قومي اسيمبلي نوجوان نسل کي پارلياماني ۽ جمهوري تعليم سان روشناس ڪرائڻ لاءِ پنهنجو ڪردار جاري رکندي تعليم ۽ خواندگي کي هٿي ڏيڻ لاءِ پارليامينٽ، حڪومت ۽ معاشري جي سمورن طبقن کي گڏجي ڪردار ادا ڪرڻو پوندو.

بقايا | 18 | روزاني عبرت

۾ ملوث جوابدار معصم خان کي گرفتار ڪري ورتو ايف آءِ اي ترجمان مطابق جوابدار کي لاهور جي علائقي مان گرفتار ڪيو ويو جنهن جي قبضي مان 38 هزار 500 رپيا، موبائل فونز ۽ حوالا هنڊي ۽ غيرقانوني ڪرنسي ايڪسچينج بابت ثبوت هٿ ڪيا ويا. ترجمان مطابق جوابدار خلاف ڪيس داخل ڪري وڌيڪ جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي.

بقايا | 19 | روزاني عبرت

ڪئي آهي ته حماس طرفان 7 آڪٽوبر 2023ع تي اسرائيل تي حملي کان لڳ ڀڳ 10 ڏينهن اڳ متحده عرب امارات جي صدر شيخ محمد بن زايد ذاتي طور تي اسرائيلي وزيراعظم بنيامين نيتن ياهو کي خبردار ڪيو هو ته حماس اسرائيل خلاف وڏي حملي جي رٿابندي ڪري رهي آهي. رپورٽ موجب، نيتن ياهو ان مبينا وارننگ بابت اسرائيلي سيڪيورٽي اختيارين کي آگاهه نه ڪيو ۽ نه ئي ان اهم ڄاڻ تي ڪا ڪارروائي ڪئي. هارٽز جي رپورٽ ۾ صحافين شلومي ايلڊر ۽ روٽ يووال جي نئين ڪتاب جو حوالو ڏنو ويو آهي. جيڪو دنيا جي اعليٰ اختيارين سميت ڪيترن ئي ذريعن سان ڪيل انٽرويوز تي ٻڌل آهي. رپورٽ موجب، سيپٽمبر 2023ع جي آخر ۾ ٻنهي اڳواڻن وچ ۾ 45 منٽن تائين ٽيليفونڪ ڳالهه ٻولهه ٿي جنهن جي تفصيل کان ان اعليٰ پرڏيهي اختيارين کي پڻ آگاهه ڪيو ويو هو. رپورٽ ۾ غزا سان متحده عرب امارات منتقل ٿيل اماراتي صدر جي هڪ فلسطيني صلاحڪار جو حوالو پڻ ڏنو ويو آهي جنهن کي ان ڳالهه ٻولهه بابت سڌي ڄاڻ حاصل هئي. هارٽز موجب، محمد بن زايد نيتن ياهو کي ٻڌايو هو ته حماس جو اڳواڻ يحيٰ سنوار اسرائيل خلاف وڏي ڪارروائي جي منصوبابندي ڪري رهيو آهي. جنهن سان وڏي رتوڇاڻ جو خدشو آهي. خطي جو امن متاثر ٿي سگهي ٿو ۽ اسرائيل ۽ عرب ملڪن وچ ۾ ٿيل "ابراهيمي معاهدن" کي به نقصان پهچي سگهي ٿو. رپورٽ دعويٰ ڪري ٿي ته 45 منٽن جي ان ڳالهه ٻولهه دوران نيتن ياهو جي انتهائي پرسڪون ردعمل اماراتي صدر کي حيران ڪري ڇڏيو. نيتن ياهو ڪيس چيو ته اسرائيل غزا جي صورتحال تي مڪمل نظر رکي رهيو آهي، حماس جي ڪا به امڪاني ڪارروائي ويسٽ بئنڪ ۾ ٿي سگهي ٿي ۽ اسرائيل هر قسم جي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ مڪمل طور تي تيار آهي. رپورٽ ۾ وڌيڪ دعويٰ ڪئي وئي آهي ته محمد بن زايد کي حماس جي امڪاني خطري بابت ڄاڻ خود يحيٰ سنوار کان ملي هئي. جيڪو 2023ع جي وچ ڌاري اسرائيل سان فلسطيني قيدين جي آزادي بابت معاهدي ۾ اڳڀرائي نه ٿيڻ سبب ناراض هو.

بقايا | 20 | روزاني عبرت

اسيمبلي سيڪريٽريٽ طرفان اهو مسودو صدر مملڪت ۽ وزيراعظم جي پرنسپل سيڪريٽرين ڏانهن پڻ موڪليو ويو آهي موڪليل خط ۾ واضح ڪيو ويو آهي ته سنڌ هڪ آهي ۽ هڪ ئي رهندي قانوني آئيني قاعدن ۽ ضابطن تحت سمورن لاڳاپيل وفاقي ادارن ۽ اختيارين لاءِ سنڌ اسيمبلي جي منظور ڪيل قرارداد تي عملدرآمد ڪرڻ ضروري آهي. جڏهن ته لاڳاپيل اختيارين کي 30 ڏينهن اندر پنهنجو رسمي جواب جمع ڪرائڻو پوندو جيڪڏهن مقرر مدي اندر ٺهراءُ تي عملدرآمد نه ٿيو يا ڪو جواب نه مليو ته سنڌ اسيمبلي ۾ لاڳاپيل اختيارين خلاف تحريڪ استحقاق پيش ڪري سگهجي ٿي. آئيني ضابطن موجب، سنڌ اسيمبلي جي استحقاق ڪميٽي کي مڪمل اختيار حاصل آهي ته اها عملدرآمد نه ڪندڙ لاڳاپيل اختيارين ۽ آفيسرن کي ذاتي حيثيت ۾ طلب ڪري ڪانئن جواب طلب ڪري سگهي ٿي.

بقايا | 21 | روزاني عبرت

ڪندي ان کي ڊيجيٽل بااختيار اداراتي ڪارڪردگي ۾ بهتري ۽ وڌيڪ شفاف، موثر ۽ عوام دوست پارلياماني نظام طرف هڪ اهم قدم قرار ڏنو آڳاري ڏينهن پارليامينٽ هائوس ۾ ايپلي ڪيشن جي افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي وقتي صدر چيو ته سينيٽ موبائيل ايپلي ڪيشن جو جاري ٿيڻ 1973ع ۾ قائم ٿيڻ کانپوءِ سينيٽ جي سفر ۾ ڊيجيٽل تبديلي جي هڪ نئين دور جي شروعات آهي هن چيو ته اهو قدم رڳو هڪ موبائيل ايپلي ڪيشن جاري ڪرڻ تائين محدود نه آهي پر ڪم ڪرڻ جي نئين انداز سوچ جي نئين طريقيڪار ۽ عوام جي خدمت جي نئين اسلوب جي شروعات آهي سيد يوسف رضا گيلاني چيو ته اهو ڊيجيٽل قدم سينيٽ ۽ ان جي ميمبرن جي ڪارڪردگي ۽ معاملن تي ڊورس اثر وجهندو ۽ هڪ اهڙي جديد پارلياماني اداري جي جوڙجڪ ۾ مددگار ثابت ٿيندو جيڪو موجوده دور جي گهرجن سان هم آهنگ هجي. پنهنجي ڊگهي عوامي ۽ سياسي سفر جو حوالو ڏيندي هن چيو ته ماضي ۾ پارلياماني ۽ حڪومتي معاملا وڏي حد تائين روايتي نظام تحت سرانجام ڏيندا هئا جنهن ۾ ڪري عوامي خدمت جي بنيادي مقصد بدران مختلف طريقيڪار ۾ تمام گهڻو وقت لڳندو هو هن چيو ته اهو وقت گذري چڪو آهي ۽ حالتون بدلجي چڪيون آهن ۽ ٽيڪنالاجي ۽ جدت کي اختيار ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. وقتي صدر چيو ته سينيٽ موبائيل ايپلي ڪيشن هڪ اسٽريٽجڪ تبديلي آهي ۽ عزم جو اظهار آهي ته سينيٽ جديد ٽيڪنالاجي جي گهرجن سان قدم سان قدم ملائي هلندو. هن چيو ته سينيٽ سيڪريٽريٽ اڳ ۾ ئي اي آفيس نظام کي ڪاميابي سان اختيار ڪري چڪو آهي ۽ ان جا حوصلي جوڳا نتيجا سامهون آيا آهن موبائيل ايپلي ڪيشن به سينيٽ جي وسيع تر ڊيجيٽل تبديلي جو حصو آهي جنهن جو مقصد وقت جي بچت، ڪارڪردگي ۾ اضافو ۽ غيرضروري مرحلن جو خاتمو آهي هن زور ڏنو ته ڊيجيٽلائيزيشن رڳو سهولت فراهم ڪرڻ جو نالو نه آهي پر اداراتي صلاحيت ۽ موثريت ۾ اضافي جو ذريعو آهي هن چيو ته جڏهن اسان جا نظام تيز ۽ موثر انداز ۾ ڪم ڪندا ته اسان پنهنجي آئيني ذميوارين ۽ فرض سرانجام ڏيڻ تي وڌيڪ ڌيان ڏئي سگهنداسين وقتي صدر پارليامينٽ ۽ عوام جي وچ ۾ رابطي کي مضبوط بڻائڻ ۾ ٽيڪنالاجي جي ڪردار کي پڻ اجاگر ڪندي چيو ته سينيٽ جي سرڪاري ويب سائيٽ ۽ سوشل ميڊيا پليٽ فارمز جي ذريعي پارلياماني سرگرمين بابت وقت سر معلومات فراهم ڪئي پئي وڃي، عوامي راءِ حاصل ڪرڻ ۾ مدد ملي رهي آهي ۽ غلط معلومات جي تدارڪ ۾ پڻ مدد حاصل ٿي رهي آهي هن چيو ته ڊيجيٽل آرڪائيوز جي دائري ۾ توسيع جي ڪري مستند پارلياماني معلومات پارليامينٽ ميمبرن، محققين ۽ عوام جي لاءِ وڌيڪ آساني سان دستياب ٿي رهي آهي جنهن سان شفافيت ۾ اضافو ۽ جمهوري ادارن تي عوامي اعتماد مضبوط ٿي رهيو آهي سيد يوسف رضا گيلاني چيو ته ڊيجيٽل تبديلي ڪنهن هڪ قدم تائين محدود نه آهي پر هڪ مسلسل سفر آهي هن نيل آرمسٽرانگ جي تاريخي لفظن جو حوالو ڏيندي چيو ته هي سينيٽ جي ڊيجيٽلائيزيشن طرف هڪ ننڍو قدم آهي پر جديد دور جي گهرجن سان هم آهنگ پارلياماني جمهوريت جي لاءِ هڪ تمام وڏي وک آهي وقتي صدر جو چوڻ هو ته جدت جي لاءِ نه اختيار ڪرڻ گهرجي پر ان جو مقصد جمهوريت کي وڌيڪ شفاف، موثر ۽ عوام جي ويجهو بڻائڻ هجڻ گهرجي. هن چيو ته سينيٽ موبائيل ايپلي ڪيشن جاري ڪرڻ هڪ اهڙي جديد، موثر ۽ عوام دوست سينيٽ طرف قدم آهي جيڪو پاڪستان جي عوام جي خدمت وڌيڪ وقار ۽ موثريت سان سرانجام ڏئي سگهي. سينيٽ جي وقتي چيئرمين سيدال خان ناصر چيو ته سينيٽ موبائيل ايپلي ڪيشن جاري ڪرڻ اداري جي پارلياماني سفر ۾ هڪ اهم سنگ ميل آهي ۽ ان سان سينيٽ جي طريقيڪار ۾ هڪ وڏي تبديلي جي عڪاسي ٿئي ٿي ۽ هن چيو ته اها ايپلي ڪيشن رڳو هڪ نئين ٽيڪنيڪي سهولت نه آهي پر سينيٽ جي داخلي نظام کي جديد رخن تي قائم ڪرڻ جي وسيع تر ڪوششن جو حصو آهي پارلياماني معاملن واري وفاقي وزير ڊاڪٽر طارق فضل چوڌري چيو ته سينيٽ موبائيل ايپلي ڪيشن جاري ڪرڻ پارليامينٽ جي طريقيڪار ۽ ميمبرن ۽ عوام سان رابطن کي جديد بڻائڻ طرف هڪ اهم قدم آهي. هن چيو ته اهو قدم رڳو هڪ نئين سهولت جاري ڪرڻ نه آهي پر پارليامينٽ کي وڌيڪ پهچ جوڳي موثر ۽ عوام دوست بڻائڻ جي وسيع تر اداراتي عزم جي عڪاسي ڪري ٿو هن موقعي تي انفارميشن ٽيڪنالاجي ۽ ٽيلي ڪميونيڪيشن واري وفاقي وزير شزه فاطمه خواجه پارليامينٽ جي ڊيجيٽلائيزيشن جي ڪوششن جي آجيان ڪندي چيو ته ڊيجيٽل تبديلي سان اداري جي ڪارڪردگي، شفافيت ۽ عوامي ردعمل ۾ بهتري ايندي هن چيو ته حڪومت جي ڊيجيٽل تبديلي جي ايجنڊا جا ٽي بنيادي رخ ڊيجيٽل معيشت، ڊيجيٽل معاشرو ۽ ڊيجيٽل طرز حڪمراني آهن هن چيو ته ڊيجيٽل گورننس تحت سمورن سرڪاري ۽ عوامي ادارن جي ڊيجيٽل تبديلي حڪومت جي بنيادي ايجنڊا جو حصو آهي. سينيٽ سيڪريٽري سيد حسنين حيدر شرڪت ڪندڙن کي سينيٽ آف پاڪستان ايپ جي مقصدن ۽ خصوصيتن بابت بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته هي ايپلي ڪيشن سينيٽ جي آءِ ٽي ڊپارٽمينٽ تيار ڪئي آهي هن چيو ته هي ايپلي ڪيشن سينيٽ جي طريقيڪار کي جديد بڻائڻ ۽ پارلياماني معلومات جي وڌيڪ موثر ۽ وقت سر فراهمي جي لاءِ ڊيجيٽل ٽيڪنالاجي جي استعمال کي فروغ ڏيڻ ۾ پڻ مددگار ثابت ٿيندي.

بقايا | 22 | روزاني عبرت

دوران ملڪ جي اڪثر ميداني علائقن ۾ موسم گرم ۽ گهميل رهندي جڏهن ته گلگت بلتستان ۾ موسم جزوي جهڙالي رهڻ جو امڪان آهي. موسميات کاتي مطابق موجوده صورتحال کي نظر ۾ رکندي ملڪ جي اڪثر علائقن ۾ هوائن موجود آهن اولهه وارين هوائن جو ڪمزور سلسلو ملڪ جي اترين علائقن تي به موجود آهي گذريل 24 ڪلاڪن دوران ملڪ جي اڪثر ميداني علائقن ۾ موسم گرم ۽ گهميل رهي جڏهن ته مڪاني خيبر پختونخوا ۽ گلگت بلتستان ۾ ڪجهه هنڌن تي هلڪي برسات پئي آڳاري ڏينهن رڪارڊ ڪيل وڌ ۾ وڌ گرمي پد ٽوڪنڊي 43، سبي، دادو، تربت، دالبندين نورپورٿل ۾ 41 ڊگري سينٽي گريڊ رڪارڊ ڪيو ويو.

بقايا | 23 | روزاني عبرت

سالميت جي ڀچڪري تي ذميواراڻو ردعمل ڏيڻ گهرجي. ايراني خابرو اداري ارنا موجب، عباس عراقچي او آءِ سي جو سيڪريٽري جنرل مقرر ٿيڻ تي حسين ابراهيم طحا کي مبارڪباد ڏني ۽ نئين عهدي تي ڪاميابي لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو. عراقچي اميد ظاهر ڪئي ته نئون سيڪريٽري جنرل اسلامي دنيا کي درپيش حالتن ۽ چيلنجن کي منهن ڏيڻ لاءِ اسلامي ملڪن وچ ۾ اتحاد ۽ رابطن کي هٿي وٺرائڻ ۾ او آءِ سي جي صلاحيتن کي اثرائتي نموني استعمال ڪندو. ڳالهه ٻولهه دوران عباس عراقچي او آءِ سي جي سيڪريٽري جنرل کي آمريڪا ۽ اسرائيل طرفان ايران خلاف جارحيت ڪانسواءِ خطي جي تازي صورتحال کان به آگاهه ڪيو. هن ان ڳالهه تي زور ڏيندي چيو ته اسلامي ملڪن کي ايران جي خودمختياري ۽ علائقائي سالميت جي ڀچڪري تي ذميواراڻو ردعمل ڏيڻ گهرجي جڏهن ته طاقت جي استعمال ۽ جارحاڻن قدمن کي منهن ڏيڻ لاءِ اثرائتا قدم کڻڻ ضروري آهن.

بقايا | 24 | روزاني عبرت

۾ آڳاري ڏينهن ڪچي تيل ۽ جنسن جي قيمتن ۾ اضافي جو رجحان رهيو جڏهن ته سون جي قيمتن ۾ گهٽتائي رڪارڊ ڪئي وئي. بلوم برگ جي رپورٽ مطابق ڪموڊيٽي مارڪيٽ ۾ ڪاروباري سرگرمين دوران آمريڪي ويسٽ ٽيڪساس انٽرميڊيٽ ڪروڊ آئل جا آڪٽوبر لاءِ معاهدا 2.53 ڊالر جي اضافي سان 94.01 ڊالر في بيرل ۽ برينٽ ڪروڊ جا نومبر ۾ ترسيل جا معاهدا 1.54 ڊالر جي اضافي سان 98.54 ڊالر في بيرل ۾ طئي ٿيا جڏهن ته سون جي قيمت 25.40 ڊالر جي گهٽتائي سان 4451.20 ڊالر في اونس تي اچي وئي. چاندي جي قيمت 0.30 ڊالر جي بهتري سان 67.05 ڊالر في اونس تي پهچي وئي. ڪاروباري سرگرمين دوران جنسن جي قيمتن ۾ به اضافي جو رجحان رهيو ۽ مڪئي جا ڊسمبر لاءِ معاهدا 2.50 ڊالر جي بهتري سان 539.25 ڊالر في بشل ۽ ڪڻڪ جا ڊسمبر لاءِ معاهدا 22.25 ڊالر جي اضافي سان 756.25 ڊالر في بشل ۾ طئي ٿيا.

بقايا | 25 | روزاني عبرت

۾ ڇاپا مار ڪارروائيون ڪندي ناليواري ڪمپنين جي جعلي مصنوعات وڪرو ۽ ڪاپي رائيٽ ايڪٽ جي خلاف ورزي ۾ ملوث 2 جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو ايف آءِ اي ترجمان مطابق جوابدارن جي سڃاڻپ محمد امجد ۽ محمد احمد جي نالن سان ٿي آهي جوابدارن جي قبضي مان وڏي انگ ۾ ناليواري ڪمپني جي جعلي مصنوعات هٿ ڪري انهن خلاف ڪيس داخل ڪيا ويا آهن. وڌيڪ جاچ جاري آهي.

بقايا | 26 | روزاني عبرت

سيپٽمبر 1965 پاڪستان جي جاگرافيائي سرحدن جي تحفظ جو واقعو آهي، جڏهن ته 7 سيپٽمبر 1974 پاڪستان جي نظرياتي سرحدن جي تحفظ جو ڏينهن آهي. مولانا فضل الرحمان چيو ته ملڪ کي سياسي طور هيٺ ڪيو ويو آهي، عوام آهي ته رياست آهي، اسان يونٽ ڏاهڻ جي خلاف ناهيون، اسان صوبن ٺاهڻ جي خلاف ناهيون، پر وقت ۽ حالتن کي به ڏسڻ گهرجي. هڪ طرفو فيصلو مڙهيو نه وڃي، ان تي بحث ٿيڻ گهرجي. هن چيو ته صوبن ۾ معدني ذخيرا موجود آهن ۽ 18هين ترميم تحت صوبا انهن جا مالڪ آهن. سياسي ساٿين کي ان معاملي ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو. هن چيو ته پيپلزپارٽي رڳو سنڌ جي ڳالهه ڪري ٿي، ن ليگ خاموش آهي، نون صوبن لاءِ هڪ "ڪاڪي" کي اڳيان ڪيو آهي. جنهن جي حيثيت ڏاڙهي نوڪر جيتري آهي. مولانا فضل الرحمان چيو ته اسان جو قومي نظرياتي بنياد تي هڪ قوم نه بڻجي سگهياسين. هتي لساني بنيادن تي وڙهڻ ڪرايو ويو، اسان پاڪستان جي بنياد ٻاهرين قرضن تي رکي چڪا آهيون. هن چيو ته نوآبادياتي نظام ختم ٿي چڪو آهي، پر ملڪي ادارا اڄ اسان جي ملڪ جا فيصلا ڪن ٿا. اڄ اسان عالمي بئنڪ ۽ آءِ ايم ايف جي قرضن جا محتاج بڻجي ويا آهيون. سنڌس چوڻ هو ته جيڪڏهن اسان جي معيشت جون پاليسيون آهي طئي ڪن ٿا ته اهو به نوآبادياتي نظام جي هڪ شڪل آهي. هن وڌيڪ چيو ته اسان پاڪستان جي غريب انسان کي عزت واري زندگي ڏيڻ چاهيون ٿا. اشرافيه جي سياست ۽ جاگيرداري سياست به نه هلندي. طاقت جي بنياد تي مڙهڻ واري سياست به نه هلندي. هن چيو ته پيپلزپارٽي رڳو سنڌ جي ڳالهه ڪري ٿي، نون ليگ خاموش آهي، نون صوبن لاءِ هڪ "ڪاڪي" کي اڳيان ڪيو آهي جنهن جي حيثيت ڏاڙهي نوڪر جيتري آهي.

بقايا | 27 | روزاني عبرت

ذاهڻ ۽ مريضن جو علاج ڪرڻ تائين محدود نٿي رکي سگهجي پر بيمارين کان بچاءُ ۽ هيلٿ ڪيئر تي ڌيان ڏيڻو پوندو ڇاڪاڻ ته وڌندڙ آبادي ۽ بيمارين جي بار سبب ملڪ ۾ اسپتال ڊاڪٽر طبي عملو ۽ جديد طبي مشينري جي انگ ۾ رڳو اضافو ڪري صحت جي مسئلن تي ضابطو نٿو آڻي سگهجي. اهڙو اظهار هن آڳاري ڏينهن سرينا هوٽل ۾ شگر جي حوالي سان منعقد تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو هن چيو ته پاڪستان جي آبادي 2023ع جي آدمشماري ۾ اٽڪل 24 ڪروڙ هئي جيڪا هاڻي ساڍا 26 ڪروڙ کان ٽپي چڪي آهي ملڪ ۾ هر سال اٽڪل 67 لک ٻار پيدا ٿي رهيا آهن يعني اسان جي آبادي ۾ هر سال اٽڪل نيوزيلينڊ جي آبادي جي برابر اضافو ٿي رهيو آهي جڏهن ته هر پنجن سالن ۾ اٽڪل آسٽريليا جي آبادي جي برابر اضافو ٿي ويندو آهي هن چيو ته پاڪستان ۾ هن وقت دنيا جي تيزي سان وڌندڙ آبادي وارن ملڪن ۾ شامل آهي ۽ 2030ع تائين آبادي جي لحاظ کان دنيا جو ڇهون وڏو ملڪ بڻجي ويندو. اهڙي صورتحال ۾ جيڪڏهن آبادي جو هڪ وڏو حصو مسلسل بيمار رهيو ته سوال اهو آهي ته ڪيترين اسپتال ڏاهين وينديون ڪيترا ڊاڪٽر بيڊبڪس پرتي ڪيا ويندا ۽ ڪيترين مشينون خريد ڪيون وينديون هن چيو ته پاڪستان کي سڪ ڪيئر کان ڪيئر حقيقي هيلٿ ڪيئر ڏانهن وڃڻو پوندو ۽ صحت صرف صحت واري وزارت جي ذميواري ناهي پر سڄي معاشري جي گڏيل ذميواري آهي. وفاقي وزير چيو ته صحت جي سارسنڀال ٻار جي پيدائش کان پهرين ئي شروع ٿي ويندي آهي ۽ ٻارن جي پيدائش ۾ مناسب وقفو ان جو اهم حصو آهي هن ڳڻتي جو اظهار ڪندي چيو ته پاڪستان ۾ هر سال اٽڪل 11 هزار عورتون حمل ۽ ويم دوران زندگي وڃائي ويهنديون آهن جڏهن ته هر سال هڪ کان پنج سال جي عمر جا اٽڪل 4 لک ٻار موت جو شڪار ٿي ويندا آهن جيڪو روزانو اٽڪل 1300 جي ٻارن جي برابر آهي هن چيو ته ڪمزور مائرن کي پيدا ٿيل ٻار به صحت جي مسئلن جو شڪار ٿي سگهن ٿا ۽ انهن مان زنده بچي ويندڙ ٻارن ۾ واڌ ويجهه جي ڪوٽ يا اسٽنٽنگ جو مسئلو پيدا ٿي سگهي ٿو هن چيو ته پاڪستان جي نوجوان آبادي جي اٽڪل 43 سيڪڙو حصو واڌ ويجهه جي ڪوٽ جو شڪار آهي جيڪو مستقبل جي انساني صحت، پيداواري صلاحيت ۽ ملڪي معيشت لاءِ هڪ وڏو چيلنج آهي سيد مصطفيٰ ڪمال چيو ته پاڪستان ۾ اٽڪل 68 سيڪڙو بيمارين جو پاڻي مان پيدا ٿيندڙ بيمارين سان جڙيو ويندو آهي ان لاءِ صرف پاڻي جي فراهمي صرف صحت واري وزارت جي ذميواري ناهي پر مقامي حڪومتن ۽ بلدياتي نظام سميت سمورن لاڳاپيل ادارن جي گڏيل ذميواري آهي هن چيو ته گلگت بلتستان کان ڪراچي تائين سيوريج جي پاڻي کي موثر طريقي سان ٽريٽ ڪرڻ جو نظام هڪ وڏو چيلنج آهي جيڪڏهن سيوريج جو پاڻي پيئڻ جي صاف پاڻي ۾ شامل ٿي رهي ته اهو مختلف بيمارين جي پکيڙ جو سبب بڻجي سگهي ٿو ان ڪري صحت جي مسئلن جي حل لاءِ پاڻي، پاڻي جي نيڪال ۽ صفائي جي نظام کي به صحت جي پاليسي جو حصو بڻائڻو پوندو هن چيو ته پاڪستان ۾ هيپاٽائيٽس سي جا اٽڪل هڪ ڪروڙ 10 لک مريض موجود آهن ۽ ملڪ کي ان حوالي سان انتهائي سنگين صورتحال درپيش آهي هن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن هيپاٽائيٽس سي جو وقت سر سڃاڻپ ۽ علاج نه ٿئي ته هي بيماري جگر جي ڪينسر سميت سنگين پيچيدگين جو سبب بڻجي سگهي ٿي سيد مصطفيٰ ڪمال صحت جي شعبي کي قومي سلامتي ۽ قومي معيشت سان سڌي ريت ڳنڍيل قرار ڏيندي چيو ته جيڪڏهن ملڪ جي وڏي آبادي بيمارين جو شڪار هجي ته ان جا اثر رڳو صرف اسپتالن تائين محدود ناهن رهندا پر ملڪي پيداواري صلاحيت، روزگار، خاندانن جي آمدني ۽ مجموعي معيشت به متاثر ٿيندي آهي هن ڪورونا وائرس جي عالمگير وبا جو مثال ڏيندي چيو ته هڪ ئي وقت ۾ وڏي انگ ۾ ماڻهن جو بيمار ٿيڻ ۽ اسپتالن جو رخ ڪرڻ سان آمريڪا، يورپ، برطانيه، چين ۽ ٻين خطن جي صحت جو نظام شديد دٻاءُ جو شڪار ٿيو. هن چيو ته پاڪستان ۾ جيتوڻيڪ هن وقت ڪا عالمي وبا ناهي، جڏهن ته مختلف بيمارين جي مجموعي بار سبب هڪ ئي وقت ۾ وڏي انگ ۾ مريض اسپتال پهچي رهيا آهن هن ٻڌايو ته جتي اسپتالن جي او پي ڊي ۾ ساڍا 3 کان چار سئو ماڻهن لاءِ گنجائش ڏاهي وئي آهي اتي ڪجهه وقت ساڍا 9 هزار ماڻهو پهچي رهيا آهن جنهن کي ڪا به اسپتال انتظاميه موثر انداز ۾ نٿي سنڀالي سگهي. هن چيو ته ان صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ بيمارين جي پاڙ تائين پهچي روڪٿام جي پاليسي اختيار ڪرڻي پوندي صحت جي سهولتن جي شروعات اسپتال کان نه پر گهر، خاندان ۽ معاشري سان ٿيندي آهي. هن شگر کان بچاءُ ۽ آگاهي جي ضرورت تي به زور ڀريو ۽ چيو ته صحتمند طرز زندگي جي حوالي سان شعور ٻارن جي تعليم ۽ اسڪول جي سطح کان پيدا ڪرڻو پوندو هن چيو ته حڪومت جون ذميواريون پنهنجي جڳهه تي آهن جڏهن ته ماڻهن کي پنهنجي صحت جي ذميواري کڻڻي پوندي هن چيو ته شگر کي ڪيترين ئي بيمارين جي پاڙ قرار ڏنو ويندو آهي ۽ ان جي وقت سر سڃاڻپ انتهائي اهم آهي. اٽڪل 3 ڪروڙ 40 لک ماڻهن جي حوالي سان اسڪريننگ ٿي چڪي آهي جڏهن ته اندازي موجب وڌيڪ 90 لک کان هڪ ڪروڙ ماڻهو اهڙا آهن جن جي اسڪريننگ اڃان ٿيڻ جي ضرورت آهي. حڪومت شگر جي اسڪريننگ لاءِ 6.8 ارب رپين جو منصوبو شروع ڪيو آهي جنهن جي شروعات اسلام آباد سان ڪئي پئي وڃي ۽ بعد ۾ صوبن کي به ان پروگرام ۾ شامل ڪيو ويندو.

بقايا | 28 | روزاني عبرت

برطانوي پارليامينٽ ۾ خطاب ڪندي ملي بينڊ چيو ته ڪيس نئون لڳي ته برطانوي عوام اهو چاهي ٿو ته برطانيا جي دڪانن ۾ آبادين مان ايندڙ شين جي اجازت ڏني وڃي ۽ انهن جي حمايت ڪئي وڃي. هن وڌيڪ چيو ته هڪ گڏيل پابندين وارو نظام قائم ڪيو ويندو جنهن ۾ مناسب مذهبي ڇوٽ پڻ شامل هوندا. غيرقانوني آبادين کي سهولت فراهم ڪندڙن کي مخاطب ٿيندي ملي بينڊ چيو ته ڪين برطانيا جي سخت پابندين کي منهن ڏيڻو پوندو. هن پارليامينٽ ميمبرن کي ٻڌايو ته برطانيا ان ڳالهه سان اتفاق ڪري ٿو ته اولهه ڪناري جي ڪجهه علائقن ۾ سڃاڻپ جي بنياد تي نسلي صفائي ٿي رهي آهي ملي بينڊ چيو ته برطانوي حڪومت جي نظر ۾ اولهه ڪناري جي اسرائيلي آبادين "غيرقانوني" آهن ان برطانيا ۽ اولهه ڪناري جي غيرقانوني اسرائيلي آبادين جي اشتهارن تي پابندي لڳائڻ جو پڻ اعلان ڪيو پرڏيهي وزير چيو ته پابندين وارو نظام غيرقانوني آبادين ۽ انهن جي توسيع کي نشانو بڻائيندو اسرائيل کي ٻه ٽوڪ ملي بينڊ وڌيڪ چيو ته برطانيا انهن "انتها پسند آبادڪارن" تي به پابنديون لاڳو ڪري رهيو آهي، جن فلسطيني برادرين خلاف تشدد جي ڪارروائين جي حمايت ڪئي يا انهن کي هٿي ڏني.

بقايا | 29 | روزاني عبرت

پاڪستان جي اڳواڻ ۽ سنڌ اسيمبلي ۾ مخالف ڌر جي اڳواڻ علي خورشيدي پرائيويٽ ميمبرز ڊي جي موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي اسپيڪر ۽ اسيمبلي سيڪريٽريٽ جي مبينا جانبداراڻي رويي تي سخت تنقيد ڪئي آهي علي خورشيدي چيو ته اڄوڪو ڏينهن آئيني طور مخالف ڌر جو ڏينهن هوندو آهي اڄ تائين اسان سمجهندا هئاسين ته اسپيڪر غيرجانبدار آهن ان ئي بنياد تي اسان سنڌس حمايت ڪندا رهيا آهيون پر هاڻي صورتحال تبديل ٿي وئي آهي سنڌس چوڻ هو ته وزيراعليٰ کان ڇڙٻ کائڻ کان پوءِ اسپيڪر جانبدار ٿي ويا آهن هن چيو ته مخالف ڌر جي هڪ ميمبر اسيمبلي ۾ رئو ڏاهي ته اسان فوري طور تي لکت ۾ معذرت ڪئي، پر اسيمبلي هال کي ڪجهه ميمبر پارڪ ۽ ڪجهه اسٽوڊيو سمجهن ٿا هن چيو ته ڪجهه عورت ميمبر به تيار ٿي ميڪ اپ ڪرائي اسيمبلي ۾ اچن ٿيون جن سوال اهو آهي ته انهن کان ڪڏهن معذرت ڪرائي وئي؟ مخالف ڌر جي اڳواڻ الزام لڳايو ته بجيٽ کان پوءِ اسيمبلي سيڪريٽريٽ جو رويو تبديل ٿي ويو آهي ۽ سيڪريٽري جي طرفان رن وي ٽريڪ هلائي پئي وڃي، جڏهن ته مخالف ڌر جي ميمبرن جو اسيمبلي بزنس جاڻي واڻي ختم ڪيو وڃي ٿو. علي خورشيدي چيو ته ڊپٽي پارلياماني ليڊر طرفان سنڌو ديش ۽ عليحدگي پسند تحريڪن خلاف قرارداد آندي وئي هئي، هن چيو ته هن مهيني جي ملڪ جو يوم دفاع ملهايو وڃي ٿو ۽ اهڙي اهم مهيني ۾ عليحدگي پسندن جي مذمت لاءِ قرارداد پيش ڪئي وئي، پر اسيمبلي سيڪريٽريٽ جاڻي واڻي ان قرارداد کي ايجنڊا ۾ شامل نه ڪيو هن الزام لڳايو ته ان معاملي ۾ قانون واري وزير ضياءُ الحسن لنجار پڻ شامل آهن ۽ اهو سڀ ڪجهه سوچيل سمجهيل طريقي سان ڪيو پيو وڃي. علي خورشيدي چيو ته هو اسيمبلي اسپيڪر ۽ سيڪريٽريٽ جي اهڙي جانبداراڻي رويي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪن ٿا جيڪڏهن اهو سلسلو جاري رهيو ته مخالف ڌر سخت مزاحمت ڪندي هن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن جانبداري وارو رويو ختم نه ٿيو ته "اسان به ڏسنداسين ته اسان به اجلاس ڪيئن هلائين ٿا، اسان به اجلاس هلڻ نه ڏينداسين. هن وڌيڪ چيو ته هاڻي مخالف ڌر جي آواز کي دٻائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي، جڏهن ته مخالف ڌر خراب حڪمراني خلاف آواز اٿاري ٿي. سنڌس چوڻ هو ته پيپلزپارٽي وفاق تي چڙهائي ڪرڻ لاءِ هر وقت تيار رهي ٿي. طحه احمد جي به سخت تنقيد ان موقعي تي سنڌ اسيمبلي جي ميمبر طحه احمد چيو ته سنڌ اسيمبلي جي ايوان کي وڏيري جي اوطاق سمجهي هلايو پيو وڃي، اهڙو غيرجمهوري رويو ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪيو ويندو. طحه احمد چيو ته شهري سنڌ جا پٽ متعصب حڪمرانن کان سوال ڪن ٿا ته ڇا اوهان عليحدگي پسندن جي حمايت ڪريو ٿا؟ اسان پاڪستان جي حق ۾ بيهڻ جو حلف کنيو آهي ۽ پيش ڪيل قرارداد پاڪستان جي حمايت ۾ هئي. هن الزام لڳايو ته حڪومتي ڌر عليحدگي پسندن ۽ سنڌو ديش جي مبينا سهولتڪاري ڪئي آهي. هن مطالبو ڪيو ته حڪومت واضح ڪري ته هو اهڙي قرارداد جي حق ۾ آهي يا مخالفت ۾. طحه احمد چيو ته وزيراعليٰ مڪا لهرائي ڌمڪيون ڏئي ٿو پر اسان نصيرالله بابر ۽ ذوالفقار مرزا کان به نه ڊنا آهيون، پوءِ "انهن ٻارن" کان ڇو ڊڄنداسين؟ هن چيو ته سنڌ اسيمبلي ۾ مخالف ڌر جي آواز کي دٻائڻ بدران جمهوري روايتن جو احترام ڪيو وڃي ۽ ايوان کي غيرجانبداراڻي طريقي سان هلايو وڃي.

بقايا | 30 | روزاني عبرت

سگهي. سنڌس چوڻ هو ته سنڌ حڪومت وٽ ليوي ٽيڪس ختم ڪرڻ جو اختيار ناهي حڪومت رڳو وفاق کان مطالبو ڪري سگهي ٿي. تنهن هوندي به معاملو عوامي اهميت جو آهي ان ڪري سنڌ حڪومت قرارداد جي مخالفت نٿي ڪري سگهي. ايوان جي ڪارروائي دوران ايم ڪيو ايم پاڪستان جي ميمبرن طرفان مسلسل شور شرابو ۽ نعريبازي ڪئي وئي ميمبرن "سنڌو ديش نامنظور"، "اسپيڪر گردي نامنظور" ۽ "لاٺي گولي جي سرڪار نه هلندي" جا نعرا هنيا. سنڌ اسيمبلي جي ڊپٽي اسپيڪر انٿوني نويد طرفان ڪرسچن فيملي لا بل 2026ع ايوان ۾ پيش ڪيو ويو. انٿوني نويد چيو ته لڳ ڀڳ ڏيڍ سئو سالن کان پوءِ ڪرسچن فيملي لا اسيمبلي ۾ آندو ويو آهي هن مخالف ڌر کي اپيل ڪئي ته بل جي منظوري جي عمل ۾ ساٿ ڏنو وڃي. سنڌس چوڻ هو ته سنڌس خواهش آهي ته بل اڄ ايوان ۾ پيش ڪيو وڃي ۽ وڌيڪ غور لاءِ لاڳاپيل ڪميٽي حوالي ڪيو وڃي. اسپيڪر اويس قادر شاهه بل کي وڌيڪ غور ۽ سفارش لاءِ لاڳاپيل اسٽينڊنگ ڪميٽي حوالي ڪري ڇڏيو. جماعت اسلامي جي ميمبر محمد فاروق بل جي آجيان ڪندي چيو ته هي هڪ تاريخي بل آهي ۽ هو ان جي حمايت ڪن ٿا. ان موقعي تي اسپيڪر اويس قادر شاهه هدايت ڪئي ته محمد فاروق کي اقليتي معاملن واري ڪميٽي ۾ شامل ڪيو وڃي. سنڌ اسيمبلي ۾ سوالن جو وقفو نه ٿي سگهيو. سنڌ اسيمبلي جي آڳاري ڏينهن واري اجلاس دوران شور شرابي ۽ نعريبازي سبب سوالن جو وقفو به معمول موجب نه هلي سگهيو ڪارروائي دوران پي ٽي آءِ جي ميمبر سجاد علي ڪراچي پوليس تي پارٽي ڪارڪنن سان مبينا زيادتي جو الزام لڳائيندي چيو ته پوليس اسان جي ڪارڪنن سان بربريت ڪئي آهي هن دعويٰ ڪئي ته ٻن ايس ايچ اوز مبينا طور هڪ ڪارڪن تي تشدد ڪيو جنهن سبب سنڌس ٽنگ ڀڄي وئي. سجاد علي چيو ته هو انهن ايس ايچ اوز کان "سود سميت بدلو" وٺندا. حڪومتي ميمبرن جي اسيمبلي ۾ وڊيوز هلائڻ تي علي خورشيدي جو اعتراض اجلاس جي شروعات ۾ مخالف ڌر جي اڳواڻ علي خورشيدي اسپيڪر کي شڪايت ڪندي چيو ته حڪومتي ميمبر اسيمبلي اندر وڊيوز هلائيندا رهن ٿا، پر اسپيڪر طرفان ان جو ڪو نوٽيس نه ورتو وڃي. جڏهن ته ساڳئي عمل تي مخالف ڌر جي هڪ ميمبر کان معذرت ڪرائي وئي. علي خورشيدي چيو ته حڪومتي ميمبرن جا سوشل ميڊيا اڪائونٽ کولڻ سان ئي اسيمبلي جي ڪارروائي جون وڊيوز نظر اچڻ لڳن ٿيون جن ۾ وزير به شامل آهن. هن چيو ته مخالف ڌر اسپيڪر کي غيرجانبدار سمجهي ٿي، جنهن تي اسپيڪر چيو ته علي خورشيدي حڪومتي ميمبرن جي وڊيوز بابت فهرست فراهم ڪري. طحه احمد جي ڳالهائڻ دوران ايوان ۾ شور شرابو سوالن جي وقفي دوران ايم ڪيو ايم جي ميمبر طحه احمد مسلسل ڳالهائيندو رهيو، جڏهن ته ايم ڪيو ايم جي ٻين ميمبرن طرفان ضمني سوال نه پڇيا ويا. اسپيڪر اويس قادر شاهه طحه احمد کي مخاطب ٿيندي چيو ته جيڪڏهن اوهان کي پنهنجي ڪرسي سان ڪو مسئلو آهي ته مان اوهان جي ڪرسي تبديل ڪرائي ڇڏيان. ان دوران ايم ڪيو ايم جي ميمبرن طرفان شور شرابو جاري رهيو اسپيڪر بار بار ميمبرن کي پنهنجي سيٽن تي ويهڻ ۽ سوالن جو وقفو هلڻ ڏيڻ جي هدايت ڪندو رهيو اسپيڪر چيو ته سڄي سنڌ ڏسي رهي آهي ته ايوان اندر ڇا ٿي رهيو آهي، تنهن ڪري ميمبر نظم ۽ ضبط جو مظاهرو ڪن. سنڌ اسيمبلي ۾ پي ٽي آءِ جي ميمبر سجاد علي سرڪاري استادن لاءِ انشورنس پاليسي متعارف ڪرائڻ جي حوالي سان قرارداد پيش ڪئي. قرارداد ۾ مطالبو ڪيو ويو ته سرڪاري استادن لاءِ انشورنس پاليسي متعارف ڪرائي وڃي، جيئن دوران ملازمت ڪنهن استاد جي وفات جي صورت ۾ سندس وارثن ۽ خاندان کي مالي سهولت ۽ بيما فائدا فراهم ڪري سگهجن. سنڌ اسيمبلي جو اجلاس اربع تائين ملتوي سنڌ اسيمبلي جي آڳاري ڏينهن واري ڪارروائي دوران مختلف معاملن تي بحث، نعريبازي ۽ شور شرابو جاري رهڻ کان پوءِ اجلاس جي ڪارروائي اربع ڏينهن منجهند 2 وڳي تائين ملتوي ڪئي وئي.

بقايا | 31 | روزاني عبرت

ڊالر جي رڪارڊ سطح تي پهچي ويو آهي. بهتر معيار، نئين مارڪيٽن تائين پهچ، وڌيڪ ويليو ايڊيشن ۽ برآمدي مارڪيٽن ۾ تنوع ذريعي پاڪستان پنهنجي بليو اڪانومي کي روانگي واپار ۽ اقتصادي ترقي جو هڪ اهم محرڪ بڻائي سگهي ٿو "ايڪس" تي پنهنجي پيغام ۾ هن چيو ته گذريل مالي سال دوران پاڪستان جي ساموندي خوراڪ جو روانگي واپار تاريخ جي بلند ترين سطح تي پهچي ويو ۽ پهريون ڀيرو ساموندي خوراڪ جي روانگي واپار جو ڪاٿو 500 ملين ڊالر جي حد کي پار ڪندي 568 ملين ڊالر رڪارڊ ڪيو ويو آهي. هن چيو ته مالي سال 2023-24ع ۾ پاڪستان جي ساموندي خوراڪ جو روانگي واپار 406 ملين ڊالر هو جيڪو مالي سال 2024-25ع ۾ 489 ملين ڊالر ۽ مالي سال 2025-26ع ۾ ان ۾ نمايان اضافو ٿيو ۽ روانگي واپار 568 ملين ڊالر تائين پهچي ويو ٻن سالن ۾ ساموندي خوراڪ جي روانگي واپار ۾ اٽڪل 40 سيڪڙو اضافو ٿيو آهي.

بقايا | 32 | روزاني عبرت

محسن نقوي پاڪ بحريه جي ڏهاڙي جي موقعي تي پاڪ بحريه جي آفيسرن ۽ جوانن کي شاندار خراج تحسين پيش ڪندي چيو آهي ته 8 سيپٽمبر اسان کي پاڪ بحريه جي بهادر سپوتن جي عظيم قربانين، شجاعت ۽ بيمثال ڪارنامن جي ياد ڏياري ٿو گهرو وزير پنهنجي خاص پيغام ۾ چيو ته پاڪ بحريه جي جانبازن جي پيشيوراڻيون صلاحيتون بهادري ۽ قربانيون قوم لاءِ فخر جو سبب آهن ۽ سڄي قوم پنهنجي غازين ۽ شهيدن کي سلام پيش ڪري ٿي هن چيو ته 8 سيپٽمبر 1965ع جو ڏينهن پاڪ بحريه تاريخي ڪاميابين جو باب آهي.

بقايا | 33 | روزاني عبرت

جي باوجود مشاورت سان بنيادي سڌارا ڪيا ويا آهن انفورسمينٽ جي ذريعي هڪ سال ۾ 800 ارب رپيا رڪور ڪيا ويا، روانگي واپار تي ٻڌل معاشي ترقي اولين ترجيح آهي اهڙن خيالن جو اظهار هن آڳاري ڏينهن ناليواري صنعتڪارن ۽ ڪاروباري شخصيتن جي وفد سان ملاقات دوران ڳالهائيندي ڪيو هن چيو ته واپاري برادري ۽ صنعتڪارن کي پليڪار چوان ٿو هن چيو ته تازي بجيٽ کان اڳ صنعتڪارن ۽ واپاري برادري سان ڪيترين ئي ملاقاتون ڪيون ۽ انهن سان گهري مشاورت ٿي ناڻي واري وفاقي وزير، واپار واري وفاقي وزير ۽ ٻين اعليٰ آفيسرن پڻ ملاقاتون ڪيون وزيراعظم چيو ته مشڪل حالتن ۾ واپاري برادري جي مدد سان نمايان قدم کنيا ويا ۽ ڪيترا سڌارا متعارف ڪرايا ويا.

بقايا | 34 | روزاني عبرت

گذريل صورتحال ڏوهارين خلاف پوليس ڪارروائين اسٽريٽ ڪلچر/اسٽريٽ ڪرائم ڦرلٽ ۽ چوري جي روڪٿام ۽ سيڪيورٽي قدمن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو اجلاس ۾ گهرو وزير هدايت ڪئي ته شهري جي جان ۽ مال جي تحفظ لاءِ ڏوهاري عنصرن خلاف ڪارروائين ۾ وڌيڪ تيزي آندي وڃي ۽ اسٽريٽ ڪرائم ڦرلٽ ۽ چوريءَ جي روڪٿام لاءِ اثرائتي ۽ نتيجا خيز حڪمت عملي تي سختي سان عملدرآمد يقيني بڻايو وڃي ضياءُ الحسن لنجار چيو ته اسٽريٽ ڪرمينل ڦرلٽ ۽ چوري ۾ ملوث عنصرن خلاف انٽيليجنس بيسڊ ۽ ٽارگيٽڊ ڪارروائين جو دائرو وڌيڪ وسيع ڪيو وڃي ڏوهن جي هاٽ اسپاٽس جي نشاندهي ڪري اتي اضافي نفري جي تعينات، اثرائتي پٽرولنگ، پڪٽنگ ۽ خاص نگراني جا انتظام ڪيا وڃن سنڌ جي گهرو وزيراهم شاهراهن، داخلي ۽ خارجي رستن تجارتي مرڪزن رهائشي علائقن ۽ حساس جڳهن تي پوليس گشت ۽ نگراني کي وڌيڪ اثرائتو بڻائڻ جي هدايت ڪندي چيو ته اسٽريٽ ڪرائم ڏاڙن ۽ رهزني جي روڪٿام لاءِ مختلف علائقن ۾ سنيپ چيڪنگ ۽ پڪٽنگ جو دائرو پڻ وڌايو وڃي هن هدايت ڪئي ته ڏوهاري عنصرن جي چرپر امڪاني فرار جي رستن ۽ انهن جي سهولتڪارن جي نشاندهي لاءِ ريڪي ۽ انٽيليجنس نظام کي وڌيڪ فعال بڻايو وڃي.

بقايا | 35 | روزاني عبرت

بدانتظامي جي الزام هيٺ فوري طور معطل ڪيو ويو آهي ايس پي ايس سي طرفان 8 سيپٽمبر 2026ع تي جاري ڪيل حڪم موجب، امتياز احمد جاگيراڻي، جيڪو 18هين گريڊ جو آفيسر آهي جون خدمتون سنڌ سول سرونٽس (ايفيشنسي اينڊ ڊسپلن) رولز 1973ع تحت معطل ڪيون ويون آهن.

بقايا | 36 | روزاني عبرت

مظاهرو ڪندي ملائيشيا کي 2 جي پيٽ ۾ 5 گولن تان شڪست ڏئي سيمي فائنل لاءِ ڪواليفائي ڪري ورتو پاڪستاني ٽيم ايونٽ ۾ شڪست کان محفوظ رهندي ٽئين ڪاميابي حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب رهي، جڏهن ته علي حمزه کي ميچ جو بهترين رانديگر قرار ڏنو ويو ميچ جي شروعات سنسني خيز انداز ۾ ٿي ۽ 9 منٽن ۾ ملائيشيا جي محمد صالحي گول ڪري پنهنجي ٽيم کي برتري ڏياري پاڪستان ٻي هاف ۾ شاندار واپسي ڪندي راند جو پاسو بدلائي ڇڏيو ۽ ملائيشيا جي دفاع تي مسلسل دٻاءُ برقرار رکيو پاڪستان طرفان 32 هين منٽ ۾ نديم خان گول ڪري مقابلو 1-1 تان برابر ڪري ڇڏيو.

بقايا | 37 | روزاني عبرت

محسن نقوي اسلام آباد پوليس جي جديد ڪمانڊ، ڪنٽرول ڪميونيڪيشن اينڊ ڪو آرڊينيشن سينٽر جو افتتاح ڪري ڇڏيو. نئين ڪمانڊ اينڊ ڪنٽرول سينٽر سان آءِ جي اسلام آباد پنهنجي آفيس مان سيف سٽي پوليس آپريشنز ۽ شهر ۾ امن امان جي صورتحال کي سڌي ريت مانيٽر ۽ ڪمانڊ ڪري سگهندو.

بقايا | 38 | روزاني عبرت

آئس لينڊ ڊونلڊ ٽرمپ جي آمريڪي جهنڊي جي نقشي واري پوسٽ تي آمريڪي سفير کي طلب ڪري ورتو نقشي ۾ آئس لينڊ ۽ ٻين ملڪن کي توسيع ٿيل آمريڪا جو حصو ڏيکاريو ويو آهي پرڏيهي ميڊيا مطابق آمريڪي صدر طرفان ٽروٿ سوشل تي شيئر ڪيل نقشي ۾ آمريڪا، ڪينيڊا، گرين لينڊ، آئس لينڊ، ميڪسيڪو مرڪزي آمريڪا ۽ ڪيريبين کي آمريڪي جهنڊي هيٺ ڏيکاريو ويو هو.

بقايا | 39 | روزاني عبرت

وانگ يي بيجنگ ۾ قطر جي وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير شيخ محمد بن عبدالرحمان آل ثاني سان ملاقات ڪئي پرڏيهي ميڊيا مطابق چين جي پرڏيهي وزير چيو ته ويجهن سالن ۾ ٻنهي ملڪن جي اڳواڻن جي حڪمت عملي تي ٻڌل رهنمائي تحت چين ۽ قطر وچ ۾ اسٽريٽجڪ حصيداري نمايان اڳڀرائي ٿي آهي هن چيو ته چين قطر جي قومي خودمختياري، آزادي، سلامتي ۽ استحڪام جي تحفظ لاءِ ڀرپور حمايت جاري ڪندو هن اميد ظاهر ڪئي ته قطر چين جي بنيادي مفادن سان لاڳاپيل معاملن تي مسلسل مضبوط حمايت فراهم ڪندو.

بقايا | 40 | روزاني عبرت

آڪٽوبر تائين منعقد ٿيندڙ عالمي واپاري نمائش "سعودي ايگريڪلچر ايڪسپو" ۾ شرڪت لاءِ 20 سيپٽمبر تائين درخواستون جمع ڪرائي سگهجن ٿيون ٽي ڊي اي پي موجب نمائش 19 کان 22 آڪٽوبر تائين جاري رهندي.

بقايا | 41 | روزاني عبرت

موجب مقامي عملدارن ٻڌايو آهي ته اهو حادثو گذريل ڏينهن شام 7 وڳي السالينٽ بينر ۾ هڪ ٽيسٽنگ سائيٽ تي ان وقت پيش آيو.

بقايا | 42 | روزاني عبرت

نوجوان فوت ٿي ويو پرڏيهي ميڊيا موجب بس گذريل ڏينهن هوچي منهه سٽي طرف وڃي رهي هئي ان دوران رات جو 11:45 وڳي بس ۾ فورڪ هاڪمين جي علائقئي ۾ اوچتو باهه لڳي وئي مقامي عملدارن 20 منٽن جي ڪوشش ڪانپوءِ باهه تي ضابطو آندو جڏهن ته متاثر مسافر مڪمل طور تي سڙي فوت ٿي ويو بس ۾ 24 مسافر سوار هئا باهه لڳڻ جو سبب معلوم ڪرڻ لاءِ جاچ جاري آهي.

بقايا | 43 | روزاني عبرت

جي ترجمان موجب وفاقي وزير بيلٽ اينڊ روڊ سمٽ ۾ پاڪستان جي نمائندگي ڪندو ۽ سمٽ کي خاص خطاب ۽ اهم سيشنز ۾ شرڪت ڪندو دوري دوران جام ڪمال خان هانگ ڪانگ ۾ مختلف ملڪن جي اعليٰ قيادت ۽ عملدارن سان ملاقاتون ڪندو.

بقايا | 44 | روزاني عبرت

پاڪستاني سفير ممتاز زهرا بلوچ چيو آهي ته پاڪستان عالمي امن سلامتي ۽ ترقي جي گڏيل مقصدن لاءِ عالمي تعاون کي مضبوط بڻائڻ تي يقين رکي ٿو پاڙيسري ملڪن سان پر امن ۽ گڏيل احترام تي ٻڌل لاڳاپن جو خواهشمند آهي جڏهن ته پنهنجي دفاع تي ڪڏهن به سمجهوتو نه ڪندو سفارتخاني مان جاري بيان موجب اهڙن خيالن جو اظهار هن پيرس ۾ يوم دفاع جي موقعي تي سفارتخاني ۾ آجيائي جي خطاب ڪندي ڪيو جنهن ۾ سينيٽر ايليزاڻ، سفارتي ڪور جي ميمبرن هٿياربند فوج جي آفيسرن ۽ پاڪستان جي ڪيترن ئي دوستن شرڪت ڪئي سفير ممتاز زهرا بلوچ پاڪستان جي هٿياربند فوج جي شهيدن ۽ غازين کي زبردست خراج عقيدت تحسين پيش ڪندي سندن خدمتن ۽ قربانين کي سلام پيش ڪيو.

بقايا | 45 | روزاني عبرت

ٽرمپ سوشل ميڊيا تي هڪ اهڙو نقشو شيئر ڪيو آهي جنهن ۾ ڪينيڊا، ميڪسيڪو ڪيوبا ۽ خطي جي ٻين علائقن کي توسيع ٿيل آمريڪا جو حصو ڏيکاريو ويو آهي پرڏيهي ميڊيا مطابق ڊونلڊ ٽرمپ جي سوشل ميڊيا پليٽ فارم "ٽروٿ سوشل" تي پوسٽ ڪيل اهو ظاهري طور مصنوعي ذهانت سان تيار ڪيل نقشو آمريڪا سان گڏ ڪينيڊا، ميڪسيڪو ڪيوبا ۽ گرين لينڊ تي آمريڪي جهنڊو ڏيکاري ٿو گرين لينڊ ڊينمارڪ جي مملڪت اندر هڪ خود مختيار علائقو آهي نقشي ۾ اتر آمريڪا ۽ ڪيريبين جا ڪيترا ئي ملڪ ۽ علائقا به ڏيکاريا ويا آهن ڊونلڊ ٽرمپ ان تصوير سان ڪا وضاحت يا ڪيپشن ناهي ڏنو.

سنڌ حڪومت
اسڪول ايجوڪيشن اينڊ لٽريسي ڊپارٽمينٽ
آفيس آف دي ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر
(پرائمري) ڊسٽرڪٽ ڪياماڙي

خالي جاين جو اعلان

انهن اهل اميدوارن کان درخواستون گهرايون وڃن ٿيون جن آءِ بي اي سڪر ٽيسٽنگ سروس (STS) پاران ورتل گريجوئيشن/انٽرميڊيٽ/ميٽرڪ ٽيسٽ ڪاميابيءَ سان پاس ڪئي آهي ۽ وٽس ڊسٽرڪٽ ڪياماڙي جو ڊوميسائل ۽ پرمانٽ ريزيڊينس سرٽيفڪيٽ (PRC) آهي. اهي اميدوار هن اشتهار جي شايع ٿيڻ جي (15) ڏينهن جي اندر پوسٽ جي آڏو ڏنل تعليمي قابليت ۽ تجربي موجب درخواستون ڏئي سگهن ٿا.

نمبر	پوسٽ جو نالو	اسڪيل / بي پي ايس	پوسٽن جو تعداد	تعليمي قابليت	عمر
01	رڪارڊ ڪيپر	05	01	(I) مڃيل بورڊ مان ميٽرڪ يا ان جي برابر قابليت، گڏوگڏ ٽائپنگ ۾ 30 لفظ في منٽ جي رفتار	21-28

نوٽ: پوسٽن جي تعداد ۾ واڌ يا گهٽتائي ڪري سگهجي ٿي.

1. جيڪي اميدوار ڏنل شرطن تي پورو لهن ٿا، اهي سنڌ حڪومت جي جاب پورٽل https://sjp.gos.pk/ تي مٿي ڄاڻايل خالي جاين لاءِ درخواست ڏين. يعني اميدوار گريجوئيشن ڪيٽيگريءَ جي جنرل اسڪريننگ ٽيسٽ گهٽ ۾ گهٽ 40% مارڪن سان پاس ڪيل هجي، جيڪا سڪر آءِ بي اي ٽيسٽنگ سروس (STS) پاران ورتي وئي هجي ۽ مٿي ڄاڻايل پوسٽن تي مقرر لاءِ STS پاران جاري ڪيل سرٽيفڪيٽ رکندڙ هجي.
2. جن اميدوارن سنڌ سول سرونٽس رول 2024 (وڌ ۾ وڌ عمر جي مقرر حد ۾ رعايت)، تاريخ: 16 آڪٽوبر 2024 لاڳو ٿيڻ کان اڳ ٽيسٽ لاءِ درخواست ڏني هئي، انهن جي عمر جي ڳڻپ درخواست جمع ڪرڻ جي آخري تاريخ يعني 30.11.2021 کان ڪئي ويندي. جڏهن ته، جن اميدوارن مٿين قانون لاڳو ٿيڻ کان پوءِ درخواست ڏني هئي، انهن لاءِ 05 سالن جي رعايت پبلڪ سروس، جنرل ايڊمنسٽريشن ۽ ڪوآرڊينيشن ڊپارٽمينٽ جي نوٽيفڪيشن نمبر SO-II (S&GACD) 5-64/2011 (PartII) تاريخ: 2 ڊسمبر 2025 موجب 12.05.2025 کان لاڳو ٿيندي.
3. شروعاتي مقرري لاءِ مخصوص ڪيل ڪوٽا جو حصو سنڌ حڪومت جي قانون/قاعدن/پاليسيءَ موجب ڪٽي ويندو.
4. اهي اميدوار جيڪي اڳ ئي سرڪاري ملازمت ۾ آهن، انهن کي درخواست جمع ڪرڻ کان اڳ پنهنجي ڊپارٽمينٽ مان NOC حاصل ڪرڻ گهرجي ۽ ڊپارٽمينٽل سليڪشن ڪميٽيءَ آڏو جمع ڪرائڻ لاءِ انٽرويو جي وقت NOC جي اصل ڪاپي گڏ آڻڻي پوندي.
5. مقرري سنڌ حڪومت پاران 26.04.2023 تي نوٽيفاءِ ڪيل پاليسي ۽ سنڌ سول سرونٽس ايڪٽ، 1973 جي شقن ۽ وقت به وقت ٿيندڙ ترميمن تحت ڪئي ويندي.
6. اميدوارن کي جاب پورٽل تي اپلوڊ ڪيل شيڊول موجب انٽرويوءَ لاءِ اصل دستاويزن سان گڏ ڊپارٽمينٽل سليڪشن ڪميٽيءَ آڏو پيش ٿيڻو پوندو.
7. انٽرويو لاءِ ڪو به TA/DA نه ڏنو ويندو.

صحيح
(ذوالفقار علي شيخ)
ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر
(پرائمري) ڊسٽرڪٽ ڪياماڙي

INF/KRY/3929/2026

WORK FOR SINDH www.iwork4sindh.com
JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

جنگ کان پاسو ڪرڻ وارو ايراني موقف ۽ عالمي طاقتن جو امتحان

صفحو 4

رميش راجا

دنيا گرين انرجي ۽ تيز رفتار ريلوي ڏانهن، اسان انگريزن جي اڏيل نظام جي بحاليءَ ۾ به پوئتي!

صفحو 4

برآمدات، شمسي توانائي ۽ ايم ايل ون

ميان عمران احمد

صفحو 4

مختيار اڻڙ

اڄوڪو ڏينهن — 09 سيپٽمبر

صفحو 4

گهوٽڪي ۾ ناري جو مبينا ڦاهو ڪاڌل لاش گهر مان هٿ،وارثن پاران قتل جو الزام، 2 ڄڻا گرفتار

مهراڻ ڪالوني ۾ ناري ريڪا زال وشنو جو مبينا طور ڦاهو ڪاڌل لاش سندس ئي گهر مان هٿ اچڻ بعد علائقي ۾ ڇڪتاڻ پکڙجي وئي

پوليس واقعي واري هنڌ پهچي ناري جو لاش تحويل ۾ وٺي اسپتال منتقل ڪيو، جتي ضروري قانوني ڪارروائي ۽ پوسٽ مارٽم لاءِ ڪارروائي شروع ڪئي وئي

ڏيءُ ريڪا پاڻ ڦاهو نہ کاڌو پر کيس سندس مڙس وشنو ڏير ديا نند، گرداس، نند لعل ۽ ڀين مبينا طور گلو ڳچي قتل ڪيو:ديوانو مينگواڙ

ريڪا خودڪشي ڪئي هئي نہ سندس ساهرن پاران فوري طور پوليس کي اطلاع جو نہ ڏنو ويو ۽ ڦاهو کاڌل حالت ۾ مليل لاش کي هيٺ جو لاٿو ويو

گهوٽڪي مبينا خودڪشي ڪندڙ ناري ريڪا جو لاش، ٻئي طرف حياتي جي تصوير

گهوٽڪي(ن ع)گهوٽڪي اي سيڪشن ٿاڻي جي حد مهراڻ ڪالوني ۾ ناري ريڪا زال وشنو جو مبينا طور ڦاهو کاڌل لاش سندس ئي گهر مان هٿ اچڻ بعد علائقي ۾ ڇڪتاڻ پکڙجي وئي. اطلاع ملڻ تي اي سيڪشن پوليس واقعي واري هنڌ پهچي ناري جو لاش تحويل ۾ وٺي اسپتال منتقل ڪيو جتي ضروري قانوني ڪارروائي ۽ پوسٽ مارٽم لاءِ ڪارروائي شروع ڪئي وئي. ان موقعي تي ناري جي والد ديوانو مينگواڙ احتجاج ڪندي الزام لڳايو تہ سندس ڌيءُ ريڪا پاڻ ڦاهو نہ کاڌو پر کيس سندس مڙس وشنو ڏير ديا نند، گرداس، نند لعل ۽ ڀين مبينا طور گلو ڳچي قتل ڪيو جنهن بعد واقعي کي خودڪشي جو رنگ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. ديوانو مينگواڙ جو چوڻ هو تہ سندس ڌيءُ حمل سان هئي ۽ کيس قتل ڪري ظلم ڪيو ويو آهي. هن سوال اٿاريو تہ جيڪڏهن ريڪا خودڪشي ڪئي هئي تہ سندس ساهرن پاران فوري طور پوليس کي اطلاع جو نہ ڏنو ويو ۽ ڦاهو کاڌل حالت ۾ مليل لاش کي هيٺ جو لاٿو ويو. هن مطالبو ڪيو تہ واقعي جي شفاف ۽ غيرجانبدار جاچ ڪرائي اصل حقيقتون سامهون آنديون وڃن ۽ جيڪڏهن سندس ڌيءُ کي قتل ڪيو ويو آهي تہ ملوث جوابدارن خلاف قانون موجب سخت ڪارروائي ڪئي وڃي. هوڏانهن پوليس شڪ جي بنياد تي ناري جي مڙس وشنو ۽ سندس ڀاءُ ديا نند کي حراست ۾ وٺي وڌيڪ جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي. پوليس موجب واقعي جي اصل حقيقت پوسٽ مارٽم رپورٽ ۽ جاچ مڪمل ٿيڻ کانپوءِ ئي سامهون اچي سگهندي

شاهپور دريپور ٿاڻي جي حد ۾ منشيات جو مبينا ڪاروبار، ڳوٺاڻن جو احتجاجي مظاهرو

ڳوٺاڻن احتجاجي مظاهرو ڪري بااثر منشيات فروشن سان منسوب منشيات جي ڪارخانن ۽ ڪاروبار خلاف سخت نعريبازي ڪئي

نوجوان نسل جو مستقبل داءُ تي لڳل آهي، جڏهن تہ منشيات جي آساني سان دستيابي سبب ڪيترائي نوجوان تباهي جي ڪناري تي پهچي ويا آهن:ڳوٺاڻا

منشيات جي مبينا ڪارخانن ۽ وڪري خلاف اثرائتي ڪارروائي نہ ڪئي وئي تہ ان جا انتهائي خطرناڪ سماجي نتيجا سامهون اچي سگهن ٿا

مسوبرگڙي: ڳوٺاڻا مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪري رهيا آهن

مسوبرگڙي (ن ع) مسوبرگڙي پرسان شاهپوردريپور ٿاڻي جي حد ۾ ... وٺن جو مطالبو ڪيو. احتجاج ڪندڙ ڳوٺاڻن جو چوڻ هو تہ علائقي ۾ منشيات جي مبينا ڪاروبار سبب نوجوان نسل جو مستقبل داءُ تي لڳل آهي، جڏهن تہ منشيات جي آساني سان دستيابي سبب ڪيترائي نوجوان تباهي جي ڪناري تي پهچي ويا آهن. مظاهرين الزام لڳايو تہ جيڪڏهن منشيات جي مبينا ڪارخانن ۽ وڪري خلاف اثرائتي ڪارروائي نہ ڪئي وئي تہ ان جا انتهائي خطرناڪ سماجي ... ڪيو آهي تہ هو معاملي جو فوري نوٽيس وٺي شاهپور دريپور ٿاڻي جي حد ۾ منشيات جي مبينا ڪاروبار بابت جامع انڪوائري ڪرائي. مظاهرين جو چوڻ آهي تہ جاچ دوران رڳو منشيات وڪڻندڙن تائين محدود نہ رهڻ گهرجي، پر مبينا ڪارخانن، منشيات جي تياري، ذخيري، ترسيل ۽ وڪري جي سموري نيٽ ورڪ کي سامهون آندو وڃي

مير سهيل پيرو ٽالپر جي مان ۾ پروقار تقريب، ڪميونٽي هال تعمير ڪرائڻ جو اعلان

طوطا رام ڀيل پاران تقريب جو اهتمام، علائقي واسين اجرڪ ۽ لنگين جا تحفا پيش ڪري آجيان ڪئي

عوام سان محبت ۽ عزت جو رشتو اٽوٽ آهي، عوامي خدمت جو سلسلو جاري رکيو ويندو: سهيل پيرو ٽالپر

عثمان شاهه هٽڙي(رپورٽ) مير سهيل پيرو ٽالپر جي مان ۾ پروقار تقريب، شاندار آجيان ضلع ٽنڊوالهيار جي يوسي ميرآباد جي علائقي مريد هوڪل وٽ ضلع ڪائونسل ٽنڊوالهيار جي چيئرمين محترم مير سهيل پيرو ٽالپور جي اعزاز ۾ پيپلز هاري ڪميٽي تعلقي جهنڊو مري جي سينيئر نائب صدر طوطا رام ڀيل پاران هڪ پروقار تقريب جو اهتمام ڪيو ويو جنهن ۾ مير سهيل پيرو ٽالپر خاص مهمان طور شرڪت ڪئي. ... ٺورڙنو آهيان ۽ هتان جي علائقي جي عوام مير برادرس سان اٽوٽ رشتو آهي جنهن کي هن پهرين منهنجي مرحوم والد محترم ميرمحمد غلام پيرو ٽالپر عوام جي بي لوث خدمت ڪئي ۽ ڪندا رهنداسين. ان موقعي تي هن پاران علائقي جي عوام جي سهولت لاءِ ڪميونٽي هال تعمير ڪرائڻ جو اعلان تقريب ۾ پيپلز هاري ڪميٽي ڊويزن حيدرآباد جي عهديدارن عرفان علي چند، قاضي رشيد چانڊيو لالا حبيب ڀٽو ...

عثمان شاهه هٽڙي سهيل پيرو ٽالپر آجياڻي واري تقريب کي خطاب ڪندي

سنڌ ڌرتي ماءُ آهي،ان جي ورهاڱي تي ڪابہ سوديبازي نہ ڪنداسين:عرفان لغاري

ميهڙ(ن ع)سنڌ اسان جي ڌرتي ماءُ آهي ان جي ورهاڱي تي ڪڏهن بہ ڪابہ سوديبازي نہ ڪنداسين پيپلزپارٽي اسيمبلين کان وٺي ايوان صدر تائين اهو ڪيس وڙهي رهي آهي انشاءالله عوام ڏسندو تہ اهي سڀ سازشون ناڪام ٿينديون اهڙن خيالن جو اظهار پ پ پ ايم اين اي عرفان ظفر لغاري، اڳوڻي ايم اين اي عمران ظفر لغاري، اڳوڻي صوبائي صلاحڪار مير محمد امين مينگل، يوسي سنڌي ٻٽڙا جي چيئرمين شاهد خان ڦيبو ميهڙ پرسان ڳوٺ احمدپور ۾ بروهي اتحاد ڪاميٽي ... چيئرمين ظفر چانڊيو، سيد شهيل شاهه، بشير احمد جوڳرو، علي احمد بروهي، حبيب بروهي ۽ ٻيا پڻ موجود هئا جڏهن تہ ان کان اڳ پ پ پ ايم اين اي عرفان ظفر لغاري، اڳوڻي ايم اين اي عمران ظفر لغاري، اڳوڻي صوبائي صلاحڪار مير محمد امين مينگل، يوسي سنڌي ٻٽڙا جي چيئرمين شاهد خان ڦيبو جو ڳوٺ احمدپور پهچڻ تي پ پ پ ڪارڪنن ۽ بروهي امن ڪاميٽي جي ڪارڪنن گلن جي ورکا ڪري شاندار استقبال ڪيو جڏهن تہ آيل مهمانن کي سنڌ جي ثقافت اجرڪ ۽ لونگيون پارايون ويون

ارڙهين ترميم وفاقي حڪومت جي ڳچيءَ ۾ ڦاٿل آهي،وفاق هاڻي نوان صوبا ناهي سنڌ جي وسيلن تي قبضو ڪرڻ چاهي ٿو

سنڌ حڪومت جي ناقص ڪارڪردگي سبب صوبو مسائلستان بڻجي ويو آهي:راشد محمود سومرو

منشيات، اسٽريٽ ڪرائيم، ڪرپشن ۽ سفارش جو راڄ آهي،لکين ٻار اسڪولن جون عمارتون نہ هجڻ سبب ڪليل آسمان هيٺ تعليم حاصل ڪرڻ تي مجبور آهن

عوام کي صاف پاڻي ميسر ناهي،سرڪاري ادارن کي سفارش ۽ ڪرپشن تباهہ ڪري ڇڏيو آهي،نوڪريون پئسن عيوض وڪرو ڪيون پيون وڃن

سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جو مقصد ميرٽ تي ڀرتيون ڪرڻ هجڻ گهرجي، پر ان ذريعي وڏيرن جي ٻارن کي سرڪاري نوڪريون ڏيڻ جو دائر موجود آهي

ڏکڻ جي يو آءِ اڳواڻ راشد محمود سومرو ميڊيا سان ڳالهائيندي

ڏهرڪي(رپورٽ/نصيراحمد قريشي)جمعيت علماءِ اسلام سنڌ جي جنرل سيڪريٽري علامہ راشد محمود سومرو چيو آهي تہ سنڌ حڪومت جي ناقص ڪارڪردگي سبب صوبو مسائلستان بڻجي ويو آهي سڄي سنڌ ۾ منشيات، اسٽريٽ ڪرائيم، ڪرپشن ۽ سفارش جو راڄ آهي، جڏهن تہ عوام بنيادي سهولتن کان محروم آهي ڏهرڪي ۾ صحافين سان ڳالهائيندي علامہ راشد محمود سومري سنڌ حڪومت ... ڪرپشن نظام کي تباهہ ڪري ڇڏيو آهي جڏهن تہ نوڪريون مبينا طور پئسن عيوض وڪرو ڪيون پيون وڃن هن چيو تہ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جو مقصد ميرٽ تي ڀرتيون ڪرڻ هجڻ گهرجي، پر ان ذريعي وڏيرن جي ٻارن کي سرڪاري نوڪريون ڏيڻ جو ڌاڻو موجود آهي ڪرپشن انتها تي پهچي چڪي آهي ۽ عوام کي بنيادي حقن کان محروم رکيو پيو وڃي.نون صوبن بابت پڇيل سوال جي جواب ۾ علامہ ... ترميم تحت معدنيات جا اختيار صوبن کي ڏنا ويا آهن سندس چوڻ هو تہ هاڻي نوان صوبا ناهي قانوني شڪل ۾ وفاق سنڌ جي وسيلن تي قبضو ڪرڻ چاهي ٿو جمعيت علماءِ اسلام سنڌ جي وحدت جو ڪڏهن بہ سودو نہ ڪندي ۽ سنڌ ۾ نون صوبن يا انتظامي يونٽن جي مخالفت ڪري ٿي خيبر پختونخوا جي وڏي وزير سان ملاقات بابت هن وضاحت ڪئي تہ وڏي وزير سهيل آفريدي سنڌ جي دوري تي لاڙڪاڻي آيو سندس چوڻ مطابق ان ڪانسواءِ وڏي وزير سان ڪا بہ سياسي ڳالهہ ٻولهہ نہ ٿي علامہ راشد محمود سومري وڌيڪ چيو تہ سنڌ ۾ پيٽرول، گئس ۽ قيمتي معدنيات جا وسيع ذخيرا موجود آهن پر سندس بقول حڪمران سنڌ جي وسيلن تي قبضو ڪري عوام کي بک ۽ غربت ڏانهن ڌڪڻ چاهين ٿا. سنڌ جا عوام پاڻ سان ٿيندڙ زيادتين کي وساري نٿا سگهن

شاهہ لطيف گرلز ڪاليج حيدرآباد ۾ سيرت النبي ﷺ ڪانفرنس

حيدرآباد شاهہ لطيف گرلز ڪاليج حيدرآباد ۾ سيرت النبي ﷺ ڪانفرنس جو ڏيک

پرنسپال پروفيسر راحيلہ بلوچ جي نگراني ۾ روح پرور محفل منعقد ڪئي وئي

ڪاليج ڪرونڪل "دي لطيفين ليجر" جي تقريب رونمائي منعقد ڪئي وئي

حيدرآباد(پ ر)گورنمينٽ شاهہ لطيف گرلز ڪاليج حيدرآباد ۾ سيرت النبي ﷺ ڪانفرنس ۽ ڪاليج ڪرونڪل جي تقريب رونمائي گورنمينٽ شاهہ لطيف گرلز ڪاليج حيدرآباد ۾ سيدالمرسلين خاتم النبيين ۽ رحمت للعالمين حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جي بارگاهہ اقدس ۾ نذرانہءِ عقيدت ۽ مدح سرائي جا گل نڇاور ڪرڻ جي مقصد سان پرنسپال شاهہ لطيف گرلز ڪاليج پروفيسر راحيلہ بلوچ جي نگراني ۽ سرپرستيءَ هيٺ سيرت النبي ﷺ ڪانفرنس جي روح پرور محفل ۽ ڪاليج ڪرونڪل "دي لطيفين ليجر" جي تقريب رونمائي منعقد ڪئي وئي.هن نوراني محفل ۾ ريجنل ڊائريڪٽر آف ڪاليجز حيدرآباد، عالي مرتبت پروفيسر محمد يوسف خان رحماني مهمانِ خصوصي طور شريڪ ٿيا. ان کان علاوه حيدرآباد جي سمورن ڪاليجن جون پرنسپال، اداري مان مدت ملازمت مڪمل ڪري رٽائر ٿيندڙ اڳوڻيون پرنسپال ۽ معزز استاد پڻ خصوصي طور شرڪت ڪئي.محفل جي نظامت جا فرض پروفيسر ماهہ پارا زيدي انجام ڏنا.هن مقدس، بابرڪت ۽ يادگار محفل جي شروعات تلاوتِ قرآن پاڪ سان ڪئي وئي، جنهن کان پوءِ پيغمبر آخرالزمان حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جي بارگاهہ ۾ عقيدت ۽ محبت جا گل پيش ڪيا ويا.شاهہ لطيف گرلز ڪاليج جي سربراهہ پروفيسر راحيلہ بلوچ پاران صدرِ محفل ۽ معزز مهمانن جي خدمت ۾ استقبالي تحفا ۽ يادگاري شيلڊون پيش ڪيون ويون جڏهن تہ ڪاليج ڪرونڪل ڪميٽي پاران پرنسپال پروفيسر راحيلہ بلوچ جي ٻن سالن واري ڪارڪردگي، ڀهرين سيرت ڪانفرنس جي انعقاد ۽ ڀهرين ڪاليج ڪرونڪل جي اشاعت جي اعزاز ۾ سندن خدمت ۾ استقبالي تحفو ۽ خصوصي شيلڊ پڻ پيش ڪئي وئي.پروفيسر راحيلہ بلوچ پنهنجي خطبہءِ استقباليہ ۾ معزز مهمانن جي آمد تي ٿورا مڃيندي، اداري ۾ محنت ۽ جانفشانيءَ سان پنهنجا فرض انجام ڏيڻ ۽ ڪاليج ڪرونڪل جي ترتيب، تدوين ۽ اشاعت ۾ اهم خدمتون سرانجام ڏيڻ تي ڪاليج ڪرونڪل ڪميٽيءَ جي معزز استادن جا پڻ ٿورا مڃيا.هن نوراني ۽ بابرڪت محفل جي انعقاد تي شاهہ لطيف گرلز ڪاليج جي سربراهہ پروفيسر راحيلہ بلوچ کي دل جي گهراين سان مبارڪباد پيش ڪئي

ڊاڪٽر ارشد خانزادي کي ڊائريڪٽر اينيمل هسبنڊري سنڌ مقرر ٿيڻ تي آبڪا اڳواڻن جي مبارڪباد

منور علي شاهہ ۽ راجا امام بخش پاران ڊاڪٽر ارشد خانزادي سان سندس آفيس ۾ ملاقات

ڊاڪٽر ارشد خانزادو ملازم دوست آفيسر آهي، ملازمن جا مسئلا ترجيحي بنيادن تي حل ڪندو: آبڪا اڳواڻ

حيدرآباد ڊاڪٽر ارشد خانزادي کي آبڪا اڳواڻ مبارڪباد ڏئي رهيا آهن

۽ سنڌ جي نائب صدر راجا امام بخش ڊاڪٽر ارشد خانزادي کي ڊائريڪٽر اينيمل هسبنڊري سنڌ مقرر ٿيڻ تي حيدرآباد ۾ سندن آفيس ۾ ملاقات ڪري مبارڪ باد پيش ڪئي انهن چيو تہ ڊاڪٽر ارشد خانزادو هڪ ملازم دوست آفيسر آهي اسان کي اميد آهي تہ ڊاڪٽر ارشد خانزادو ملازمن جي ...

حيدرآباد (پ ر) آل پاڪستان ڪلرڪ ايسوسيئيشن سنڌ جي صدر منور علي شاهہ ...

صوبائي محتسب اعليٰ پاران اسسٽنٽ ڪمشنر آفيس جاتي اڳيان کلي ڪچهري،شڪايتن جا انبار

صوبائي محتسب اعليٰ جي ريجنل ڊائريڪٽر الطاف حسين لغاري اسسٽنٽ ڪمشنر آفيس اڳيان ٽينٽ لڳائي شهرين ۽ واپارين سان کلي ڪچهري ڪئي

منشيات جي وڪري ۽ استعمال، ڪيترن ئي اسڪولن جي بند هجڻ،بي ايڇ يوز ۾ڊاڪٽرن جي مقرري نہ ٿيڻ لنڪ روڊن جي خراب حالت بابت شڪايتون

روزگار نہ ملڻ ۽ بلدياتي ادارن،ضلعي ڪائونسل،ٽائون ڪميٽي ۽ يونين ڪائونسلن جي اربين روپين جي بجيٽ ۾ ڪرپشن بابت شڪايتون ڪيون ويون

عوام پاران پيش ڪيل سمورن مسئلن بابت لاڳاپيل ادارن کي فوري طور لکيو ويندو ۽ جلد کان جلد انهن جي حل لاءِ عملي قدم کنيا ويندا:الطاف لغاري

جاتي(رپورٽ:شڪيل رزاق لوهار)صوبائي محتسب اعليٰ جي ريجنل ڊائريڪٽر الطاف حسين لغاري اسسٽنٽ ڪمشنر آفيس جاتي اڳيان ٽينٽ لڳائي تعلقي جي ماڻهن شهرين ۽ واپارين سان کلي ڪچهري ڪئي، جنهن دوران مختلف مسئلن بابت شڪايتن جا انبار لڳي ويا. کلي ڪچهري ۾ شهرين منشيات جي کلي عام وڪري ۽ استعمال، ڪيترن ئي اسڪولن جي بند هجڻ، بي ايڇ يوز ۾ ڊاڪٽرن جي مقرري نہ ٿيڻ، ساحلي پٽي سان ملندڙ لنڪ روڊن جي خراب حالت، شاخن ۾ پاڻي جي هترادو ڪوٽ سبب ساحلي علائقن تائين پيئڻ جي پاڻي جي فراهمي، تيل ۽ گيس ڪيندڙ آئل ڪمپنين ۾ مقامي بيروزگار نوجوانن کي روزگار نہ ملڻ ۽ بلدياتي ادارن ضلعي ڪائونسل، ٽائون ڪميٽي جاتي ۽ يونين ڪائونسلن جي اربين روپين جي بجيٽن ۾ مبينا ڪرپشن بابت شڪايتون پيش ڪيون. شهرين ۽ واپارين روڊن تي وڌندڙ ڦرن چورين ۽ بدامني بابت پڻ سخت ڳڻتي جو اظهار ڪيو. ان موقعي تي ريجنل ڊائريڪٽر الطاف حسين لغاري لاڳاپيل کاتن جي آفيسرن کي هدايتون جاري ڪندي مسئلن جي فوري حل لاءِ قدم کڻڻ جا حڪم ڏنا. ميڊيا ۽ شرڪت ڪندڙن سان ڳالهائيندي الطاف حسين لغاري چيو تہ عوام پاران پيش ڪيل سمورن مسئلن بابت لاڳاپيل ادارن کي فوري طور لکيو ويندو ۽ جلد کان جلد انهن جي حل لاءِ عملي قدم کنيا ويندا. کلي ڪچهري ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر غلام قادر نهوريو، مختيارڪار جاتي اعجاز ٻرڙو سميت مختلف سرڪاري کاتن جا آفيسر پڻ موجود هئا

بوائز هاءِ اسڪول سيوهڻ پاران ٻار پڙهايو سنڌ سنواريو ريلي

ريلي دوران استادن ۽ شاگردن "ٻار پڙهايو، سنڌ سنواريو" جا زوردار نعرا هنيا

هر ٻار کي اسڪول تائين پهچائڻ ۽ تعليم جا بهتر موقعا فراهم ڪرڻ ضروري آهن:امداد پنهور

سيوهڻ(ن ع)گورنمينٽ مين بوائز هاءِ اسڪول سيوهڻ پاران "ٻار پڙهايو سنڌ سنواريو" جي عنوان سان تعليمي جاڳرتا ريلي ڪڍي وئي، جاڳرتا ريلي ۾ استادن ۽ شاگردن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ريلي مختلف رستن کان ٿيندي ڌمال چوڪ وٽ نيشنل پريس ڪلب سيوهڻ پهتي ريلي دوران استادن ۽ شاگردن "ٻار پڙهايو سنڌ سنواريو" جا زوردار نعرا هنيا ۽ ... جي ترقي جو دارومدار تعليم تي آهي، تنهنڪري هر ٻار کي اسڪول تائين پهچائڻ ۽ تعليم جا بهتر موقعا فراهم ڪرڻ ضروري آهن والدين کي گهرجي تہ هو پنهنجي ٻارن کي اسڪولن ۾ داخل ڪرائين ۽ ٻارن کان پورهيو ڪرائڻ بدران سندن تعليم تي ڌيان ڏين ڇاڪاڻ تہ تعليم يافتہ نسل ئي سنڌ کي ترقي ۽ خوشحالي ڏانهن وٺي وڃي سگهي ٿو ريلي جي شرڪت ...

سيوهڻ ٻار پڙهايو سنڌ سنواريو ريلي ڪڍي پئي وڃي

فريدآباد بوائز ايليمينٽري لوئر اسڪول ۾ پ ٽ الف بادي جي مان ۾ آجياڻو ڏنو ويو

فريدآباد(ن ع)فريدآباد گورنمينٽ بوائز ايليمينٽري لوئر اسڪول الله بخش جهتيال اسڪول جي هيڊ ماسٽر عاشق حسين جانوري ۽ ان ئي اسڪول جي استادن محمد اعظم جهتيال، احمد خان لاکير، سعيد احمد جهتيال ۽ ٻين استادن پاران پ ٽ الف بادي جي مان ۾ شاندار آجياڻو ڏنو ويو جنهن ۾ پ ٽ الف جنرل سيڪريٽري مرڪز اعجاز علي چانڊيو،پ ٽ الف تعلقا ... ڪيا ويندا،آخر ۾ سڀني کي مانجهاندو ڪرايو ويو،مهمانن ۾ عبدالرشيد جانوري، منير احمد ڏيري فياض انصاري ۽ ٻين شرڪت ڪئي

قاسم آباد جي علائقي شيدي ڳوٺ جي رهواسين پاران احتجاجي مظاهرو

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر)قاسم آباد جي علائقي شيدي ڳوٺ جي رهواسي ڪريم بخش چنا ڪالهہ حيدرآباد پريس ڪلب سامهون پنهنجي ڌي رابعيا گل چنہ ۽ گهر ڀاتين سوڌو ميهڙ واسي رزاق چنا جي ڏمڪين خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو اُن موقعي تي هن الزام هڻندي چيو تہ سال 2025 ۾ پاڙي ۾ رهندڙ سڪيورٽي گارڊ رزاق جلباڻي منهنجي ڌي رابعيا گل چنا کي بليڪ ميل ڪري اغوا بعد زبردستي شادي جي دعوا ڪئي جنهن خلاف ڪيس داخل ڪرڻ تي پوليس منهنجي ڌي رابعيا گل چنہ کي ميهڙ سان بازياب ڪرايو جتان پوليس عدالتي حڪم تي منهنجي ڌي رابعيا گل چنہ کي حيدرآباد دارالامان موڪليو جتي منهنجي ڌي رزاق جلباڻي خلاف شڪايتون ڪندي اسان کا خلع جو بيان ڏنو جنهن تي عدالت منهنجي ڌي رابعيا گل چنہ منهنجي حوالي ڪئي جنهن بعد منهنجي ڌي رابعيا رزاق جلباڻي کان خلع لاءِ عدالت ۾ درخواست داخل ڪئي جنهن تي عدالت خلع جي ڊگري جاري ڪري ڇڏي هن چيو تہ عدالت پاران ڊگري باوجود رزاق جلباڻي منهنجي ڌي رابعيا ... منهنجي جون تصويرون سوشل ميڊيا تي رکي بليڪ ميل پيو ڪري جنهن خلاف سائبر ڪرائم ۾ درخواست ڏني آهي ... تحفظ ڏنو وڃي

واسا ملازمن پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ 66 هين ڏينهن احتجاجي مظاهرو

پريس ڪلب سامهون ذاڪر الله ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

رهيل پگهارون ۽ پينشن جلد ادا ڪري ملازمن ۽ ڦليل پيچيدگيون ختم ڪيون وڃن:اڳواڻ

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر)واسا حيدرآباد جي ملازمن پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ 66 هين ڏينهن احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ...

حيدرآباد واسا ملازم مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪندي

سنڌ صدين کان هڪ آهي هميشہ هڪ رهندي سنڌ خلاف ٿيندڙ سازشون ناڪام ٿينديون:نزهت رزاق

جيسيتائين شهيد راڻي جو هڪ بہ جيالو باقي هوندو تيسيتائين سنڌ جي وحدانيت تي وار ٿيڻ نہ ڏينو

شهيد ذوالفقار علي ملڪ کي نہ رڳو ايٽمي پروگرام ڏنو پر هڪ مظفق آئين ڏنو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي عورتاڻي ونگ جي اڳواڻ نزهت رزاق چيو آهي تہ جيسيتائين شهيد راڻي محترمہ بينظير ڀٽو جو هڪ بہ جيالو باقي رهندو تيسيتائين سنڌ جي وحدانيت تي وار ٿيڻ نہ ڏينداسين ... شهيد ذوالفقار علي ملڪ کي نہ رڳو ايٽمي پروگرام ڏنو پر هڪ مظفق آئين ڏنو جو عام ماڻهن جو آواز بڻيو ... نوجوان چيئرمين پيپلز پارٽي بلاول ڀٽو زرداري پاڪستان جا وزير اعظم ٿيندو

ڪراچي نزهت رزاق ميڊيا سان ڳالهائيندي

ڪالهجي استادن جا پروموشن ڪيس سليڪشن بورڊ ۾ شامل ڪيا وڃن:ياسر شيخ

پروموشن ڪيس ايجنڊا ۾ شامل نہ ڪرڻ ڳڻتي جوڳو ۽ استادن سان ناانصافي آهي

ميرٽ، سينيئرٽي ۽ قانوني قاعدن ۽ ضابطن موجب استادن جو جائز حق ڏنو وڃي

حيدرآباد(پ ر)ڪاليج ايجوڪيشن جي استادن جا پروموشن ڪيس فوري طور سليڪشن بورڊ جي ايجنڊا ۾ شامل ڪيا وڃن، ياسر شيخ مسلم ٽيچر فورم سنڌ جي جنرل سيڪريٽري ياسر شيخ چيو آهي تہ گذريل هڪ سال کان ڪاليج ايجوڪيشن جي اهل استادن جي BS-19 ۾ پروموشن جا ڪيس مسلسل Provincial Selection Board-II جي ايجنڊا ۾ شامل نہ ڪرڻ انتهائي ڳڻتي جوڳو عمل ۽ استادن سان ناانصافي آهي.هن چيو تہ 8 سيپٽمبر 2026ع تي ٿيندڙ Provincial Selection Board-II جي ايجنڊا ۾ مختلف کاتن جي BS-19 پروموشن جا ڪيس شامل ڪيا ويا ...

ڊي ايس پي دولتپور واڪ ڪندي موٽرسائيڪل ٽڪرائجڻ سبب زخمي

دولتپور(ن ع)ڊي ايس پي دولتپور ارباب هالو واڪ ڪندي پويان موٽرسائيڪل جو زوردار ٽڪرائجڻ سبب سخت زخمي ٿي پيو. ... سخت زخمي ڊي ايس پي کي ... سول اسپتال حيدرآباد ريفر ڪيو ويو آهي

سڪرنڊ ۾ جشن عيدميلاد النبي ﷺ ڪائونسل پاران ختم نبوت ڪانفرنس

ڪانفرنس علامہ فيض محمد سڪندري جي صدارت هيٺ ملهائي وئي

نعت خوانن آقا ڪريم ﷺ جن جي شان ۾ نعت شريف جا نذرانہ پيش ڪيا

آقا ڪريم الله جو آخري نبي آهي جن کانپوءِ ڪوبہ نبي يا رسول نہ ايندو:عالم

سڪرنڊ (س ر)جشن عيدميلاد النبي ﷺ ڪائونسل پاران سالانہ ختم نبوت ڪانفرنس اسٽيشن روڊ (عبدالغفار مڪسي روڊ) تي مناظرہ اسلام حضرت علامہ مولانا مفتي فيض محمد سڪندري جي صدارت هيٺ ملهائي وئي جنهن ۾ علماءِ اڪرام، حفاظ اڪرام، آئمہ اڪرام، ڪائونسلر مختلف مذهبي تنظيمن جي اڳواڻن، شهرين، واپارين سميت مختلف مڪتب فڪر جي شخصيتن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ...

سڪرنڊ سڪرنڊ ۾ جشن عيدميلاد النبي ﷺ ڪائونسل پاران ختم نبوت ڪانفرنس جو ڏيک

بوائز هائير سيڪنڊري اسڪول آراضي ۾ ميلاد ﷺ جي محفل منعقد ڪئي

سيوهڻ(ن ع)گورنمينٽ بوائز هائير سيڪنڊري اسڪول آراضي ۾ عيدميلاد النبي حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جي حوالي سان وڏي جوش، جذبي عقيدت ۽ احترام سان ميلاد جي محفل منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ استادن شاگردن ۽ معزز مهمانن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري پاڻ سڳورن سان پنهنجي محبت ۽ عقيدت جو اظهار ڪيو ...

سيهڙ اسٽيشن ۾ جشن عيد ميلاد النبي ﷺ عقيدت سان ملهايو ويو

حافظ جان محمد اڻڙ،حافظ اويس چانڊيو جي زيرِ نگراني جشن ملهايو ويو

نعت خوانن سرور ڪائنات جي بارگاهہ ۾ عقيدت جا گل نڇاور ڪيا

حضور اڪرم ﷺ جن جي آمد پوري ڪائنات لاءِ رحمت آهي:مقرر

سيهڙ اسٽيشن (رپورٽ: وقار علي هيسباڻي)سيهڙ اسٽيشن ۾ اهل سنت والجماعت پاران جشن عيد ميلاد النبي صلي الله عليه وآلہ وسلم انتهائي عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويو جنهن سلسلي ۾ حافظ جان محمد اڻڙ حافظ اويس چانڊيو جي زيرِ نگراني هڪ شاندار ۽ روح پرور جلسي جو اهتمام ڪيو ويو.جلسي جي شروعات تلاوت ڪلام پاڪ سان ڪئي وئي ...

سيهڙ اسٽيشن جشن عيد ميلاد النبي ﷺ کي مقرر خطاب ڪندي

ڳڏيجي ۾ شاهہ جي مشين تي جشن عيد ميلادالنبي ﷺ جو جلسو

عالمن حضور اڪرم ﷺ جو شان بيان ڪيو،نعت خوانن نعتون پيش ڪيون

ربيع الاول جو مهينو برڪتن وارو آهي،حضور ﷺ جي ولادت سان جهالت جو انت ٿيو:عالم

ڳڏيجي (ن ع)جشن عيد ميلادالنبي ﷺ جو جلسو شاهہ جي مشين تي منعقد ڪيو ويو ...

پٽ شهباز ڪراچي ۾ راند ڪندي اوچتو گم ٿي ويو،ڪوڏس ڏينهن کان پتو نہ ملي سگهيو آهي:عائشہ سمون

ڏهرڪي(ن ع)ڏهرڪي پريس ڪلب جي پرسان ڳوٺ جي رهواسڻ مطلقہ عائشہ سمون زال اسماعيل دلواڻي چيو آهي تہ هوءَ پنهنجي ٻارن سان گڏ ڪراچي ۾ عارضي طور رهائش پذير هئي ... منهنجو پٽ شهباز ... گم ٿي ويو ... تحفظ ڏنو وڃي

بوائز هاءِ اسڪول مانجهند ۾ يوم خواندگي ريلي ڪڍي وئي

تعليم حاصل ڪرڻ جي ڪا عمر جي حد نہ رکيل آهي:شفيع ملاح

اسان جو فرض ٿو ٿئي تہ ناخواندگي ختم ڪرڻ لاءِ علم جي پرچار ڪريون

مانجهند(ن ع)گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول مانجهند ۾ 8سيپٽمبر خواندگي جي عالمي ڏينهن تي منسٽري آف فيڊرل ايجوڪيشن اين سي ايڇ ڊي ڄامشورو جي سول سروِنٽ گزيٽيڊ فيلڊ آفيسرس شفيع ملاح مولابخش ميربحر، گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول مانجهند جي هيڊ ماسٽر اميربخش لاکو مين پرائمري اسڪول مانجهند هيڊ ماسٽر برڪت علي جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي وئي ... بين مخاطب ٿيندي چيو تہ اڄ 8 سيپٽمبر سڄي دنيا خواندگي جو ڏينهن ملهائي رهي آهي تعليم انسان جو بنيادي حق آهي تعليم جي ذريعي ترقي ڪري سگهجي ٿي ...

مانجهند بوائز هاءِ اسڪول مانجهند ۾ يوم خواندگي ريلي ڪڍي پئي وڃي

اسان جي هارين زمين تي قبضو ڪري ماڻهون ويهاري ڇڏيا آهن:شير خان مري

اسان جي زمين تي قڀضا ساڻوڻ مري، بادل، سارنگ مري هاريو ڪندا هئا

مورو(ن ع) مورو پرسان ڳوٺ حاجي خان مري جي رهواسي پوڙهيت شيرخان مري ... سندس بيوه آمڙ سهڻي زال گل محمد مري،عطا محمد،حيات، علي شير ... مجهرجي اسان جي سڄي زمين تي قبضو ڪري پنهنجا ماڻهون ويهاري ڇڏيا آهن جڏهن تہ سنڌن کي گهر اڏڻ لاءِ بہ اساز 3 ويسا ڏنا هئا ... انصاف ڏنو وڃي

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم – سعودي عرب ۾ 2 ريال
روزاني عبرت
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

اربع 09 سيپٽمبر 2026ع

جنگ کان پاسو ڪرڻ وارو ايراني موقف ۽ عالمي طاقتن جو امتحان

ايراني صدر مسعود پزشڪيان جو اهو بيان ته 'ايران جنگ جو خواهشمند ناهي پر ڪنهن به جارحيت جي صورت ۾ پنهنجي دفاع، قومي مفادن ۽ عوام جي حقن تان پوئتي نه هٽندو' وچ اوڀر جي موجوده ڇڪتاڻ واري صورتحال ۾ انتهائي اهميت رکي ٿو. ڇو ته ايران اهڙي وقت ۾ جنگ کان پاسو ڪرڻ جي ڳالهه ڪري رهيو آهي جڏهن وچ اوڀر اڳ ئي ڪيترن ئي ٽڪراءَ ۽ جنگين جي ور چڙهيل آهي. خطي ۾ وڌيڪ ڪنهن وڏي فوجي ٽڪراءَ جو مطلب رڳو ٻن ملڪن وچ ۾ جنگ نه هوندي پر ان جا اثر سڄي علائقي، عالمي معيشت ۽ لکن جي تعداد ۾ عوام جي زندگين تي پئجي سگهن ٿا. جنگ جي شروعات ته هڪ حڪم سان ٿي سگهي ٿي پر انهيءَ جا نتيجا سالن تائين ختم نٿا ٿين. بلڪ شهر تباهه ٿيو وڃن، خاندان اجڙو وڃن، معيشت ڪمزور ٿئي ٿي ۽ عام ماڻهو پنهنجي روزمره جي زندگي، روزگار ۽ مستقبل کان محروم ٿين ٿا. تنهن ڪري ايران جو جنگ کان پاسو ڪرڻ وارو موقف عالمي برادريءَ لاءِ سنجيدگيءَ سان غور ڪرڻ جو معاملو آهي.

ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ اختلافن جي تاريخ ڊگهي آهي ۽ ٻنهي ملڪن جا ڪيترن ئي اهم معاملن تي سخت تضاد موجود آهن. پر انهن اختلافن جو حل ڪنهن به صورت ۾ مسلسل فوجي ڇڪتاڻ ۾ نظر نٿو اچي. طاقت جي استعمال سان شايد ڪنهن ملڪ کي عارضي طور دٻائي سگهجي پر ان جي سوچ، قومي مفادن ۽ سياسي موقف کي ختم نٿو ڪري سگهجي. جنگ ڪنهن مسئلي جو مستقل حل نه پر نون مسئلن جي شروعات بڻجي سگهي ٿي. جيڪڏهن ايران چوي ٿو ته هو جنگ نٿو چاهي ته عالمي طاقتن کي انهيءَ بيان کي ايران جي ڪمزوري سمجهڻ بدران سفارتڪاريءَ جو موقعو سمجهي ان مان فائدو وٺڻ گهرجي. ساڳئي وقت ايران لاءِ به ضروري آهي ته پنهنجي دفاع ۽ مزاحمت جي پاليسيءَ ۾ اهڙو توازن برقرار رکي جنهن سان ملڪي سلامتيءَ جو تحفظ به ٿئي ۽ خطي ۾ ڇڪتاڻ وڌيڪ خطرناڪ رُخ اختيار نه ڪري. ڇو ته ڪنهن به ملڪ جو پنهنجي دفاع جو حق تسليم ڪرڻ ۽ جنگ جي مخالفت ڪرڻ واري ڳالهه هڪ ئي وقت ممڪن آهي.

وچ اوڀر جي صورتحال جو هڪ خطرناڪ پاسو اهو به آهي ته ڪنهن هڪ ملڪ ۾ پيدا ٿيندڙ بحران تمام جلدي ٻين ملڪن تائين پکڙجي سگهي ٿو. توانائيءَ جا وسيلا، سامونڊي واپار، تيل جون قيمتون ۽ عالمي منڊيون اهڙي جنگ کان سڌي طرح متاثر ٿين ٿيون. جيڪڏهن صورتحال وڌيڪ خراب ٿئي ٿي ته ان جو بار انهن غريب ملڪن ۽ عام ماڻهن تي به پوندو. جيڪي اڳ ئي مهانگائي ۽ معاشي بحرانن کي منهن ڏئي رهيا آهن. تنهن ڪري عالمي برادريءَ کي اهو سمجهڻ گهرجي ته وچ اوڀر ۾ امن رڳو علائقائي ضرورت نه پر عالمي ضرورت آهي. آمريڪا، ايران ۽ خطي جي ٻين ملڪن کي پنهنجي پنهنجي موقف تي قائم رهندي به اهڙو رستو ڳولڻو پوندو. جنهن سان فوجي مقابلي بدران سياسي ڳالهين کي اڳتي وڌائي سگهجي ٿو. گڏيل قومن سميت عالمي ادارن کي خاموش تماشائي بڻجڻ بدران امن لاءِ پنهنجو ڪردار واضح ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن ايران جنگ نٿو چاهي ۽ پنهنجي دفاع کي پنهنجو حق سمجهي ٿو ته پوءِ ڳالهين ۽ سفارتڪاريءَ لاءِ رستو ڇو نه کوليو وڃي؟ دنيا اڳ ئي عراق، شام، افغانستان، غزه ۽ ٻين ڪيترن ئي علائقن ۾ جنگ جي تباهي ڏسي چڪي آهي. انهن جنگين مان سڀ کان وڏو سبق اهو ئي مليو ته فوجي طاقت مسئلو ختم ڪرڻ بدران ڪيترائي نوان مسئلا پيدا ڪري ٿي. ان ڪري موجوده صورتحال ۾ عالمي قيادت جو تقاضو آهي ته ڌمڪين واري ٻولي ختم ڪري سفارتڪاريءَ ۽ رابطن کي وڌايو وڃي. وچ اوڀر کي وڌيڪ هٿيارن، ميزائلن ۽ جنگي اعلانن جي نه پر امن جي ضرورت آهي. ايراني صدر جو جنگ کان پاسو ڪرڻ وارو پيغام عالمي برادريءَ لاءِ هڪ موقعو آهي ته اها وڌندڙ ڇڪتاڻ کي وڌيڪ وڌڻ کان روڪڻ لاءِ پنهنجو عملي ڪردار ادا ڪري.

لطيفي لات ——— شاهه عبداللطيف ڀٽائي

سَارَنگَ سَارَ لَهَيجِ، اللهَ لَڳِ اَڃَيَنِ جِي،
پَاڻِي پوڄَ پَٽَنِ تَي، اُرَاڻَ اَنَّ ڪَرِيجِ،
وَطَنَ وَسَائِيجِ، تَه سَڱهَارَنِ سُڪَ ٿِئَي..

لطيف سائين جڏهن انهن علائقن جيڪي برسات جي نه پوڻ ڪري سڪي پوئا ٿي ويا آهن ۽ اتان جي رهاڪو ملوڪ ماڻهن (سنگهارن) جي ۽ سندن مال جي ابتري حالت ڏسي ٿو ته سارنگ يعني مينهن کي الله جو واسطو ڏئي ٿو ته "هنن اي سارنگ، اي ميگهه ملهار!! [illegible]

تحقيق ۽ ترتيب : شاهنواز راجپر

تيل جي قيمتن ۾ واڌ، غريبن جي پريشاني ۾ اضافو!

محمد اسماعيل لانگاهه

[illegible]

دنيا گرين انرجي ۽ تيز رفتار ريلوي ڏانهن، اسان انگريزن جي اڏيل نظام جي بحاليءَ ۾ به پوئتي!

رميش راجا

دنيا ٽرانسپورٽ بابت پنهنجي سوچ ۾ هڪ گهري تبديليءَ مان گذري رهي آهي جيئن جيئن موسمياتي تبديلي تيز ٿي رهي آهي شهرن ۾ ٽريفڪ جو دٻاءُ وڌي رهيو آهي. توانائيءَ جي سلامتي هڪ اهم حڪمتِ عمليءَ وارو مسئلو بڻجي رهي آهي ۽ ڪاربان جي خارج ٿيڻ کي فوري طور گهٽائڻ جي ضرورت محسوس ٿي رهي آهي، تيئن ٽرانسپورٽ جي قديم ترين ذريعن مان هڪ ذريعو، يعني ريلوي مستقبل جي هڪ اهم ٽيڪنالاجي طور سامهون اچي رهيو آهي. ڪجهه ملڪ روايتي هاءِ اسپيڊ ريل کي 3 سئو کان 4 سئو ڪلوميٽر في ڪلاڪ ۽ ان کان به وڌيڪ رفتار ڏانهن وٺي وڃي رهيا آهن جڏهن ته ٻيا غير برقي ريلوي رستن تي ڊيزل ٽرينن جي جاءِ تي هائيڊروجن فيول سيل ٽرينون آڻي رهيا آهن.

چين: چين جي انتهائي تيز رفتار برقي ٽرينن ۽ جاپان جي ايندڙ نسل جي ريلوي ٽيڪنالاجيءَ کان وٺي يورپ جي نئين هائيڊروجن ٽرين ۽ يورپ ۾ صاف توانائيءَ سان هلندڙ ٽرينن جي وڌندڙ استعمال تائين ريلوي انقلاب هاڻي مستقبل جو خواب ناهي رهيو پر اهو هيٺئرئي حقيقت بڻجي رهيو آهي جڏهن دنيا پنهنجي ريلوي نظام کي نئين سِر اڏي رهي آهي ته اسان ڪٿي بيٺل آهيون؟ دنيا ريلوي جدت جي هڪ غير معمولي نئين دور مان گذري رهي آهي جتي ملڪ تيزيءَ سان وڌيڪ تيز ذهين ۽ صاف ٽرينون تيار ۽ متعارف ڪرائي رهيا آهن جيڪي سبز توانائيءَ سان هلن ٿيون ۽ ڪاربان جي خارج ٿيڻ کي گهٽائڻ ۽ ڪيترن حلتن ۾ تقريباً ختم ڪرڻ لاءِ تيار ڪيون ويون آهن هلندڙ سال جي 17 جولاءِ تي ڀارت پاران هريانا ۾ جند ۽ سوني پت جي وچ ۾ پنهنجي ملڪ اندر تيار ڪيل پهرين هائيڊروجن سان هلندڙ مسافر ٽرين شروع ڪئي وئي آهي اها ٽرين هائيڊروجن فيول سيل ٽيڪنالاجي استعمال ڪري اندر ئي بجلي پيدا ڪري ٿي، جنهن جو سڌو سنئون نتيجو پاڻيءَ جي ٻاڦ آهي اهڙي طرح ڀارت انهن محدود ملڪن جي فهرست ۾ شامل ٿي ويو آهي جن وٽ هلندڙ هائيڊروجن مسافر ٽرينون موجود آهن. چين مڪمل طور تي مختلف پيماني تي ڪم ڪري رهيو آهي ان جي ريلوي حڪمت عمليءَ ۾ هڪ تمام وڏي موجوده هاءِ اسپيڊ ريل نيٽ ورڪ سان گڏ ايندڙ نسل جي ٽرينن جي ترقي پڻ شامل آهي CR450 کي تقريباً 4 سئو ڪلوميٽر في ڪلاڪ رفتار سان هلائڻ لاءِ تيار ڪيو پيو وڃي، جيڪا ان کي دنيا جي تيز ترين روايتي هاءِ اسپيڊ ٽرين بڻائي سگهي ٿي هلندڙ سال ۾ انهيءَ جي پروٽوٽائيپس 6 لک ڪلوميٽرن جو آپريشنل ٽيسٽ مڪمل ڪيو ويو آهي. جنهن سان ٽرين حتمي معائني ۽ سرٽيفڪيشن جي وڌيڪ ويجهو پهچي وئي آهي اها هائيڊروجن ٽرين نه پر برقي ٽرين آهي اهو فرق اهم آهي هاءِ اسپيڊ ريلوي رستن لاءِ سڌي برقي توانائي اڃا تائين سڀ کان وڌيڪ ڪارائتي ٽيڪنالاجي آهي. ڇاڪاڻ ته ان لاءِ وڏي طاقت ۽ اعليٰ ڪارڪردگي گهربل هوندي آهي، ساڳئي وقت چين انهن رستن لاءِ هائيڊروجن ٽرينون پڻ تيار ڪري رهيو آهي، جتي روايتي برقي نظام لڳائڻ معاشي طور مناسب نه هجي.

جاپان: جاپان هڪ ٻيو ملڪ آهي. جتي ريلوي ٽيڪنالاجيءَ جا به مختلف رُخ نظر اچن ٿا. علائقائي سطح تي جاپان HYBARI FV-E991 هائيڊروجن هائبرڊ ٽرين جي آزمائش ڪئي آهي. جيڪا هائيڊروجن فيول سيلز ۽ بيٽرين کي گڏ استعمال ڪري ٿي هن منصوبي جي آزمائش 2022ع ۾ شروع ٿي هئي ۽ ان جي وڌ ۾ وڌ رفتار تقريباً 100 ڪلوميٽر في ڪلاڪ آهي پر جاپان جي سڀ کان شاندار ريلوي ٽيڪنالاجي ان جو ميگليو نظام آهي روايتي ٽرينن جي ابتڙ ميگليو مقناطيسي قوت ذريعي ٽرين کي مٿي ڪئي هلائي ٿو ۽ برقي propulsion استعمال ڪري ٿو آزمائشي رفتار تقريباً 6 سئو ڪلوميٽر في ڪلاڪ تائين پهچي چڪي آهي. جيڪا مسافر ريلوي ٽيڪنالاجي جي انتهائي بلند سطح کي ظاهر ڪري ٿي.

جرمني: جرمني هائيڊروجن مسافر ٽرينن جي ابتدائي علمبردارن مان هڪ رهيو آهي ملڪ 2022ع ۾ ايلبي-ويزر علائقي ۾ هائيڊروجن ٽرينون مسافر سروس ۾ متعارف ڪرايون هاڻي نيون Mireo Plus H ٽرينون علائقائي خدمتن لاءِ متعارف ڪرايون پيون وڃن بئويريا ۾ Siemens ۽ SÜdostBayernbahn جولاءِ 2026ع ۾ Mireo Plus H پيش ڪئي ٽيسٽنگ ۽ ڊرائيورن جي تربيت جاري آهي. جڏهن ته ڊسمبر 2026ع کان MÜhldorf—Burghausen روٽ تي باقاعده سروس شروع ڪرڻ جو منصوبو آهي اهي ٽرينون غير برقي رستن لاءِ تيار ڪيون ويون آهن ۽ هائيڊروجن فيول سيل ٽيڪنالاجي استعمال ڪن ٿيون.

فرانس جو ايندڙ نسل (TGV): فرانس هڪ مختلف رستو اختيار ڪري رهيو آهي ان جو ريلوي انقلاب بنيادي طور تي برقي آهي نئين TGVM، جيڪا فرانس جي مشهور TGV هاءِ اسپيڊ ٽرينن جي پنجين نسل آهي، يورپي مارڪيٽنگ جي منظوري حاصل ڪري چڪي آهي ۽ هلندڙ مهيني جي شروعات کان پهريون پيرو مسافر کڻڻ لاءِ مقرر ڪئي وئي آهي TGVM تقريباً 3 سئو 20 ڪلوميٽر في ڪلاڪ جي تيز رفتار لاءِ تيار ڪئي وئي آهي، جڏهن ته ان ۾ توانائيءَ جي ڪارڪردگي، مسافرن جي گنجائش، رسائي ۽ ري سائيڪلنگ ۾ بهتري شامل ڪئي وئي آهي فرانس هڪ اهم سبق ڏئي ٿو: سبز ٽرين لازمي طور هائيڊروجن ٽرين هجڻ ضروري ناهي. گهٽ ڪاربان واري بجليءَ سان هلندڙ انتهائي ڪارائتي برقي ٽرين وڏي پيماني تي مسافرن جي آمدرفت جو سڀ کان صاف ذريعو بڻجي سگهي ٿي.

اٽلي: اٽلي پڻ هائيڊروجن ريلوي ٽيڪنالاجي ڏانهن وڌي رهيو آهي ملڪ جو Coradia Stream H پروگرام غير برقي علائقائي رستن تي ڊيزل ٽرينن کي تبديل ڪرڻ لاءِ تيار ڪيو ويو آهي هي هائيڊروجن ٽرين Alstom جي Coradia Stream خاندان سان تعلق رکي ٿي ۽ تقريباً هڪ سئو 40 ڪلوميٽر في ڪلاڪ رفتار لاءِ تيار ڪئي وئي آهي اهو ماڊل انهن ملڪن لاءِ خاص طور تي اهم آهي، جن وٽ وڏي تعداد ۾ غير برقي ريلوي رستا موجود آهن هر رستي کي فوري طور تي برقي ڪرڻ تي وڏي رقم خرچ ڪرڻ بدران هائيڊروجن ڊيزل کان صاف توانائيءَ واري propulsion ڏانهن هڪ عبوري رستو فراهم ڪري سگهي ٿي.

سوئٽزرلينڊ: ڏکين علائقن سان هائيڊروجن: سوئٽزرلينڊ Stadler جهڙين ڪمپنين ذريعي هائيڊروجن سان هلندڙ ٽرينون پڻ تيار ڪري رهيو آهي سوئس تجربو ان ڪري دلچسپ آهي ڇاڪاڻ ته ان جي ريلوي نيٽ ورڪ ۾ جبلن وارا علائقا، علائقائي رستا ۽ narrow-gauge لائينون شامل آهن جتي ريلوي انجنيئرنگ جون گهرجون ڪنهن هموار هاءِ اسپيڊ ڪوريڊور کان بلڪل مختلف ٿي سگهن ٿيون هائيڊروجن ٽرينن کي اهڙي صاف propulsion فراهم ڪرڻ لاءِ ڏٺو پيو وڃي، جتي روايتي اوور هيڊ برقي نظام هر هنڌ عملي يا اقتصادي حل نه هجي.

اسپين: غير برقي ريلوي نيٽ ورڪ لاءِ هائيڊروجن: اسپين وٽ يورپ جي سڀ کان وڏي هاءِ اسپيڊ برقي ريلوي نيٽ ورڪن مان هڪ موجود آهي پر اهو غير برقي رستن لاءِ هائيڊروجن ٽيڪنالاجي پڻ تيار ڪري رهيو آهي جتي مڪمل برقي نظام لڳائڻ ڏکيو يا معاشي طور غير موزون هجي اتي هائيڊروجن فيول سيل ذريعي ڊيزل traction کي تبديل ڪرڻ ضروري آهي اسپين جو تجربو ڏيکاري ٿو ته ڪنهن ملڪ کي هاءِ اسپيڊ برقي ريل ۽ هائيڊروجن ريل مان هڪ چونڊڻ ضروري ناهي مختلف ٽرانسپورٽ ضرورتن لاءِ مختلف ٽيڪنالاجيون گڏجي ڪم ڪري سگهن ٿيون.

آمريڪا: هڪ مختلف شروعات: آمريڪا تاريخي طور تي ڊيزل سان هلندڙ ريلوي تي گهڻو ڀاڙيندو رهيو آهي. خاص طور تي انهن رستن کان ٻاهر جيڪي اڳ ئي برقي آهن ان ڪري ڪيليفورنيا هائيڊروجن مسافر ٽرينن لاءِ هڪ اهم آزمائشي مرڪز بڻجي ويو آهي Stadler جيڪا FLIRT H2 تيار ڪئي آهي. هائيڊروجن فيول سيلز کي بيٽرين سان گڏ استعمال ڪري ٿي ۽ تقريباً 130 ڪلوميٽر في ڪلاڪ رفتار سان علائقائي مسافر سروس لاءِ تيار ڪئي وئي آهي آمريڪا جو مقصد لازمي طور تي چين جي 4 سئو ڪلوميٽر في ڪلاڪ ٽرينن سان مقابلو ڪرڻ ناهي ان جو مقصد ڊيزل کي تبديل ڪرڻ جا عملي طريقا ڳولڻ آهي. بغير ان جي ته هر ريلوي رستي کي برقي ڪرڻ تي تمام وڏي رقم خرچ ڪئي وڃي.

ڏکڻ ڪوريا: ڏکڻ ڪوريا پڻ هائيڊروجن ريلوي ٽيڪنالاجي تي ڪم ڪري رهيو آهي جڏهن ته ان وٽ اڳ ئي جديد برقي هاءِ اسپيڊ ريلوي نظام موجود آهي. هائيڊروجن منصوبا بنيادي طور تي غير برقي رستن تي ڊيزل کي تبديل ڪرڻ لاءِ آهن ساڳئي وقت ملڪ جو KTX هاءِ اسپيڊ ريلوي نظام ڏيکاري ٿو ته تيز رفتار بين شهري ٽرانسپورٽ لاءِ بجلي اڃا تائين غالب ٽيڪنالاجي آهي ڏکڻ ڪوريا به ساڳئي عالمي رجحان تي هلي رهيو آهي: هاءِ اسپيڊ ڪوريڊورن لاءِ بجلي ۽ انهن رستن لاءِ هائيڊروجن ۽ بيٽريون جتي روايتي برقي نظام وڌيڪ مشڪل يا غير عملي هجي.

برطانيا: بيٽريون، هائيڊروجن ۽ برقي نظام: برطانيا پڻ هائيڊروجن ۽ بيٽري اليڪٽرڪ ٽرينن ذريعي ڊيزل جا متبادل ڳولي رهيو آهي ملڪ هائيڊرو فليڪس جهڙين هائيڊروجن demonstrator ٽرينن جا تجربا ڪري چڪو آهي ۽ جزوي طور برقي رستن لاءِ بيٽري ٽيڪنالاجيءَ تي پڻ ڪم جاري آهي برطانيا جو چئلينج ڪجهه مختلف آهي ان جي ترجيح رڳو نئين نسل جون ٽرينون ڏاهڻ ناهي پر برقي نظام کي وڌائڻ گنجائش بهتر ڪرڻ ۽ اڳ ئي وڏي استعمال هيٺ ريلوي نيٽ ورڪ کي جديد بڻائڻ پڻ آهي دنيا ۾ اصل ۾ جيڪو ڪجهه ٿي رهيو آهي. اهو صرف تيز ترين ٽرين ٺاهڻ جي مقابلي کان گهڻو وڌيڪ اهم آهي مستقبل جي ڪا هڪ ئي 'گرين ٽرين' نه هوندي، بلڪ مختلف ٽرانسپورٽ ۽ توانائيءَ جي ضرورتن لاءِ مختلف ريلوي ٽيڪنالاجيون سامهون اچي رهيون آهن.

پاڪستان: (ML-1) پاڪستان عالمي ريلوي تبديليءَ کان مڪمل طور غير حاضر ناهي. Main Line-1 (ML-1) جديدڪاري منصوبي جو مقصد ڪراچيءَ کان پشاور تائين ملڪ جي بنيادي ريلوي ڪوريڊور کي جديد بڻائڻ آهي. پهرين مرحلي ۾ تقريباً 4 سئو 80 ڪلوميٽر ڪراچيءَ کان سکر تائين حصي تي ڌيان ڏنو پيو وڃي، جنهن تي ايندڙ سال جي جنوريءَ ۾ ڪم شروع ڪرڻ جو هدف رکيو ويو آهي.

اسان وٽ جديد ريلوي ٺاهڻ لاءِ انجنيئرنگ جي صلاحيت نه آهي پر اصل مسئلو پاليسين جو تسلسل، مالياتي وسيلا، ادارتي صلاحيت، منصوبي جي تياري ۽ عملدرآمد آهن پاڪستان جي 160 ڪلوميٽر في ڪلاڪ ML-1 جديد منصوبو هڪ اهم شروعات آهي پر اها آخري منزل نٿي ٿي سگهي.

برآمدات، شمسي توانائي ۽ ايم ايل ون



ميان عمران احمد

ملڪ جي معيشت ۾ ٻاهرين ملڪن ڏانهن سامان وڪڻڻ يعني برآمدات، کي هميشه وڏي اهميت حاصل رهي آهي حڪومت به برآمدات وڌائڻ لاءِ ڪاروباري ماڻهن کي مختلف سهولتون ڏيندي رهي آهي هاڻي حڪومت فيصلو ڪيو آهي ته ننڍين ۽ وچولي درجي جي ڪاروبارن کي به ٻاهرين ملڪ سامان وڪڻڻ وقت انشورنس جي سهولت ڏني وڃي. ان مقصد لاءِ 3 ارب روپين جو هڪ فنڊ رکيو ويو آهي. هن رقم مان خاص طور ننڍين ۽ وچولي ڪاروبارن (SMEs) کي اِها سهولت ملندي ته جيڪڏهن هو ٻاهرين ملڪ سامان موڪلين ۽ خريدار پئسا دير سان ڏئي يا بلڪل پئسا نه ڏئي ته ڪين ٿيندڙ مالي نقصان جو خطرو گهٽجي وڃي. ننڍين ڪاروبارن لاءِ اِها سهولت ان ڪري اهم آهي. جو ٻاهرين ملڪ مال وڪڻڻ ۾ ڪڏهن ڪڏهن خريدار پئسا ڏيڻ ۾ دير ڪندا آهن يا پئسا ئي ناهن ڏيندا اهڙي صورت ۾ ننڍي ڪاروباري لاءِ وڏو نقصان ٿي سگهي ٿو 3 ارب روپيا سڄي ملڪ جي معيشت جي پيٽ ۾ شايد تمام وڏي رقم نه هجي. پر جيڪڏهن هن رقم جي سهاري سان خانگي ڪاروباري ماڻهو وڌيڪ سامان ٻاهرين ملڪن ڏانهن وڪڻڻ شروع ڪن ته ان جو فائدو سڄي معيشت کي ٿي سگهي ٿو مثال طور، جيڪڏهن انشورنس جي سهولت ملڻ ڪري ڪاروباري ماڻهو وڌيڪ ٻاهرين ملڪن جا آرڊر وٺڻ لاءِ تيار ٿين ته پوءِ ڪارخانن ۾ پيداوار وڌندي، مال جي اچ وڃ لاءِ ٽرانسپورٽ وڌيڪ هلندي، پيڪنگ جو ڪم وڌندو ۽ ماڻهن لاءِ روزگار جا نوان موقعا پيدا ٿيندا يعني فائدو صرف هڪ ڪاروبار کي نه، پر ڪيترن ئي شعبن کي ٿيندو هن ڪم ۾ ايڪسپورٽ ڊولپمينٽ فنڊ به اهم ڪردار ادا ڪيو آهي لڳي ٿو ته حڪومت برآمدات وڌائڻ لاءِ رڳو پئسا ڏيڻ تي ڀاڙڻ بدران ڪاروباري نظام ۽ ادارن ۾ به سڌارا آڻڻ چاهي ٿي پر اصل ڪاميابي تڏهن چئي سگهبي. جڏهن ڏٺو ويندو ته هن 3 ارب روپين واري سهولت مان ڪيترا ڪاروباري ماڻهو فائدو وٺي سگهيا، ملڪ جي برآمدات ۾ ڪيترو واڌارو ٿيو ۽ ڪيترا نوان ڪاروبار دنيا جي مارڪيٽ ۾ پنهنجو مستقل هنڌ ٺاهي سگهيا. ان لاءِ ضروري آهي ته پاڪستان رڳو پراڻين ۽ روايتي شين تائين محدود نه رهي. پر ڪپڙي، زرعي شين، آءِ ٽي، انجنيئرنگ، راندين جي سامان ۽ ٻين شعبن جون شيون به وڌيڪ ٻاهرين ملڪن ۾ وڪڻڻ جي ڪوشش ڪري ۽ نيون مارڪيٽون ڳولي جيڪڏهن ننڍين ۽ وچولي ڪاروبارن کي انشورنس سان گڏ سستو ۽ آسان قرض، جديد مشينري، ٽيڪنالاجي ۽ ٻاهرين ملڪن ۾ پنهنجي شين جي تشهير ۽ مارڪيٽنگ جون سهولتون به ڏنيون وڃن ته پاڪستان جون برآمدات وڏي حد تائين وڌائي سگهجن ٿيون.

بجلي جا مسئلا وڏي رهيا آهن ۽ بجلي به مهانگي ٿي وئي آهي. تنهنڪري ماڻهن جو لاڙو تيزيءَ سان شمسي توانائي يعني سولر بجلي ڏانهن وڌي رهيو آهي اهڙي صورتحال ۾ وفاقي حڪومت طرفان نيٽ ميٽرنگ جون جيڪي درخواستون ڪافي عرصي کان رڪيل هيون، تن کي هاڻي نبيرڻ جو فيصلو سٺو نتيجو ڏئي سگهي ٿو حڪومت اعلان ڪيو آهي ته نيٽ ميٽرنگ جون 11 هزار 695 رڪيل درخواستون هاڻي حل ڪرڻ جو ڪم شروع ڪيو پيو وڃي مجموعي طور 16 هزار 654 درخواستون رڪيل هيون، جن مان 11 هزار کان وڌيڪ درخواستون هاڻي ڪليئر ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي يعني لڳ ڀڳ 70 سيڪڙو درخواستون حل ٿي ويون آهن سادن لفظن ۾ چئجي ته هر ڏهن درخواستن مان ست درخواستون هاڻي ڪليئر ٿي چڪيون آهن اطلاعن موجب، پاڪستان انفارميشن ٽيڪنالاجي ڪمپني انهن ماڻهن سان واٽس ايپ، ايس ايم ايس ۽ ٻين آن لائن ذريعن وسيلي رابطو ڪرڻ شروع ڪيو آهي جن جون درخواستون ڪليئر ٿي چڪيون آهن ماڻهن کي اِهو به چيو پيو وڃي ته درخواست منظور ڪرائڻ يا وڌيڪ ڪارروائي لاءِ ڪنهن ماڻهو، ايجنٽ يا وچ واري دلال کي ڪا فيس يا پئسا نه ڏنا وڃن حڪومت جيڪڏهن ماڻهن جي اهڙن معاملن ۾ سنجيدگيءَ سان دلچسپي وٺي ٿي ته نگي ۽ فراڊ جا موقعا گهٽ ٿي سگهن ٿا. پر حڪومت جي ذميواري رڳو رڪيل درخواستون نبيرڻ تائين محدود نه هجڻ گهرجي جيڪي ماڻهو سولر سسٽم لڳائڻ تي پئسا خرچ ڪن ٿا، انهن لاءِ اهڙو نظام ضروري آهي. جيڪو صاف، واضح، مستقل ۽ اڳواٽ سمجهه ۾ ايندڙ هجي جيڪڏهن سولر بابت قانون بار بار تبديل ٿيندا رهن يا درخواستن جي ڪم ۾ ڊگهي دير ٿيندي رهي ته ماڻهن جو حڪومت ۽ نظام تان اعتماد ختم ٿي سگهي ٿو. پاڪستان لاءِ شمسي توانائي رڳو بجلي پيدا ڪرڻ جو هڪ ذريعو ناهي، پر ان سان ٻاهرين ملڪن کان بجلي ۽ توانائي خريد ڪرڻ تي ٿيندڙ خرچ به گهٽائي سگهجي ٿو. ماڻهن کي بجلي جو هڪ ٻيو متبادل ذريعو ملي سگهي ٿو ۽ ماحول کي به بهتر ڪرڻ ۾ مدد ملي سگهي ٿي.

پاڪستان ۾ وڏن ترقياتي منصوبن جي هڪ ڊگهي تاريخ رهي آهي هر حڪومت ڪجهه اهڙا منصوبا پيش ڪندي رهي آهي جن کي ملڪ جي معيشت لاءِ تمام وڏو ۽ اهم منصوبو يعني 'گيم چينجر' قرار ڏنو ويندو آهي موٽر ويز ۽ سي پيڪ کانپوءِ هاڻي مين لائن ون (ML-1) منصوبو به ملڪ جي اهم توجهه جو مرڪز بڻيل آهي بيشڪ پاڪستان کي جديد ريلوي نظام جي سخت ضرورت آهي ايم ايل ون منصوبي تحت ڪراچي کان پشاور تائين لڳ ڀڳ 1872 ڪلوميٽر ڊگهي ريلوي لائين کي جديد بڻائڻ ۽ اپ گريڊ ڪرڻو آهي هي پاڪستان ريلوي جو سڀ کان اهم رستو آهي جنهن تان ملڪ جي لڳ ڀڳ 75 سيڪڙو مسافر ۽ مال کڻندڙ ريل گاڏين جي آمدرفت ٿئي ٿي هن منصوبي تحت ريل گاڏين جي رفتار موجوده 65 کان 110 ڪلوميٽر في ڪلاڪ مان وڌائي 160 ڪلوميٽر في ڪلاڪ تائين ڪرڻ جي تجويز آهي جيڪڏهن اهو ڪم صحيح نموني ٿي وڃي ته ريل جو سفر وڌيڪ تيز ۽ بهتر ٿي سگهي ٿو ورلڊ بئنڪ جي هڪ اندازي موجب پاڪستان ۾ ٽرانسپورٽ ۽ سامان جي اچ وڃ واري نظام (لاجسٽڪس) ۾ موجود خرابين ۽ ڪمزورين سبب ملڪ جي معيشت کي هر سال ملڪ جي مجموعي پيداوار (GDP) جو 4 کان 6 سيڪڙو تائين نقصان ٿئي ٿو سادن لفظن ۾، جيڪڏهن پاڪستان جي معيشت جو ڪل حجم 410 ارب ڊالر مڃجي، ته اهو نقصان هر سال لڳ ڀڳ 16 کان 25 ارب ڊالرن تائين وڃي ٿو هن منصوبي تي ڪيترن سالن کان عمل ڪرائڻ جا اعلان ٿيندا رهيا آهن. پر هڪ وڏو مسئلو ان جي خرچ جو آهي منصوبي جي لاڳت بار بار تبديل ٿيندي رهي آهي ڪڏهن چيو ويو ته ان تي 6.8 ارب ڊالر خرچ ٿيندا، ڪڏهن 9.2 ارب ڊالر جو انگ ٻڌايو ويو، جڏهن ته ڪجهه اندازن ۾ اهو خرچ وڌي 9.85 ارب ڊالر تائين به پهچي ويو. ٻئي طرف، پاڪستان اڳ ئي 85 ڪرب روپين کان وڌيڪ سرڪاري قرضن هيٺ دٻيل آهي ملي سال 2026-27ع جي بجيٽ ۾ رڳو قرضن جي وياج جي ادائيگي لاءِ ئي 8045 ارب روپيا رکيا ويا آهن اهڙي صورتحال ۾ سوال اِهو پيدا ٿئي ٿو ته ڇا پاڪستان هڪ ٻيو ايترو وڏو قرض کڻي سگهي ٿو؟ خاص طور تي اهڙي منصوبي لاءِ، جنهن جي اصل لاڳت ۽ ان مان حاصل ٿيندڙ نتيجا اڃا تائين مڪمل طور واضح نه آهن.

اڄوڪو ڏينهن ..... 09 سيپٽمبر

خليفو محمد امين درس پلي

خليفو محمد امين پلي پنهنجي دور جو پلوڙ شاعر هو. هن جو پورو نالو محمد امين ولد محمد چٽل پلي هو.



سندس جنم 9 سيپٽمبر 1907ع تي تعلقي کيري ضلعي سانگهڙ جي ڳوٺ سِگهه ۾ ٿيو. هن جي وفات جي تاريخ تي اختلاف آهي. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي ڪتاب ڪافيون (جلد ٽيون) جي 1990ع واري ايڊيشن ۾ هن جي وفات جي تاريخ 5 آڪٽوبر 1957ع لکيل آهي. عبدالڪريم پليءَ "وڻجارن وايون" ۾ به اهائي تاريخ لکي آهي. مخدوم طالب المولىٰ پنهنجي ڪتاب در ناياب عرف ياد رفتگان ۾ سندس وفات نومبر 1957ع لکي آهي. سنڌيانا انسائيڪلوپيڊيا ۾ 4 نومبر 1957ع ڄاڻايل آهي. هن ڪنهن به مڪتب يا مدرسي ۾ باقاعده تعليم حاصل نه ڪئي. کيس ننڍي هوندي کان ئي راڳ رنگ، سگهڙائپ ۽ لوڪ ڪهاڻين جو گهڻو شوق هو. سندس رهائش گاهه تي سگهڙن جو ڪچهريون ۽ راڳ جون محفلون مثل هونديون هيون. نوجوانيءَ تي پهچڻ کان پوءِ کيس علم جي اهميت جو اندازو ٿيو ۽ خانگي طور تي سبق پڙهڻ شروع ڪيائين. ٿوري ئي عرصي ۾ اسلامي تاريخ بابت وڏي ڄاڻ حاصل ڪري ورتائين. گڏوگڏ شاعري به شروع ڪيائين. پاڻ مرحوم دين محمد وفائي، محمد هاشم مخلص، خليق مورائي ۽ نور محمد نظاماڻيءَ کان ٿيال رستي شاعريءَ ۾ اصلاح وٺندو هو. عمر جو آخري حصو مطالعي، تصنيف ۽ تاليف ۾ گذاريائين. پاڻ ڪيترائي ڪتاب لکيائين. جن جي فهرست سنڌيانا انسائيڪلوپيڊيا ۾ ڏنل آهي.

آنند کيماڻي

اڄ هندستان ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ٻرڪ اديب آنند کيماڻيءَ جي پيدائش جو ڏينهن آهي. هن سلچاهه وند ساهتڪار 9 سيپٽمبر 1933ع تي موري تعلقي جي ڳوٺ سنُوجا ۾

پنهنجي حياتيءَ جو سفر شروع ڪيو. هن جو واسطو هڪ وڏي زميندار خاندان سان هو. 1947ع ۾ وطن جو ورهاڱو ٿيڻ کان پوءِ پنهنجا اباڻا اڱڻا ڇڏي پهريائين ٻڙودا ۽ پوءِ احمدآباد ۾ وڃي رهائش اختيار ڪيائين. عمر جو آخري حصو دهليءَ ۾ گذاريائين. هن بي اي ۽ ايم اي (هندي) جون سندون حاصل ڪيون. پهريائين اسڪول جي استاد طور نوڪري ڪيائين. بعد ۾ ٽرانسليٽر مقرر ٿيو ۽ پارليامينٽ سيڪريٽريٽ دهليءَ مان سينئر ايڊيٽر طور رٽائر ٿيو. سنڌي ادبي دنيا ۾ هو هڪ ڪهاڻيڪار، ناولنگار، تنقيد نگار، محقق ۽ مترجم طور مشهور آهي. هن جي مشهور ڪتابن ۾ "بدلجندڙ دور ۾ تنقيد" (تنقيد)، "ڪتابن جي سڳنڌ" (تنقيد)، "لڇي" (ڪهاڻيون)، "نومبر جي آخري رات" (ڪهاڻيون)، "رشتن جي سياست" (ڪهاڻيون)، "روپ جو هڪ ٽڪرو" (ڪهاڻيون)، "هڪ شخص جي واسنا" (ناول)، "انتر ياترا" (ناول)، "رشتن جو ٽنڊ" (ناول)، "لتاڙيل پيچرا" (ناول)، "سچ جا ۽ ڪوڙ جا" (خط) ۽ ٻيا ڪتاب شامل آهن.

ناطق گيريلائي

هن نامور شاعر، ڪالم نگار ۽ نقاد 9 سيپٽمبر 1940ع تي لاڙڪاڻي ضلعي ۽ باقراڻي تعلقي جي ڳوٺ قادربخش ڀٽي ۾ پنهنجي زندگيءَ جو سفر شروع ڪيو. سندس اصل نالو محمد صالح ولد ڪريم بخش جتوئي هو. هن بي اي ۽ اديب فاضل (سنڌي ۽ اردو) جون سندون حاصل ڪيون. هن هڪ پرائمري اسڪول جي استاد طور



سڄي عمر قوم جي نونهالن کي علم جهڙي املهه وٿ سان مالامال ڪيو. هن جي شاعري سنڌ جي ساک وارن ادبي رسالن ۾ ڇپجندي رهي. هن پلوڙ شاعر 9 آگسٽ 2017ع تي هي جهان ڇڏيو.

ڊاڪٽر اقبال احمد انصاري

هن نامور تعليمي ماهر جو جنم 9 سيپٽمبر 1941ع تي حيدرآباد ۾ ٿيو. هن حيدرآباد جي مشهور سينٽ بوناوينچر هاءِ اسڪول مان مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيو ۽ اڳتي هلي سنڌ يونيورسٽيءَ جي ڪيمسٽريءَ واري شعبي مان بي ايس سي ۽ ايم ايس سي جي سند حاصل ڪيائين. هن اسڪاٽلينڊ جي اسٽريٿڪلائيڊ يونيورسٽيءَ مان پي ايڇ ڊي جي سند پڻ حاصل ڪئي. 1970ع ۾ سنڌ يونيورسٽي انجنيئرنگ ڪاليج (هاڻوڪي مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ ۽ ٽيڪنالاجي) ۾ ليڪچرار طور پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات ڪيائين. هن سنڌ يونيورسٽيءَ جي ڪيمسٽريءَ واري شعبي ۾ ڊائريڪٽر طور خدمتون سرانجام ڏنيون ۽ پروفيسر طور رٽائر ٿيو. هو سنڌ يونيورسٽي سائنس سوسائٽيءَ جو صدر ۽ پاڪستان ائٽامڪ ڪميشن جو ميمبر پڻ رهيو.

فريد نواز بلوچ

اڄ ريڊيو ۽ ٽيليويزن جي مشهور اداڪار فريد نواز بلوچ جي جنم جو ڏينهن آهي. هي ناليوارو اداڪار 9 سيپٽمبر 1946ع تي حيدرآباد ۾ ڄائو. هو اڃا ماءُ جي پيٽ ۾ هو جو سندس والد رئيس قادربخش نوحانيءَ

وفات ڪئي. مشهور تعليمي ماهر مريم سلطانه نوحاڻي هن جي سڳي سوٽ هئي. هن پنهنجي اداڪاريءَ جي شروعات ريڊيو پاڪستان حيدرآباد کان ڪئي. ان بعد عبدالڪريم بلوچ کيس پاڪستان ٽيليويزن جي ڊرامن ۾ متعارف ڪرايو. هن پاڪستان ٽيليويزن جي 100 کان به وڌيڪ ڊرامن ۾ پنهنجي اداڪاريءَ جا جوهر ڏيکاريا. هن 15 ڊسمبر 2001ع تي وفات ڪئي. سندس ٻه پٽ ياسر نواز ۽ دانش نواز به شوبز جي شعبي سان لاڳاپيل آهن.

ڪلال خاصخيلي

ڪلال خاصخيلي مشهور شاعر، سنڌيڪار ۽ ڪالم نگار هو. هن جو اصل نالو لکاڏنو خاصخيلي هو ۽ سندس جنم 9 سيپٽمبر 1948ع تي تعلقي هالا ضلعي مٽياريءَ جي مشهور ڳوٺ ڪرم خان

نظاماڻيءَ ۾ ٿيو. هن سنڌ يونيورسٽيءَ مان ايم اي (سنڌي) ۽ ايل ايل بي جون سندون حاصل ڪيون ۽ پرائمري اسڪول جي استاد طور نوڪري ڪئي. سندس ڪتابن ۾ "پاڇا منهنجي پاند ۾" (شاعري)، "پلاري پوڻ" (ترجمو ڪيل ناول)، "دانشور" (ترجمو) ۽ ٻيا ڪتاب شامل آهن. هن 23 آگسٽ 2023ع تي وفات ڪئي.

احمد جليلاڻي ميمڻ



مختيار اڄز

اڄ مٽياريءَ جي انمول شخصيت مرحوم احمد جليلاڻي ميمڻ جي جنم جو ڏينهن آهي. هن 9 سيپٽمبر 1949ع تي مٽياريءَ ۾ پنهنجي حياتيءَ جو سفر شروع ڪيو. ابتدائي تعليم پنهنجي جنم واري شهر مان حاصل ڪيائين ۽ اڳتي هلي سنڌ يونيورسٽيءَ مان اڪنامڪس ۽ پوليٽيڪل سائنس جون سندون حاصل ڪيائين ان کان علاوه سنڌ لا ڪاليج مان ايل ايل بي جي سند پڻ حاصل ڪيائين. هن سنڌ جي روينيو کاتي ۾ نوڪريءَ جي ابتدا ڪئي ۽ آفيس سپرنٽينڊنٽ ۽ فرسٽ ڪلاس مئجسٽريٽ جهڙن عهدن تي ڪم ڪري آخر ۾ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر طور رٽائر

ٿيو. رٽائر ٿيڻ کانپوءِ 13 سالن تائين هاءِ ڪورٽ جي وڪيل طور ڪم ڪيائين. هن سڄي عمر محنت، ايمانداريءَ ۽ فرض شناسيءَ سان نوڪري ڪئي. ان ڪري سندس کاتي ۾ کيس انتهائي عزت ۽ احترام جي نظرن سان ڏٺو ويندو هو. هن 23 اپريل 2023ع ۾ روزي جي حالت ۾ مديني شريف جي مقدس سرزمين تي دم ڏنو ۽ حوالي ڪيو ۽ سندس جسد خاڪيءَ کي جنت البقيع جهڙي پلاري قبرستان ۾ دفن ٿيڻ جي سعادت حاصل ٿي.

استاد منظور علي خان

استاد منظور علي خان سنڌ جو مشهور ڪلاسيڪل ۽ نيم ڪلاسيڪل ڳائڻو ۽ گويو هو. هن جو اصل نالو محمد خان هو ۽ سندس جنم شڪارپور ۾ ٿيو. سندس جنم جي صحيح تاريخ معلوم نه ٿي

سگهي آهي. مختلف حوالن ۾ سندس جنم جو سال 1922ع، 1926ع ۽ ايترقدر جو 1928ع پڻ لکيو ويو آهي. سندس واسطو ننڍي کنڊ جي مشهور گواليار خاندان سان هو. هيءُ خاندان مهاراجا رنجيت سنگهه جي دور ۾ پنجاب ۾ اچي آباد ٿيو ۽ بعد ۾ سنڌ جي شهر شڪارپور ۾ اچي رهائش اختيار ڪئي. استاد منظور علي خان موسيقيءَ جي ابتدائي تعليم پنهنجي والد استاد جمالو خان ۽ سوٽ استاد سينڌي خان کان حاصل ڪئي. هن 8 سالن جي ننڍڙي ڄمار ۾ ڳائڻ شروع ڪيو. پاڻ اڃا 16 سالن جو مس هو جو سندس خاندان لڏي اچي ٽنڊي آدم ۾ رهائش اختيار ڪئي. استاد منظور پنهنجي باقي حياتي انهيءَ ئي شهر ۾ گذاري. هن کي مختلف راڳڻين ۽ سرن تي مڪمل عبور حاصل هو. هن جيڪي به ڪلام ۽ ڪافيون ڳايون، تن مقبوليت جا رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا. هن جي ڳايل يادگار ڪلامن ۾ "تولئہ سڪندي ٿيڙم سال"، "توڻ پهرين نظر ۾ ڪسي دل ڪٽي وئين"، "محبت لڏي وئي ملڪ مان"، "تنهنجي درد فراق ۾، وينديس يار مري" ۽ ٻيا ڪلام شامل آهن. هي عظيم ڪلاڪار 9 سيپٽمبر 1982ع تي اسان کان هميشه لاءِ وڇڙي ويو.

امداد علي خواجه

اڄ نامور براڊڪاسٽر امداد خواجه جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي. هو 26 مئي 1937ع تي ميرپور بٺوري ضلعي سجاول ۾ ڄائو. هن جا ابا ڏاڏا ٺٽي ضلعي جي شهر جهرڪ جا رهواسي هئا. هن جو والد مختيارڪار هو. امداد خواجه ٻارهين



ڪلاس جو امتحان سنڌ مدرسته الاسلام ڪراچيءَ مان پاس ڪيو ۽ بي اي جي سند سٽي آرٽس ڪاليج حيدرآباد مان حاصل ڪيائين. هن 1960ع ۾ ريڊيو اسٽيشن سپروائيزر طور پنهنجي براڊڪاسٽنگ جي سفر جي شروعات ڪئي. اڳتي هلي پروڊيوسر، پروگرام مئنيجر، ڊپٽي ڪنٽرولر ۽ ڪنٽرولر طور خدمتون سرانجام ڏنائين. هن ريڊيو پاڪستان ڪراچي، حيدرآباد، لاڙڪاڻي، ڊيرا اسماعيل خان، بهاولپور ۽ خيرپورميرس جي اسٽيشن ڊائريڪٽر طور پڻ ڪم ڪيو. هن ڪيترن ئي فنڪارن ۽ راڳيندڙن کي ريڊيو تي متعارف ڪرايو. جن ۾ استاد محمد يوسف، عابده پروين، زرينه بلوچ، علڻ فقير ۽ ٻيا شامل آهن. هن 9 سيپٽمبر 2020ع تي وفات ڪئي.

لڪي ناز

لڪي ناز ريڊيو پاڪستان جي مشهور گلوڪاره هئي. هوءَ مشهور گلوڪاره حميرا چنه جي ماءُ هئي. هن جا سنڌي، سرائڪي ۽ پنجابيءَ ۾

ڳايل ڪيترائي گيت ريڊيو پاڪستان جي ميوزڪ لائبريريءَ ۾ موجود آهن. هن جو ڳايل امداد حسينيءَ جو گيت "اسان جي پيار جي ڀارت هجي توکي پرين پيارا" ٻڌندڙن ۾ چڱو مقبول هو. هن جو گهر وارو (حميرا چنه جو والد) غلام محمد چنا شروع ۾ ريڊيو تي ملازمت ڪندو هو. 1980ع واري ڏهاڪي ۾ هن فلمون ٺاهڻ شروع ڪيون. ان ڪري هن حيدرآباد ڇڏي لاهور جو شهر وڃي وسايو. لڪي ناز ڳائڻ سان گڏ اسٽيج ڊرامن ۾ اداڪاري پڻ ڪندي هئي. هن 9 سيپٽمبر 2021ع تي وفات ڪئي.

ڊاڪٽر محمد معظم چانڊيو

ڊاڪٽر محمد معظم چانڊيو مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ ۽ ٽيڪنالاجيءَ جو نامور پروفيسر هو. ٽنڊي محمد خان سان واسطو رکندڙ



هن تعليمي ماهر 1984ع ۾ مهراڻ يونيورسٽيءَ جي ميٽلرجيڪل انجنيئرنگ واري شعبي ۾ گريجوئيشن ڪئي ۽ 1985ع ۾ ساڳئي ئي شعبي ۾ ليڪچرار مقرر ٿيو اڳتي هلي ڪيمبرج يونيورسٽي انگلينڊ مان پي ايڇ ڊي جي سند حاصل ڪيائين سندس بهترين ڪارڪردگي ۽ قابليت ڏسي ڊپارٽمينٽ آف ٽيڪنيڪل ايجوڪيشن منسٽري آف ايجوڪيشن برونائي دارالسلام پاران اتان جي بادشاهه حسن البولڪيه جي قائم ڪيل جيفري بولڪيه ڪاليج ۾ کيس ٽيڪنيڪل انسٽرڪٽر مقرر ڪيو ويو. جتي هن ست سال تعليم ڏني. ان بعد ٻيهر مهراڻ يونيورسٽيءَ ۾ موٽي آيو جتي کيس ميٽلرجي ۽ مٽيريل انجنيئرنگ واري شعبي ۾ پروفيسر مقرر ڪيو ويو. اڳتي هلي انجنيئرنگ فيڪلٽيءَ جي ڊين طور ذميداريون سنڀاليائين. هن خيرپور ميرس ۾ قائم مهراڻ يونيورسٽيءَ جي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ڪئمپس جي پرو وائس چانسلر طور پڻ ڪم ڪيو. ڊاڪٽر چانڊيو پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل جي گورننگ باڊيءَ جو ميمبر پڻ رهيو. رٽائر ٿيڻ کان ڪجهه عرصو پوءِ تاريخ 09 سيپٽمبر 2024ع تي سندس ساهه جو سڳو ٽٽي پيو.

روزاني عبرت

CLASSIFIED ADVERTISMENT

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سينئر سول جج 6th حيدرآباد
ايف سي سوٽ نمبر 184 سال 2026

مسمات مريم زال محمد وقاص پلينٽف. بخلاف. (1) شاهد حميد ولد عبدالحميد رهندڙ گهر نمبر C-1200 يونٽ نمبر 8 لطيف آباد حيدرآباد (2) محمد نقاش صديقي ولد قاضي محمد قمرالدين رهندڙ گهر نمبر 380 بلاڪ سي يونٽ نمبر 8 لطيف آباد (3) سب رجسٽرار پراپرٽي لطيف آباد (4) ايڇ سي تعلقو لطيف آباد (5) مختيارڪار روينيو تعلقو لطيف آباد .. ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف سوٽ فار ڊڪلريشن ڪينسليشن آف سيل ڊيڊ مينڊيٽري اينڊ پرمننٽ انجڪشن لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 12-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سينئر سول جج 6th حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سينئر سول جج VI حيدرآباد
ايف سي سوٽ نمبر 419 سال 2026

حسنين ولد ارشد رهندڙ بنگلو نمبر 97 فيز 2 مير حسن آباد تعلقو لطيف آباد ضلعو حيدرآباد پلينٽف. بخلاف. (1) خير محمد عرف عمران ولد قربان علي جتوئر رهندڙ گهر نمبر 8 سنگم ويو هائوسنگ اسڪيم مير حسين آباد لطيف آباد (2) بيبي ڪنيز زهره ڌيءُ ميان علي حيدر رهندڙ پي او مسڻ وڏي تعلقو جهنڊو مري ضلعو ٽنڊو الهيار (3) فضل علي ولهاري ولد محمد مقبول رهندڙ مسڻ وڏي تعلقو جهنڊو مري ضلعو ٽنڊو الهيار (4) رجسٽرار پراپرٽي تعلقو لطيف آباد (5) ايڇ سي لطيف آباد (6) مختيارڪار روينيو تعلقو لطيف آباد .. ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف سوٽ فار ڊڪلريشن...

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج ڄامشورو
فيملي سوٽ نمبر 249 سال 2026

مسمات فهميده پلينٽف. بخلاف. محمد صديق ولد مولا بخش ذات سنجراڻي رهندڙ ڳوٺ مهر خان سنجراڻي تعلقو ضلعو شڪارپور 03053619840 .. ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 14-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ فيملي جج ٽنڊوالهيار
فيملي سوٽ نمبر 106 سال 2026

مسمات حسن بانو ڌيءُ عاشق علي ذات بلوچ رهندڙ بلوچ ڪالوني ٽنڊو الهيار پلينٽف. بخلاف. سجاد علي ولد حاجي خان ذات بلوچ رهندڙ گهرنمبر 1240 محلو بخاري امام بخاري درگاهه تعلقو شهدادپور ضلعو سانگهڙ 03121313193 .. ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 15-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ فيملي جج ٽنڊوالهيار

سنڌ اليڪٽرڪ پاور ريگيوليٽري اٿارٽي

SEPRA
SINDH ELECTRIC POWER REGULATORY AUTHORITY

پبلڪ نوٽيس _ ڊرافٽ سيپرا مائيڪرو گرڊز ريگوليشنز 2026 تي عوامي راين/خيالن جي دعوت

سنڌ اليڪٽرڪ پاور ريگيوليٽري اٿارٽي (SEPRA)، ايڪٽ 2023 تحت حاصل ٿيل اختيارن کي استعمال ڪندي، سنڌ صوبي ۾ مائيڪرو گرڊز جي ترقي، آپريشن، لائسنسنگ، ٽيرف، ٽيڪنيڪل معيارن، صارفين جي تحفظ ۽ ٻين لاڳاپيل معاملن بابت مناسب ريگيوليٽري فريم ورڪ قائم ڪرڻ جي مقصد لاءِ ڊرافٽ سيپرا مائيڪرو گرڊز ريگوليشنز 2026 تيار ڪيو آهي.

اٿارٽي پاران سڀني دلچسپي رکندڙ فردن/اسٽيڪ هولڊرن، جن ۾ مائيڪرو گرڊ ڊولپرز/آپريٽرز، بجلي جا صارفين، ڊسٽريبيوٽر ڪمپنيون، سيڙپڪار، قابلِ تجديد توانائي جا ڊيولپرز، انڊسٽري جا نمائندا، سرڪاري ادارا، پيشيور، ماهر ۽ عام عوام شامل آهن، کان مٿئين ڊرافٽ ريگوليشنز تي تبصرا، تجويزون، اعتراض ۽ سفارشون طلب ڪيون وڃن ٿيون.

ڊرافٽ سيپرا مائيڪرو گرڊز ريگوليشنز 2026 جي هڪ ڪاپي سيپرا (SEPRA) جي آفيس مان حاصل ڪري سگهجي ٿي ۽/يا سيپرا جي آفيشل ويب سائيٽ www.sepra.gos.pk تان پڻ حاصل ڪري سگهجي ٿي.

دلچسپي رکندڙ ماڻهن/اسٽيڪ هولڊرن کي گذارش ڪئي وڃي ٿي ته اهي هن اطلاع جي شايع ٿيڻ واري تاريخ کان 15 ڪم واري ڏينهن جي اندر پنهنجا تحريري تبصرا، تجويزون، اعتراض يا سفارشون هيٺين عنوان کي واضح طور تي لکي جمع ڪرائين:

"Comments on Draft SEPRA Microgrids Regulations, 2026"

تبصرا هيٺين پتي تي جمع ڪرائي سگهجن ٿا:

رجسٽرار
سنڌ اليڪٽرڪ پاور ريگيوليٽري اٿارٽي (SEPRA)
سميا اسڪاءِ ويو، 14هين ماڙ 1401-1404، سول لائينز، ڪراچي، سنڌ.

اي ميل:
1. info@sepra.gos.pk
2. registrar@sepra.gos.pk

ويب سائيٽ: www.sepra.gos.pk

WORK FOR SINDH www.iwork4sindh.com
JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT
INF/KRY/3939/2026

ٽنڊوڄام ۾ ڊرائيورن جي ريس معصوم ٻار جي حياتي کسي ورتي، 5 ورهين جو ٻينگر فوت

اسڪول بس مان ٻاهر منهن ڪيو ڏسندڙ پهرين ڪلاس جو شاگرد تفصير احمد ٽرڪ جي ٽڪر جو شڪار ٿيو

بس ۽ ٽرڪ ڊرائيور هڪ ٻئي کان گوءِ کڻڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا: بس ۾ سوار شاگردن جو بيان

پوليس پاران فوتي ٻينگر جو لاش پوسٽ مارٽم لاءِ حيدرآباد منتقل، ٽرڪ تحويل ۾ وٺي ڊرائيور گرفتار

ٽنڊوڄام (ت ر) ٽنڊوڄام ۾ ڊرائيورن جي هڪ ٻئي کان گوءِ کڻڻ جي ڪوشش پنجن سال جي معصوم ٻينگر جي حياتي کسي ورتي. ڳوٺ دريا خان ناهيوڻ جي اسڪول بس ٽنڊوڄام مان ٻارن کي ڪٺي واپس وڃي

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: حيسڪو چيف ايگزيڪيوٽو فيض الله ڏاهري ۽ احسان الله ڏاهري جي پيڻ آپا نعمت خاتون جي جنازه نماز ادا ڪئي پئي وڃي

ڪنڊڪوٽ لڳ گهرو اڻبڻت تان نوجوان پسٽل جو فائر ڪري خودڪشي ڪري ڇڏي

ڪنڊڪوٽ (ع ر) ڪنڊڪوٽ لڳ بخشاپور ٿاڻي جي حد ڇلڪو واري علائقي ڳوٺ بالاچ خان بنگوار ۾ گهرو اڻبڻت نوجوان شير باز عرف فهند بنگوار گهر اندر در بند ڪري مبينا طور پاڻ مٿان پسٽل جو فائر ڪري پنهنجي زندگي جو انت آڻي ڇڏيو ۽ خودڪشي ڪري ڇڏي فائرنگ جو آواز ٻڌڻ شرط گهر ڀاتين گهر جو دروازو

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

ڪنڊڪوٽ: پاڻ مٿان پسٽل جو فائر ڪري آپگهات ڪندڙ نوجوان

ڄامشورو لڳ گاڏي جي ٽڪر ۾ موٽرسائيڪل سوار عورت فوت

لوٽي وٽ نامعلوم گاڏي جي ٽڪر ۾ 19 ورهين جي ريما ٻاهوڙو زخمي ٿي پئي

ڪوٽڙي (ن ع) ڄامشورو لوٽي وٽ نامعلوم گاڏي جي ٽڪر ۾ موٽر سائيڪل سوار 19 ورهين جي عورت فوت ٿي وئي اطلاع موجب، نامعلوم گاڏي موٽر سائيڪل کي ٽڪر هڻي فرار ٿي وئي جنهن جي نتيجي ۾ 19 ورهين جي ريما ڌي لياقت علي ٻاهوڙو سخت زخمي ٿي پئي ۽ زخمن جا سور نه سٺندي ٿي فوت ٿي وئي واقعي ڪاڻ پوءِ حد جي پوليس لاش کي ڊي ايڇ ڪيو اسپتال ڪوٽڙي منتقل ڪيو جتي پوليس پاران عورت جي فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي وئي آهي پوليس موجب، 19 سال ريما جي سڄاڻپ سندس وڏن مليل

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

سيٺارجا ۽ ڀرپاسي بدامني تي ضابطو نه آيو هٿياربندن جي گهر تي ڪاهه، لکين رپين جي ڦرلٽ

ڳوٺ درمحمد چاڪراڻي واسي ربڏنو چاڪرڻي جي گهر تي هٿياربندن چڙهائي ڪري ڀاتين کي يرغمال بڻايو

هٿياربند وحشياڻي تشدد جو نشانو بڻائي لکين روپين جو قيمتي سامان ڦري ڪري فرار ٿي ويا

پوليس رشوت نه ڏيڻ ڪري ڪيس داخل ڪرڻ کان انڪاري آهي، ايس ايس پي نوٽيس وٺي انصاف ڪري: متاثرين

سيٺارجا (ن ع) سيٺارجا ۾ ڌوهارين جو راڄ هٿياربندن جو گهر تي ڌاڙو گهر ڀاتين مٿان سخت تشدد ۽ يرغمال بڻائي سون روڪ رقم ۽ قيمتي سامان ڦر ڪري فرار ضلعي خيرپور ۾ ڌوهارين کي ڇڻ نه ڪليل

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

لکي غلام شاهه: هٿياربندن جي فائرنگ ۾ زخمي ٿيل نوجوان جو علاج ڪيو پيو وڃي

سيٺارجا ۾ مگسهار برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، 4 ڄڻا رتورت

سم نالي وٽ رهندڙ ڌرين معمولي ڳالهه تان هڪ ٻئي مٿان ڏنڊن ۽ سرن سان حملا ڪيا

ٻنهي ڌرين پاران زخمين کي اسپتال منتقل ڪري هڪٻئي خلاف ڪيس داخل ڪرايا

سيٺارجا (ن ع) سيٺارجا شهر جي سم نالي وٽ رهندڙ مگسهار برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ معمولي ڳالهه تان جهيڙو ٿي پيو جنهن دوران ڌرين پاران هڪ ٻئي مٿان ڏنڊن سرن ۽ ڇرين سان حملو ڪيو ويو جنهن سبب علائقي ۾ خوف ۽ ڇڪتاڻ واري صورتحال پيدا ٿي وئي جهيڙي دوران سرن ۽ ڏنڊن جي استعمال سبب ٻنهي ڌرين جا 2، 2 ماڻهون زخمي ٿي پيا جن کي اسپتال منتقل ڪيو ويو. جڏهن ته سيٺارجا ٿاڻي تي ٻنهي ڌرين پاران ريوڪس داخل ڪرايون ويون آهن.

راڌڻ: ڪرڪيٽ گرائونڊ ڳندي پاڻي ڀريل نظر اچڻ تي جڏهن ته رانديگرن احتجاج ڪندي

راضيديرو پرسان هٿيار بند چورن ڳوٺاڻي جي گهر کي ڪاٽ هڻي ميٺهن ڪاهي ويا

راضيديرو (ن ع) راضيديرو پرسان ڀهارو ٿاڻي جي حد ۾ ڳوٺ منشي عبدالله آرائين ۾ هٿياربند چور ڳوٺاڻي طالب حسين آرائين جي گهر کي ڪاٽ هڻي پلوڙ ميٺهن ٻڌ سميت ڪاهي ڪي رهيا ته گهر ڀاتين

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: مزدور پنهنجي ڪم واري جاءِ تي اسٽيل جون بالٽيون تيار ڪرڻ ۾ مصروف آهي

سيٺارجا ويجهو ڪار ۽ موٽر سائيڪل ۾ ٽڪر، 3 ٻار هڪ عورت سميت 5 زخمي

ٻيڙو اسٽاپ وٽ حادثي ۾ 10 ورهين جي اقرا، 4 جي عروج، هڪ سال جو آريان ۽ ٻيا زخمي ٿي پيا

اطلاع تي پوليس پهچي زخمين کي ڪڍائي گمس اسپتال منتقل ڪري جاچ شروع ڪئي

سيٺارجا (ن ع) سيٺارجا ويجهو مهراڻ هاءِ وي تي پير ٻيڙو اسٽاپ وٽ موٽر سائيڪل سوارن سان ڪار جو ٽڪر ٿي پيو حادثي جي نتيجي ۾ سيٺارجا جو صحافي پرويز علي سهتو سندس ٻه معصوم نياڻيون 10 سالا اقرا، 4 سالن جي عروج فاطمه، ۽ سندس هڪ سال جو پٽ آريان علي ۽ سندس زال سخت زخمي ٿي پيا جڏهن ته موٽر سائيڪل هلائيندڙ عاشق علي ڪاليرو سخت زخمي ٿي پيو جنهن مان عاشق علي جي حالت ڳڻتي جوڳي ٻڌائي پئي وڃي حادثي ۾ زخمي ٿيلن کي ايمبولينس ذريعي فوري طور گمس گمبٽ منتقل ڪيو ويو

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

لکي غلام شاهه ۾ قومي شاهراهه تي ڦرلٽ جي ڪوشش، مزاحمت تي نوجوان زخمي

سکر-شڪارپور قومي شاهراهه تي هٿياربندن ڦرلٽ جي ڪوشش ڪئي، مزاحمت تي فائرنگ

ڳوٺ ٻگن خان ٻجاراڻي واسي 35 ورهين جو جان محمد چولياڻي گولي لڳڻ سبب سخت زخمي

لکي غلام شاهه (رپورٽ عبدالرزاق مهر) لکي غلام شاهه: قومي شاهراهه تي هٿياربندن جي ڦرلٽ جي ڪوشش مزاحمت تي نوجوان کي گولي هڻي زخمي ڪري ڇڏيو لکي غلام شاهه ٿاڻي جي حدن ۾ سکر-شڪارپور قومي شاهراهه تي نامعلوم موٽرسائيڪل سوار هٿياربندن ڦرلٽ جي ڪوشش ڪئي متاثر شخص پاران مزاحمت ۽ مذمت ڪرڻ تي هٿياربندن فائرنگ ڪري ڏني، جنهن جي نتيجي ۾ ڳوٺ ٻگن خان ٻجاراڻي واسي 35 ورهين جو جان محمد ولد منشي الله رکيو چولياڻي گولي لڳڻ سبب سخت زخمي ٿي پيو. زخمي جان محمد کي

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

نوشهروفيروز: سنڌي ادبي سنگت جي اڳوڻي رابطه سيڪريٽري گل مورو جي پنجين ورسي ملهائي پئي وڃي

حيسڪو جون بجلي چورن ۽ ٻاقيدارن خلاف ڪارروايون، 294 غيرقانوني ڪنيڪشن ڪاٽا

حيدرآباد، نوابشاهه ۽ ميرپورخاص سرڪلز ۾ آپريشن، 3 ٽرانسفارمر به منتقطع، 39 لک رپين کان وڌيڪ ريڪوري

بجلي چوري خلاف ٻنا فرق ڪارروائي جاري، بقايا فوري ادا نه ڪندڙن جا ڪنيڪشن ڪاٽڻ ۽ قانوني ڪارروائي جي وارننگ

حيسڪو چيف فيض الله ڏاهري پاران صارفين کي وقت سر بل ادا ڪرڻ ۽ بجلي چورن خلاف حيسڪو جو ساٿ ڏيڻ جي اپيل

حيدرآباد (پ ر) ايس اي آپريشن سرڪل حيدرآباد عقيل نور ميمڻ جي هدايت تي ڊويزن لطيف آباد (ون) جي سب ڊويزن رضوي هسپتال، ڊويزن گاڏي ڪاتو جي سب ڊويزن لياقت ڪالوني ۽ ڊويزن ٽنڊو الهيار جي سب ڊويزن ٽنڊو الهيار- I ۾ ڪارروايون دوران 117 غير قانوني ڪنيڪشن منتقطع ۽ 700 ميٽر غير قانوني تار تحويل ۾ ورتي

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

شڪارپور پوليس پاران شاگرد عمر لاشاري ڪيس جي 3 جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

شڪارپور (د ر) شڪارپور پوليس شاگرد محمد عمر لاشاري جي قتل ڪيس کي حل ڪرڻ ۾ اهم اڳڀرائي ڪري ڪن جوابدارن کي گرفتاري ڪري ورتو آهي ايس ايس پي محمد ڪليم ملڪ جي مطابق گرفتار ٿيل جوابدارن جي سڃاڻپ

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

خيرپور پبلڪ هيلٿ کاتي جي ڪجهه ملازمن پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ مظاهرو

ملازمن ارباب ڪانهو، محمد بچل کٽوهر، سيد حسين ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

پگهارن مان ڪٽوتي ۽ انجنيئر جي ناجائزين جو نوٽيس وٺي جائز مطالبا منظور ڪيا وڃن

خيرپور (د ر) خيرپور پبلڪ هيلٿ کاتي جي ڪجهه ملازمن پاران پگهارن مان ناجائز ڪٽوتي ۽ انجنيئر جي ناجائزين خلاف پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري انجنيئر خلاف سخت نعريبازي ڪئي احتجاج جي اڳواڻي ارباب ڪانهو محمد بچل کٽوهر سيد حسين شاهه لطيف ڏنو ٿانئج خادم وساڻ ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا. ان موقعي تي اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته پبلڪ هيلٿ کاتي خيرپور ون جو انجنيئر ڪجهه ملازمن جي پگهارن مان مبينا طور هر ٽئين مهيني 25 کان 30 هزار ناجائز ڪٽوتي ڪري رهيو آهي جنهن

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

ميهڙ جا بنيادي مسئلا حل نه ٿيا ته ڇهن ڏينهن بعد تحريڪ هلائينداسين: شهري اتحاد

اربين رپين جي واٽر سپلاءِ ۽ فلٽر پلانٽ باوجود شهرين کي صاف پاڻي نٿو ملي

شهر ۾ گندگي جا ڍير نالن جي صفائي نه ٿيڻ ۽ ٽٽل روڊن سبب شهري سخت پريشان

ميهڙ (ن ع) شهري اتحاد ميهڙ جي چيئرمين نياز علي ٻرڙو قومي عوامي تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ ايڊووڪيٽ منور جتوئي پي ٽي آءِ تعلقه ميهڙ جي صدر محمد ايوب ڪوسو ۽ ايڊووڪيٽ شير علي چانڊيو ميهڙ ۾ اهم پريس ڪانفرنس ڪندي جو اظهار ڪندي لاڳاپيل اختيارين کان فوري قدم کڻڻ جو مطالبو ڪيو آهي پريس ڪانفرنس دوران اڳواڻن چيو ته ميهڙ شهر ۾ اربين رپين جي لاڳت سان قائم ڪيل واٽر سپلاءِ ۽ فلٽر پلانٽ باوجود شهرين کي پيئڻ جو صاف پاڻي فراهم نه

عمرڪوٽ لڳ پاڻي جي واٽر مان نوجوان جو لاش هٿ

اطلاع تي پوليس پهچي جيرام جو لاش ڪڍائي اسپتال منتقل ڪيو

ضروري ڪارروائي بعد مڙهه وارثن جي حوالي، وڌيڪ جاچ ڪيون پيا:پوليس

عمرڪوٽ (د ر) عمرڪوٽ لڳ ڪندي اسٽاپ پرسان هوتو ڪولهي پاڙي ۾ پاڻي جي واٽر مان 25 ورهين جي نوجوان جيرام ولد گلو ڪولهي جو ٻڏل حالت ۾ لاش هٿ آيو واقعي جي اطلاع ملڻ تي حد جي پوليس پهچي لاش پنهنجي تحويل ۾ وٺي سول اسپتال عمرڪوٽ منتقل ڪيو پوليس موجب واقعي بابت وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي، جڏهن ته نوجوان جي موت جا سبب معلوم ڪرڻ لاءِ ضروري قانوني ڪارروائي ڪئي وئي آهي ٻئي طرف نوجوان جو لاش گهر پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو

ٽنڊوآدم ۾ دڪاندار موبائل چوري ڪندي چور سوگهو ڪري مارڪٽ بعد پوليس حوالي ڪيو

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم جي سٽي ٿاڻي جي حد ظفر موبائل مارڪيٽ ۾ جوابدار پاران ڪامران قريشي جي موبائل فون جي دڪان مان موبائل چيڪ ڪرڻ جي بهاني موبائل فون کڻي فرار ٿي ويو دڪاندار فوري طور تي ٻين دڪاندارن سان گڏجي

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي ۾ بنيادي سهولتن جي کوٽ ايس، ٽي، پي جي ڪئمپ تي پوليس چڙهائي، ڇڪريون

ٽن ڏينهن واري جاري ايس، ٽي، پي پاران لڳل ڪئمپ تي پوليس پهچي چڙهائي ڪري پٽرائي ڇڏي

ڇڪتاڻ بعد ڪارڪنن يونس اوٺو، ارشاد ڀنڊور ۽ ٻين مزاحمت ڪرڻ کان پوءِ ٻيهر ڪئمپ لڳائڻ شروع ڪري ڇڏي

ڊي ايڇ ڪيو اسپتال ۾ بنيادي طبي سهولتون فراهم ڪري دوائن ۽ ليبارٽري ٽيسٽن جي کوٽ ختم ڪئي وڃي: مظاهرين

ڪوٽڙي سائيٽ (رپورٽ نعيم اختر سومرو) ڪوٽڙي سائيٽ ڊي ايڇ ڪيو اسپتال ۾ بنيادي سهولتن جي مبينا کوٽ خلاف ٽن ڏينهن واري جاري ايس ٽي پي ضلعي ڄامشورو پاران لڳل ڪئمپ تي پوليس

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

پيارو اسٽيشن ۾ نامعلوم چور صحافي گهر مان سونا زيور ڪڍي فرار

نامعلوم چورن گهر جي ڇت پچي اندر داخل ٿي ڪپڙا، سونا زيور ۽ ٻيو سامان چوري ڪيو

پيارو اسٽيشن ۽ ڀرپاسي ۾ چورين ۽ ڦرين روز جو معمول بڻيل آهن علائقي ۾ بدامني وڌي وئي: صحافي

ڦلجي اسٽيشن (ن ع) پيارو اسٽيشن ۾ نامعلوم چورن پريس ڪلب جي صدر وحيد پرڳڙي جي گهر جي ڇت پچين گهر اندر داخل ٿي ڪري گهر ۾ رکيل قيمتي سامان سونا زيور ڪپڙا ۽ ٻيو سامان چوري ڪري ۽ ڀرپاسي جي علائقن ۾ چورين ۽ ڦرن جو وارداتون روز جو معمول بڻيل آهن علائقي ۾ بدامني وڌي وئي آهي ۽ پيارو اسٽيشن ۽ رڪڻ پوليس ڌوهن تي ضابطو نه ڪري سگهي آهي اهڙي قسم جي واقعي کان پوءِ

چوهڙجمالي: سيد نواز شاهه پاڏائي پريس ڪانفرنس ڪري خطاب ڪندي

تعليم حاصل ڪرڻ جي ڪاٻ عمر جي حد نه رکيل آهي:شفيع ملاح

اسان جو فرض ٿو ٿئي ته ناخواندگي ختم ڪرڻ لاءِ علم جي پرچار ڪريون

مانجهند (ن ع) گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول مانجهند ۾ 8 سيپٽمبر خواندگي جي عالمي ڏينهن تي منسٽري آف فيڊرل ايجوڪيشن اين سي ايڇ ڊي ڄامشورو جي سول سرونٽ گريڊيڊ فيلڊ آفيسرس شفيع ملاح مولابخش ميربحر، گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول مانجهند جي هيڊ ماسٽر اميربخش لاکو مين پرائمري اسڪول مانجهند هيڊ ماسٽر برڪت علي جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي وئي جنهن ۾ استادن شاگردن ڀرپور شرڪت ڪئي خواندگي ريلي کي شفيع ملاح اميربخش لاکو مولابخش ميربحر محمد رحيم مريداڻي برڪت علي ملاح

بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوڄام ۾ عورت ۾ مڙس جي ظلم خلاف احتجاجي مظاهرو مدد جي اپيل

ٽنڊوڄام (ت ر) مڙس جي ظلم کان تنگ عورت مسمات خالده تحفظ ۽ مدد جي اپيل لاءِ ٽنڊوڄام پريس ڪلب پهچي وئي مسمات خالده ٽنڊوڄام پريس ڪلب پهچي ڳالهائيندي چيو ته سندس مڙس ڪاشف سولنگي مٽس تشدد ڪري ٿو ۽ سندس ڪاڏو پيئو به بند ڪري ڇڏيو اٿس هن

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار ۾ ڪتن جي ڏاڙهڻ کان بچاءَ ۽ مهم تيز ڪرڻ جو فيصلو

ڊپٽي ڪمشنر جي صدارت هيٺ اجلاس، ڪتن جي ڏاڙهڻ وارن واقعن جي روڪٿام لاءِ قدمن جو جائزو

ڪتي جي ڏاڙهڻ جي صورت ۾ متاثرن کي فوري طبي امداد ۽ ويڪسين جي فراهمي يقيني بڻائي وڃي: ڊپٽي ڪمشنر

ٽنڊوالهيار (د ر) ڊپٽي ڪمشنر ٽنڊوالهيار نور مصطفيٰ لغاري جي صدارت هيٺ ضلعي ۾ سگ گزيدگي (ڪتن جي ڏاڙهڻ کان بچاءَ) مهم بابت هڪ اهم اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ ضلعي اندر آوارا ڪتن جي خاتمي، ڪتن جي ڏاڙهڻ وارن واقعن جي روڪٿام ۽ عوام کي بروقت طبي سهولتون فراهم ڪرڻ بابت قدمن جو جائزو ورتو ويو اجلاس ۾ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون آصف علي خاصخيلي، ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ٽو ميڊم صوفيا عابد، ضلعي صحت آفيسر ٽنڊوالهيار ڊاڪٽر نجمه ڪوش اسسٽنٽ ڪمشنر ٽنڊوالهيار بابر

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي سائيٽ: اسپتال ۾ بنيادي سهولتن جي کوٽ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڪيرو ۾ عدالت ٻينگري سان زيادتي ثابت ٿيڻ تي جوابدار کي قيد ۽ ڏنڊ جي سزا

ڪيرو (ن ع) ايڊيشنل سيشن جج فائق علي پٺاڻ ٻارڙي سان زيادتي واري ڪيس ۾ ڏوهه ثابت ٿيڻ تي جوابدار بڃايو ڏاليبر کي عمر قيد ۽ ٻه لک رپيا ڏنڊ جي سزا ٻڌائي ڇڏي ڪيس جي پيروي سرڪاري وڪيل محمد خان پيرزادي ڪئي تفصيل موجب جهول ٿاڻي جي حد ۾ 11 ورهين جي

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

صوبائي وزير جيل خانا جات علي حسن زرداري جو سينٽرل جيل حيدرآباد جو دورو

علي حسن زرداري صفائي سترائي، کاڌ خوراڪ ۽ کاڌو تيار ڪرڻ واري طريقيڪار جو جائزو ورتو

قيدين کي قانون موجب معياري ۽ متوازن خوراڪ جي فراهمي کي هر صورت ۾ يقيني بڻايو وڃي:علي حسن زرداري

ملاقات عمل کي وڌيڪ شفاف ۽ آسان بڻايو وڃي، پري کان ايندڙ ملاقاتين کي ڪنهن به قسم جي تڪليف کي منهن نه ڏيڻو پوي

حيدرآباد (رپورٽ غلام حسين خاصخيلي) صوبائي وزيرجيل خانا جات علي حسن زرداري سينٽرل جيل حيدرآباد جو دورو ڪيو _ دوري جو مقصد جيل ۾ قيدين کي فراهم ڪيل ويندڙ سهولتن ۽ انتظامن جو جائزو وٺڻ هو _ دوري دوران صوبائي وزير جيل جي بورچي خاني معائنو ڪيو جتي هن صفائي سترائي جي انتظامن ، کاڌ خوراڪ وارين شين جي معيار ۽ کاڌو تيار ڪرڻ واري طريقيڪارجو باريڪ بيني سان جائزو ورتو _ هن لاڳاپيل انتظاميا کي

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي ۾ عالمي خواندگي ڏينهن جي حوالي سان ريلي، پڙهندو سنڌ ته وڌندو سنڌ" جا نعرا

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) ڪوٽڙي ۾ عالمي خواندگي ڏينهن جي موقعي تي ريلي "پڙهندو سنڌ ته وڌندو سنڌ" جا نعرا.

لاڙڪاڻو: هڪ مزدور ريلوي اسٽيشن پارڪ جي داخلا گيٽ کي غير روايتي انداز ۾ خوبصورت بڻائڻ ۾ مصروف آهي

ٽنڊوڄام ۾ اسپورٽس ۽ يوٿ افيئرز کاتي پاران زرعي يونيورسٽي ۾ "يوٿ سمٽ 2026" جو انعقاد

سڄي سنڌ مان زراعت ۾ دلچسپي رکندڙ نوجوانن ۽ تعليمي ماهرن جي وڏي انگ ۾ شرڪت

جديد ٽيڪنالاجي، مشينري ۽ نون زرعي طريقن سان ڀهراڙيءَ جي نوجوانن کي بااختيار بڻائي سگهجي ٿو: مقرر

ايگري ٽيڪ موسمي تبديلين کي منهن ڏيڻ ۽ زرعي پيداوار وڌائڻ لاءِ وقت جي اهم ضرورت قرار

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) صوبائي وزير راندين ۽ يوٿ افيئرز سردار محمد بخش خان مهر ۽ سيڪريٽري راندين يوٿ افيئرز منور علي مهيسر جي هدايتن تي ڊائريڪٽوريٽ آف يوٿ افيئرز اسپورٽس

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

ڪيرو ۾ ٻڪري ڪپائي ايندڙ پيرسن کان هٿياربند رقم ڦري ويا، متاثر پاران پٽون ۽ پاراتا

ڪيرو (ن ع) ڪيرو ۾ مال پڙي تي ٻڪري ڪپائي ايندڙ پيرسن کان ڏينهن ڏٺي جو روڪ رقم ڦر ڪري ويا. ڦرجي ويل پيرسن ناميدي سبب ٿاڻي بدران ڦورن کي پٽون پاراتا ڏيندي ڳوٺ روانو. رپورٽ موجب ڪالهه ڏينهن ڏٺي جو موٽرسائيڪل سوار ٻن هٿياربندن عيد گاهه ريڄهو ڳوٺ هنگورا جي رهواسي پيرسن آچر هنگورو

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

شاهه لطيف گرلز ڪاليج حيدرآباد ۾ سيرت النبي ﷺ ڪانفرنس

پرنسپال پروفيسر راحيله بلوچ جي نگراني ۾ روح پرور محفل منعقد ڪئي وئي

ڪاليج ڪرونڪل "دي لطيفين ليجر" جي تقريب رونمائي منعقد ڪئي وئي

حيدرآباد (پ ر) گورنمينٽ شاهه لطيف گرلز ڪاليج حيدرآباد ۾ سيرت النبي ﷺ ڪانفرنس ۽ ڪاليج ڪرونڪل جي تقريب رونمائي گورنمينٽ شاهه لطيف گرلز ڪاليج حيدرآباد ۾ سيدالمرسلين خاتم النبيين ۽ رحمت للعالمين حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جي بارگاهه اقدس ۾ نذرانءِ عقيدت ۽ مدح سرائي جا گل نڇاور ڪرڻ جي مقصد سان پرنسپال شاهه لطيف گرلز ڪاليج پروفيسر راحيله بلوچ جي نگراني ۽ سرپرستيءَ هيٺ سيرت النبي ﷺ

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

تقريب ۾ وڏي انگ ۾ شاعرن، اديبن، سياسي سماجي اڳواڻن ۽ صحافين شرڪت ڪئي

گل مورو جاڪوڙي انسان هو ۽ گهڻ رخي شخصيت جو مالڪ هو: تاج جويو ۽ ٻين جو خطاب

نوشهروفيروز (د ر) سنڌ جي نالي واري اديب،شاعر محقق ۽ سنڌي ادبي سنگت جي اڳوڻي رابطه سيڪريٽري گل مورو جي پنجين ورسي سنڌي ادبي سنگت شاخ نوشهروفيروز پاران ڳوٺ راهب مورو ۾ ملهائي وئي، تقريب جي صدارت اديب ۽ سنڌي ادبي سنگت جي اڳوڻي سيڪريٽري جنرل تاج جويو ڪئي تقريب ۾ وڏي انگ ۾ شاعرن،اديبن سياسي سماجي اڳواڻن ۽ صحافين شرڪت ڪئي،تقريب کي خطاب ڪندي تاج جويو چيو ته گل مورو جاڪوڙي انسان هو ۽ گهڻ رخي شخصيت جو مالڪ هو هن چيو ته گل موري سنڌي

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

گمبٽ (ت ر) سنڌ جي مشهور علمي ديني ادبي شخصيت درگاهه مخدوم عبدالرحمان شهيد ۽ درگاهه مخدوم محمد اسماعيل پريالوءِ شريف جي سجاده نشين مخدوم نديم احمد هاشمي گمبٽ ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته سنڌ صدين کان قائم آهي ۽ رهندي سنڌ ڌرتي هڪ شاندار هزارين سالن جي تهذيب جو نالو آهي جنهن کي ٽڪرا ڪرڻ جو ڪو سوچي

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

سنڌ اسيمبلي ۾ مهانگائي، بدامني، بيروزگاري ۽ بنيادي مسئلن تي سنجيدگي سان بحث ٿيڻ گهرجي

احتجاج جو جمهوري رستو اختيار ڪندي سنڌ جي عوام کي پنهنجي موقف جو ڀرپور اظهار ڪرڻ گهرجي

چوهڙجمالي (ن ع) جيئي سنڌ محاذ جي مرڪزي وائيس چيئرمين سيد نواز شاهه پاڏائي چيو آهي ته سنڌ جي وحدت، وسيلن جي تحفظ ۽ سنڌ کي ورهائڻ وارين ڪوششن خلاف سنڌي قوم کي متحد ٿي پنهنجو پرامن ۽ جمهوري آواز بلند ڪرڻو پوندو هن سنڌ جي عوام کي اپيل ڪئي آهي ته 20 سيپٽمبر تي نوابشاهه ۾ منعقد ٿيندڙ وحدتِ سنڌ مارچ ۾ وڏ کان وڏ شرڪت ڪري سنڌ سان يڪجهتي جو اظهار ڪن چوهڙجمالي پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي سيد نواز شاهه پاڏائي چيو ته سنڌ اسيمبلي ۾ عوام کي

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي واسين جو مبينا ٻينگر کي ڪنپي گم ڪرڻ خلاف وارثن جو احتجاجي ڌرڻو

پوليس 8 ڏينهن اڳ 11 ورهين ڪلاس جي شاگرد حنيف هالو کي گهران ڪنپي گم ڪري ڇڏيو آهي: مظاهرين

ٻينگر اڳر ڪنهن ڏوهي سرگرمين ۾ ملوث آهي ته ڪيس ظاهر ڪري عدالت ۾ پيش ڪيو وڃي

ڪوٽڙي (رپورٽ حسين شورو) ڪوٽڙي سائيٽ ۾ 11هين ڪلاس جي شاگرد حنيف هالو جي بازيابي لاءِ وارثن پاران ڊي سي آفيس گيٽ اڳيان احتجاجي ڌرڻو هڻي روڊ بند ڪري ڇڏيو جنهن سبب ٻنهي

بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 5

باڊهه: ميلاد جي جلسي کي مقرر خطاب ڪندي

حيدرآباد جي سي يونيورسٽي لاءِ نجم الدين سوهو کي رجسٽرار مقرر ڪيو ويو

حيدرآباد (پ ر) گورنمينٽ ڪاليج يونيورسٽي حيدرآباد ۾ نجم الدين سوهو کي رجسٽرار مقرر ڪيو ويو آهي جنهن بعد هن اڄ آڳاري، 8 سيپٽمبر تي پنهنجي عهدي جو چارج سنڀالي ورتو يونيورسٽي برادري پاران نجم الدين سوهو کي رجسٽرار مقرر ٿيڻ تي مبارڪباد پيش ڪئي وئي ۽ سندس نئين ذميواريءَ ۾ ڪاميابي ۽ يونيورسٽي لاءِ خدمتن جي تسلسل لاءِ نيڪ خواهشن جو پڻ اظهار ڪيو ويو

ٺٽي ۾ سڄاڳ ٻار تحريڪ جي 48هين سالگرهه جي حوالي سان تقريب

سڄاڳ ٻار ۽ عوامي تحريڪ جي ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

رسول بخش پليجي سڄاڳ ٻار تحريڪ جو بنياد وڌو، تربيت ورتل ٻار اڄ سنڌ جو شعور ۽ سرمايو آهن: اڳواڻ

ٺٽو (د ر) سڄاڳ ٻار تحريڪ جي اٺيتاليهين سالگرهه جي موقعي تي نيشنل پريس ڪلب ٺٽي ۾ هڪ تقريب ٿي جنهن ۾ سڄاڳ ٻار تحريڪ ۽ عوامي تحريڪ جي ڪارڪن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي سنڌي مزدور تحريڪ جي مرڪزي صدر عبدالخالق گنڊري، عوامي تحريڪ ضلعي ٺٽي جي صدر رزاق چانڊيو ماروخشڪ احمد خشڪ سرويچ خشڪ ويرسي ميگهواڙ ۽ ٻين تقريرون ڪندي چيو ته

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5